
روُح رھاڑ





دادا گوبندرام پرتابراءِ ماکيجاڻي

هيءُ سندر سکيادائڪ پستڪ سنڌڙيءَ سڀاڳيءَ جي سپوتر
پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ جي اَمولڪ وچنن سان ڀريل، پنهنجي
پياري پوڄنيه پتا دادا گوبندرام ماکيجاڻيءَ جي پوتر يادگيريءَ ۾
پيارن سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن جي شيوا ۾ ڀيٽ ڪريان ٿو. خاطري
اٿم ته هڪ هڪ پريمي پاٺڪ هنن اَمولڪ وچنن جو آتمڪ رس
پيئندو ۽ ترپت ٿيندو.

شيوا ۾

هيرو ماکيجاڻي

لئگوس (نائيجيريا)

روُح رهاڻ

[ڀاڱو ٢]

دادا هھايگيم - ١٦/١٧-١-١٩٨٧

جشن واسواڻي

٢ رپيا

پيار جي ساکي

[دادا جشن جي اُپديش مان]

پيارو دادا ڪير هو؟

ستگر جي سندرتا جو سپنو هو. He was a dream of God's beauty. پياري دادا جي نيڻن مان پريوءَ اسان ڏي نهاريو ۽ سندس پوتر، ڪومل، نرمل هٿن مان آئي ٿي اسان تي اِيشور جي آسيس جي ڌارا. پياري دادا جا پير هئا پرٿويءَ تي: پر سندس هردو، سندس دل، سندس چت چوويهہ ئي ڪلاڪ رهيو ٿي چرنن ۾، ڪرشن جي ڪمل قدمن ۾!

پيارو دادا پريوءَ جي پيار جي هڪ بنسري هو. گهڻو وقت سانت ۾، بند ڪوٺيءَ ۾، ڌيان ۾ گذاريندو هو. پر جڏهن چپ کولي ڳالهائيندو هو ته لِئين سمجهه ۾ ايندو هو، جڻ ته موتي پيا ڪرن. ماڻهو کيس ٻڌندا هئا، عجب ۾ پوندا هئا. لوڪ اچي روز سندس چرنن ۾ وهندا هئا: اچي کيس نهاريندا هئا. سندس ٿورا وچن ٻڌندا هئا ۽ پڪاريندا هئا:- ”هي ڪهڙو عجيب اِنسان آهہ! هن جي مک مان پريو پيو ٻولي!“

پياري دادا جي سکيا ڪهڙي؟ ٻن اکرن ۾ آهي پياري دادا جي سکيا سمايل:- ”نه وساريو! نه وساريو!“ اسانجا ڪم ڪاريون، ڌنڌا ڌاريون، آهن ويسر جو وهنوار. اِنڪري اسين آهيون اونده ۾! چوگرد چوڌار آهہ اونده انڌڪار! ڏسو، ڪٿن نه ملڪ ملڪ سان پيو وڙهي، ڀاءُ ڀاءُ سان پيو جنگيون جوڙي! ڪيڏا نه

سمرپڻ

مٺڙي گرديو

جي ڪمل قدمن ۾!

Printed by Haresh G. Dodeja, Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2. Phone : 34494
Published by Sital G. Menghani C/o Sadhu Vaswani Mission,
10, Sadhu Vaswani Road, Pune 411001. Phone : 62310

اوڙاھ مان عرش ڏي!

مالڪ مٿي پنھنجي مھر ۾ انسان کي آتمڪ خزانن سان ڀري پرٿويءَ تي موڪليو:- ”پيارا! وڃ تون پرٿويءَ تي ياترا ڪر! ھي آتمڪ خزانا آھين. - دَيا ۽ ڏينتا، حليمائي ۽ ھمدردي، پوترتا ۽ پريم، ڪرڻا ۽ ڪرپا جا. اھي خزانا تون وڃي ونڊ، ورھاءِ ۽ سک پاءِ!“

پر انسان مايا جي چڪر ۾ غلطان! اکين ھوندي انڌو، ڪنن ھوندي ٻوڙو، ٻڌيءَ ھوندي ٻليل: افسوس! اوڙاھ ۾ ڪري پوي ٿو. ۽ اھي آتمڪ خزانا جي ڪيس پياري پڀوءَ ڏنا، سي وڃائي ڇڏي ٿو، سکڻو ٿي پوي ٿو سياويڪ سندس چت ۾ اشانتي اُتپن ٿئي ٿي. سندس ويچار ۽ وچن، سندس ڪم ۽ ڪاريون ڪيس پڀوءَ کان پري ڪري ڇڏين ٿيون. انسان ويچارو آتمڪ خزانن ھوندي به دک ۾ ڦٿڪي ٿو، لڇي ٿو، تڙڦي ٿو. مالڪ جي مھر ۾ ھڪ سڀاڳي ڏينھڙي سندس لاءِ سؤلو، سڀاڳو رستو کلي ٿو. سندس اندر جا ڪپاٽ کلن ٿا. ۽ ھو جاڳي ٿو، اگھور ننڊ مان اٿي ٿو. نيٺ ھڪ سڀاڳي ڏينھن اوڙاھ مان نڪري عرش تي پھچي ٿو.

اھو سؤلو رستو ڪھڙو؟ اھو رستو پڀوءَ جا پيارا ٻڌائين ٿا.- پنھنجن ويچارن ۽ وچنن دواران، جن ۾ سمايل آھي اھو آتمڪ ٻل، جو ڪمزور انسان کي آتمڪ شڪتي ڏئي ٿو، اوندھ انڌڪار مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو.

ٽڪرار! هر هنڌ هلي پيئي تکي تيز تلوار! اِن گوڙ شور جي وچ، اِنهن جهيڙن ۽ جنگين جي وچ اَچي پيو پياري دادا جو مٺو مڌر مرليءَ جو آواز:- ”نہ وساريو! نہ وساريو!“ آ! ڪٿي سي ، جي ٻڌن؟

نہ وساريو! ٻروءَ کي نہ وساريو! نام نہ وساريو! ٻنهنجن ڪمن ڪارين جي وچ رکو يادگيري اِڪ يار جي! هٿن سان ڪريو ڪم ڪار! دل ۾ رکو ياد اِڪ دلدار! دنيا کان ڀري نہ ڀڄو: ٻر دنيا جي وچ رهي ڏيو ساٿي اِڪ سٽگر جي! اِها ساٿي آهي پيار! هڪ هڪ کي ڏيو پيار! وڏن کي ۽ ننڍن کي، غريبن کي ۽ ساهوڪارن کي، سنتن کي ۽ پاپين کي، نندڪن کي ۽ گنهگارن کي، سڀني کي ڏيو پيار! سڀني ۾ پيئي چمڪي، پيئي مشڪي مورت اِڪ محبوب جي! دکي ۽ غريب بہ آهن اُن اِڪ جون مورتون: اُنهن کي نہ وساريو! جيڪي اُوهان کي آهہ، اُنهن سان ونڊيو ورهايو! اُنهن جي سيوا ڪريو! اُنهن اڳيان سر جهڪايو! اُنهن جي آسيس پايو!

اِهو اَٿو پياري دادا جو آواز، اِها اَٿو پياري دادا جي پڪار دل جي پڪار:- ”دنيا ۾ آيا خالي! دنيا مان نہ وڃجو خالي! ٻر پاڻ سان کڻي وڃو خزانو، سچو خزانو!“ اُهو خزانو، پياري دادا ٻڌايو تہ آهہ نام جو خزانو، پيار ۽ محبت جو خزانو، سيوا جو خزانو! جنهن ڏينهن نہ ڪمايوسين اُهو خزانو، سو ڏينهن وڃايوسين اَجايو، اَجايو! سِل اُهو خزانو ڪٺو ڪريون! انهنجو مانک جنم سڦل ڪريون!

سوال ڪانهيءَ پياري دادا جشن جي مک مان گنگا ندي وهندي. هڪ هڪ اکر جلوي ۽ جوت سان ڀريل، هڪ هڪ وچن ۾ آتمڪ شڪتيءَ جي سگند. سچي وايو منڊل ۾ نام جو وايو منڊل ان وايو منڊل ۾، ان پوتر وڪاس ۾ "روح رهاڻ" جو رس، آتم دايڪ رس ٻڌندڙن کي ملندو.

پڙهندڙ پيارا! دادا جشن جي دل پاڪ، هردو پوتر، سندس رڳ رڳ ۾ رام رس، سندس اکين ۾ اکير جي آتش: پنهنجي نرمل وچنن، پنهنجي نرمل اکڙين پنهنجي پوتر نرمل ڌارائن سان پيو لوڪن کي چکي! "روح رهاڻ" آهي رستو، روشن رستو، جنهن دواران انسان جو روح کلي ٿو.

ڌنيواد پيارن ڀائرن شري نرمل واسواڻي ۽ شري سيتل مينگهاڻيءَ کي ۽ پياري ڀيڻ شيلا سپيءَ کي، جن "روح رهاڻ" جا خزانا هن پستڪ دواران لوڪن اڳيان رکيا آهن. دادا جشن جي هر شبد ۾ آتمڪ روشني آهي، روحاني جهلڪ آهي. شردا ۽ صدق سان، شانت ۾، ايڪانت ۾ پڙهڻ سان ۽ ڌيان ڪرڻ سان، اسانجي اندر آتمڪ ڀڙڪو اٿنديون: اسانکي سجاڳ ڪري اوشيه پريوءَ جي چرنن ۾ ڇڪينديون!

گنگارام ساجنداس

پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ جي ”روح رهاڻ“ هڪ سولو رستو آهي، جو هن اسان ڀليل انسانن لاءِ کوليو آهي، جنهن دوارا اسان کي انوکو مارگ درشن مليو آهي. سندس پڪار ورئي ورئي هيءَ پئي ٿي آهي: ”اُٿو! اُٿو! پنهنجون آتمڪ شڪتيون کوليو! منهنجي مالڪ پنهنجي مهر ۾ اوهان کي ڇا نه ڏنو آهي! اوهان کي آتمڪ خزانا مليا آهن، جي اوهان اڃا کوليا ڪين آهن. پر دلگير نه ٿيو! همت رکو، صدق رکو، شردا رکو. نمرتا ۽ پريم ۾ اُڀو: اڄ آتمڪ رس پيئو: پنهنجي جيون نئين ڪريو!“

”روح رهاڻ“ آهي امرت، جنهن پيئڻ سان انسان جو اندر اُجل ٿئي ٿو، صاف ٿئي ٿو ۽ جڏهن اندر صاف ٿئي ٿو، تڏهن اندر جي آرسيءَ ۾ الک جو درشن پراپت ٿئي ٿو

پوڄنيه پياري دادا جشن اهو امرت پيتو آهي. پرم پياري پوڄنيه دادا سادو واسواڻيءَ جو پيارو بالڪ آهي. سندس چرنن ۾ پنهنجي جيون ارپن ڪري، پياري دادا جشن آتمڪ خزانا پراپت ڪيا آهن. هاڻ اهي آتمڪ خزانا پنهنجين مٺين روح رهاڻين دوارا پيو لوڪن ۾ ورهائي.

ڪن سالن کان پوڄنيه پيارو دادا جشن دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ ياترائون ڪري رهيو آهي ۽ لوڪن کي نام ڏانهن ڇڪي رهيو آهي. ڀارت ۾، ڀارت کان ٻاهر يورپ ۾، آمريڪا ۾، ايشيا جي ملڪن ۾، جدا جدا شهرن ۾ پيارو دادا جشن روح رهاڻ جا پروگرام ڪري رهيو آهي. سون جي تعداد ۾ ڀائر ۽ ڀينرون اچي ويهندا، پيارو دادا جشن اچي نندڙي ڪرسيءَ تي ويهندو. سڀني جون اکيون پياري جي اکڙين ۾. پيارو مشڪندو ۽ پنهنجي نورل نظر سان سڀن کي هڪ منٽ ۾ نهال ڪندو. سڄي ميڙ ۾ اُتساهه ۽ آنند جي لهر ڇانئجي ويندي.

”پيارا دادا! اڄ جو وچار ڇا آهي؟“ بس، ان نندڙي

سچو ساٿي اِڪ پريو

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

ڏين درد ڏک ڀڄنا، گهٽ گهٽ ناٿ اَناٿ:
سرڻ تماري آئيو، نانڪ ڪي پرڀ ساٿ!
[شري سکمني صاحب: اَشٽپدي ٢: شلوڪ]

پريوءَ جو هڪ نالو آهي ڏک ڀڃڻ. پريو ڪير؟ جو اَسان جا ڏک درد ڀڃي ٿو. اَهڙي پريوءَ وٽ اَسين ڪئن وڃون؟ ڪهڙي ڀاوَ ۾ وڃون؟ گروجن چون ٿا:- ”پيارا! اَهڙي پريوءَ وٽ توهين ڏين ٿي وڃو. جيڪو ڏين ٿي، مسڪين ٿي، نماڻو ٿي، ڪڇ ڪين ٿي پريوءَ وٽ اَچي ٿو، اُن جا ڏک درد پريو ڀڃي ٿو. پريو آهي ڏک ڀڃڻ.

وڌيڪ گروجن ڇا ٿا چون؟ اُهو پريو گهٽ ۾ ويٺو آهي. ٻي ڪين آهي. ڪنهن مندر ٽڪاڻي ۾ ڪين ويٺو آهي. هرهنڌ حاضر ناظر آهي. هڪ هڪ گهٽ ۾ ويٺو آهي. ”گهٽ گهٽ ناٿ اَناٿ“: ۽ اُهو پريو اَناٿن جو ناٿ آهي. جنهن اِنسان جي سنڀال ڪرڻ وارو ڪو ڪونهي، جنهن جو ڪو وڏو ڪونهي، اُن جو ناٿ آهي پريو پاڻ. اَهڙي پريوءَ لاءِ گروجن چون ٿا:- ”سرڻ تماري آئيو“: پريو! مان تنهنجي شرڻ ۾ آيو آهيان. ۽ پوءِ پروڙ پوي ٿي ته اُهو پريو هميشه مون سان ساٿ آهي. ”نانڪ ڪي پرڀ ساٿ“: هميشه ساٿ ٿي رهيو آهي. نه رڳو هن جنم ۾، پر جنم جنم ۾ هميشه مون سان آهي.

اُهو جو هميشه اَسان سان آهي،- سک شڪتيوان، سروگڻوءَ

وشيه سُوچي

هيئڙو غلام آهيان، مان هيئڙو وڪاميل آهيان. ڪڙون جو اِڪ ٽڪر.

اَسان جي من جي اُوسٿا گهڻو ڪم ڪري ٿي. جي مان سمجهان ٿو تہ مان راجا آهيان، مان بادشاہ آهيان، خبردار جو ڪير مونکي ڪجھ ڪري سگهي، ڪو منهنجي آڏو اَچي سگهي! منهنجي شڪتي هزار ڀيرا وڌي وڃي ٿي. پر جي مان سمجهان ٿو تہ مان غلام آهيان تہ منهنجي سڄي شڪتي گم ٿي وڃي ٿي. اِنسان جو آچرڻ (conduct, behaviour) من جي ورتين تي گهڻو مدار رکي ٿو.

مون کي ياد پوي ٿو، مان ننڍڙو ٻار هوس. هڪ ڏينهن رات جو موٽيس. اونده هئي. ٻجلي ڪونہ پئي ٻري. مون کي اُڃ لڳي. مون وٽي گلاس ۾ پاڻي ڀري پيتو. اَڃا هڪ ٻہ ڍڪ پيئم تہ سمجهيم تہ گلاس ۾ نانگ پيو آهہ. اَڙي، مون نانگ جو پاڻي پيتو آهہ. جڏهن ئي اِهو ويچار من ۾ آيو، منهنجي سڄي شڪتي بدن مان نڪري ويئي. ڇيرو، نانگ جو زهر پيتو اَٿم؛ هاڻي مان جلد خلاص ٿيندس. مون وڏي واڪا ڪيا تہ هاڻ وڃان ٿو. منهنجي پوڄنيہ ماتا اَچي حاضر ٿي. منهنجا پِتا بہ اَچي حاضر ٿيا. مون چيومان تہ مون نانگ جو پاڻي پيتو آهہ. هاڻي مان وڃان ٿو. مان توهان کان موڪلايان ٿو. اُتي ئي ڪري پيس، مون ۾ اُها شڪتي ڪونہ هئي، جو ٿورو ئي مان ڇڙي سگهان. يڪدم منهنجي پوڄنيہ ماتا ڊاڪٽر کي ماڻهو موڪليو. ئنهن وچ منهنجي پِتا چيو:- "ڏسان تہ سهي تہ ڪهڙو نانگ آهہ." گلاس ۾ نهاريائين تہ اُن ۾ هڪ ربر بئنڊ (rubber band) پيو هو. اَسان کي بال ملندا هئا. اُن بال جو ربر بئنڊ وڃي پاڻيءَ جي مٽڪي ۾ پيو. ۽ جڏهن مون گلاس ۾ پاڻي ڀريو تہ اُهو گلاس ۾ اَچي پيو. منهنجي پِتا يڪدم چيو:- "اَڙي، نانگ ڪٿي آهہ؟ هي تہ

اُن کي ڇڏي، ڏسو، اسين ڪٿي وڃي ٿا پهچون. اسان کي تڪليف اچي، اسين هيڏانهن وڃون، هوڏانهن وڃون. پوءِ جڏهن ڏسون ته ڪٿان به اسان کي مدد نٿي ملي، پرڀوءَ جي يادگيري پوي ٿي. پوءِ پرڀوءَ وٽ اچون ٿا.

دين درد دک ڀڃنا، گهٽ گهٽ ناٿ اناٿ:
سرڻ تماري آئيو، نانڪ ڪي پرڀ ساٿ!

دين ٿي اچون، نماڻا ٿي اچون، ڪجھ ڪين ٿي اچون. پرڀو! اسان ۾ ڪجھ ڪين آهي، نڪي ٻل، نڪي شڪتي، نڪي سمجھ. تون سڀ ڪجھ آهين. تنهنجي شرڻ ۾ آيا آهيون. تون اسانجا دک درد دور ڪر.

دروپديءَ جي ڳالھ توهان ٻڌي آھ. پنج ئي پانڊو پاڻ کي هارائين ٿا. دروپديءَ کي به هارائين ٿا. راڄ ڀاڳ سڀ هارائين ٿا. راجا يڌشٽر جوئا کيڏي، تنهن ۾ سڀ هارائي ٿو. هينئر هي پنج ئي پانڊو جي راجا هئا، غلام ٿي ڪورون جي دربار ۾ ويٺا آهن. پوءِ دشٽ دشاسن اُت حاضر آھ. دريوڌن اُن کي چوي ٿو:- "هيءَ دروپدي هينئر راڻي ڪين آھ. اسانجي غلام آھ، اسانجي نوڪرياڻي آھ. هن کي تون سڄي دربار جي اڳيان ننگو ڪر." ڏسو، ڪهڙو حڪم دريوڌن ڏئي ٿو. هڪ دفعي دروپديءَ دريوڌن تي کليو هو. دريوڌن کي خار هئا. چيو هئائين:- "هڪ ڏينهن مان هن کان وير وٺندس." توهين، منهنجا پيارا! مٿان ڪنهن تي کلو!

دروپديءَ کي غصو لڳي ٿو، ڇو ته هوءَ سمجهي ٿي ته مان اڃا راڻي آهيان. پر هينئر مهاراڻي ڪونه آھ. دروپدي ڀيم ڏي نهاري ٿي. ڀيم اهڙو جوڌو هو، جو رڳو اُٿي بيهندو هو، سڀ اُهي ڏڪندا هئا. ايڏي طاقت ڀيم ۾ هوندي هئي. ڀيم ڏي نهاري ٿي: پر ڀيم جو ڪنڌ هيٺ. ڇو جو ڀيم سمجهي ٿو ته مان

اِن ڏينهن جي ڀاڱَ ۾ هُن شيام کي پڪاريو. هي ڀيم جوڌو، هي اَرجن، هي نڪل، هي سهديو، هي يڌشٽر، ڪو بہ منهنجي رکيا نٿو ڪري. ڀيشم پتامهہ، دروڻا آچاريہ، وڏا وڏا ويٺا آهن. ڪو بہ منهنجي لاءِ هڪ آڱر بہ نٿو کڻي

”سرڻ تماري آئيو، نانڪ کي پرڀ ساٿ!“

تنهنجي شرڻ ۾ آئي آهيان. اِنڪري تون ئـي اِڪ ساٿي آهين. نہ فقط هن وقت، پر هميشہ هميشہ نہ فقط هن جنم ۾، پر جنم جنم ۾ تون منهنجو ساٿي ٿـي رهيو آهين تون منهنجي رکيا ڪر، تون منهنجي سنڀال ڪر!

اِن ڀاڱَ ۾ جڏهن اَسين وڏون ٿا تہ اَسانجو ٻيو ڪير ڪينهي، اَسانکي نڪا شڪتي آهہ، نڪو ڪو بل آهہ، نڪا ڪا سمجهہ آهہ. اَسانجي سمجهہ بہ تون، اَسانجو بل بہ تون، اَسانجي شڪتي بہ تون. پريو اَچي سهاءِ ٿئي ٿو.

دين درد دک ڀنجنا، گهٽ گهٽ ناٿ اَناٿ:

سرڻ تماري آئيو، نانڪ کي پرڀ ساٿ!

جيڪو بہ شرڻ ۾ اَچي ٿو، تنهن کي نٿو ڇڏي. چوي ٿو: هر حال ۾، هڪ هڪ ڳالهہ ۾، هڪ هڪ ويچار ۾، مونکي ياد ڪر تہ مان اوسان آهيان، توکان پري ڪين آهيان

پوني جي نزديڪ پنڌرپور آهہ. اِڪ وڏو تيرٿ آستان آهہ. وٺوبا جيءَ جو اُت مندر آهہ. سال بہ سال ڪيترا ياتري آکاڙ مهني جي ايڪادشيءَ تي اُت پنڌ ڪري وڃن. پونا کان اَٽڪل ڏيڍ سؤ ميل پري آهہ. روز.روز ۵ يا ۱۰ ميل پنڌ ڪن. مينهن پون يا اُس هجي، هي ياتري پرواهہ ڪين ڪن. ڪيترا پڙهيل ماڻهو پڻ وڃن جهانجهہ هٿن ۾ کڻي، ڪيرتن ڪندا، ڳائيندا وڃن. ڪاڏي پيتي جي پرواهہ ڪين ٿئي. ڪڏهن ڪنهن ڳوٺ مان، ڪڏهن ڪنهن شهر مان لنگهن، لوڪ اَلائي ڪيترين

رهڻ بند آهه." مون جو ٻڌو رهڻ بند آهه، مون کي شڪتي اچي ويئي. اتي جو اتي اتي چيم:- "ڪير ٿو چوي ته مان مران ٿو." انسان جو آچرڻ من جي ورتين تي گهڻو مدار رکي ٿو.

پيم سمجهيو ته مان هت غلام آهيان. سندس ڪنڌ هيٺ. ارجن ڏي نهاريائين ارجن جـوڌو، ڪيترين جنگين کٽي آيو؛ ارجن جو ڪنڌ هيٺ. ڀيشم پتامهه ڏي نهاري ٿي چويس ٿي:- "توهان ڌرم جو رکپال آهيو. توهان آواز اٿار." ڀيشم ڪؤرون جو نمڪ کاڌو هو. اهو به ڪجهه نه سگهيو. دروپدي چوي ٿي ته هاڻي مان شرڻ وٺنديس ڪرشن جي.

"تم بن ميري ڪؤن خبر لي، گووردن گرڌاري!"

دروپدي پڪاري ٿي. سندس پڪار تي ڪرشن اچي ٿو. چويس ٿو:- "مان توهانجي رکيا ڪندس. پر هڪ ڳالهه مونکي ٻڌاءِ ته تو هيل تائين ڪنهن کي ڪپڙي ٽڪر دان ۾ ڏنو آهه؟ جي تو ڏنو هوندو ته مان اُن ڪپڙي ٽڪر مان ڪيترائي ڪپڙا ڪڍي ڏيندس." دروپديءَ کي يادگيري پوي ٿي. چوي ٿي:- "هڪ دفعي مان هڪ نديءَ جي ڪپ تي ويٺي هئس. هڪ سنياسيءَ وڃي نديءَ ۾ سنان ڪيو. سنياسيءَ کي رڳو لنگوٽي ٻڌل هئي. لهر آئي، سندس لنگوٽيءَ کي ڪڍي ويئي. ءُ هو سنياسي ننگو ٿي پيو. ان حالت ۾ ٻاهر ڪين نڪري سگهي." دروپديءَ کي قياس آيو. پنهنجي ساڙهيءَ مان پٽي ڦاڙي سنياسيءَ کي موڪلي ٿي ان ويچار سان ته اها ٻڌي ٻاهر نڪري سگهي. ڪرشن چيس:- "اهو بس آهه. ان ٽڪر مان ڪيتروئي ڪڍي سگهان ٿو، جئن جادوگر پيا وات مان پٽيون ڪڍندا آهن. پوريون ٿين ئي ڪونه." دشاسن وڃي ساڙهي لاهيندو دروپديءَ جي ساڙهي وڌندي. پوري ٿئي ئي نه.

"تم بن ميري ڪؤن خبر لي، گووردن گرڌاري!"

اَڇن، شاهوڪار اَڇن. مون کان ٿوروئي ڪو وڌيڪ سندر هوندو.” ڪا به اِستري، ڪٿي سهڻي نه به هوندي، نه به آرسيءَ ۾ نهاري ٻاهر ڪي چوندي ته تو جهڙي ڪا سهڻي ٿوريئي هوندي. اِهو سياوڪ آهي. پارٽ کي پينٽ پائوڊر هٽي سهڻو بنائيندي. پر هيءَ پترا بيشڪ سهڻي هئي.

پترا هنن ياترين کان پڇي ٿي ته ”مون کان به سندر آهي ڇا؟“ ”اڙي“، ڇائونس، ”اَهڙو سندر آهي جو بيان ڪرڻ کان ٻاهر آهي. هن جي سونهن اڳيان تون جهڙو اِڪ ڪڪر (cloud) آهين. هن جي سُونهن چوڏس جــي چنڊ جيان آهي. هن جي سُونهن اڳيان تون ڪئين ٻيهي سگهندينءَ.“

پترا کي اُڻ تڻ ٿئي ٿي چوي ٿي، جـي اَهڙو سهڻو آهي ته مان به هلي اُن کي ڏسان. ڏسو، پريو ڪئين ٿــو اَسانجي دلين اَندر پنهنجي واسطي ڇڪ پيدا ڪري. نه ته هيءَ پاپن ۾ وڃايل ڇوڪري، پر هن کي چوندي ٿو. ۽ جنهن کــي پريو چوندي ٿو، پل ڪيڏو به پاپ ۾ ڪريل هجي، ڪيڏو به دراچاري، پاپاچاري هجي، ڪن ۾ هن کي ڇڪي وٺي ٿو. پترا چوي ٿــي:- ”جي اَهڙو سندر آهي ته مان به هن جي درشن لاءِ هلان.“

سرگس ۾ ڪيرتن ۾ شامل ٿئي ٿي. جئن پيئي سرگس هلي، نام پيئي ٻڌي،- ”وٺوبا پانڊورنگ! وٺوبا پانڊورنگ!“ سندس اَندر وڃي ٿو صاف اوجل ٿيندو. ياترين کان پڇي ٿــي:- ”جي شيام اَهڙو سندر آهي ته مونکي مندر ۾ اَچڻ ڏيندو؟ مان ته پاپن ۾ وڃايل آهيان.“ چونس ٿا:- ”شيام سندر اُتيئي پاپين گنهگارن جو. شيام سندر اتيئي پتت پــاون. ’پتت‘ معنيٰ ’ڪريل‘. ڪريلن کي اَچي پنهنجي ٻاجهه ٻانهن ۾ کڻي ٿو، مٿي چاڙهي ٿو.“

اِئين اَسانکي ٻڌايل آهي ته ڪئين هڪ ڏينهن شيام کي ڏٺائون ته هڪ اَهڙي ڪريل ڇوڪريءَ جي گهر مان پئي نڪتو. ڪيس

شيون ڪٺي اُڇي ڪين ڏين. سمجهن ٿي ڏاڍو ٻچ جو ڪم آهي، هنن ياتوين جي اسين سنڀال لهون.

هڪ ڇوڪريءَ بابت ڳالهه لکيل آهي. شڪل ۾ ڏاڍي سندر ۽ ڏاڍي سهڻي. اُن جو نالو پترا. لوڪ هن کي ڏسي ٺهاريندا هئا ۽ سمجهندا هئا هن جو منهن سنگمرمر مان گهڙيل آهي. اهڙي سونهن ڪيس هئي. پوءِ اِها سونهن انسان کي چاڙهي به سگهي ٿي ۽ ڪيرائي به سگهي ٿي. سونهن ڪيترن جي دلين ۾ وڪار اُٿاري ٿي، ڪام جو وڪار. شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو:- ”اِها ڪام اگني، آهي نت ويري، نٿي ڍاپجي سا، سدا ٿي ٻري!“ هڪ دفعو جي اسان پنهنجي اندر ڪام (Passion) کي اُڀرڻ ڏنو ته پوءِ اسين ڦاسي پئون ٿا اِها اگني پيئي ٻري. جيستائين ترپت نٿي ٿئي، تيستائين بند نٿي ٿئي. وري اُٿي ٿي. اُن کي ترپت ڪرڻ آهي ڄڻ آگ ۾ تيل وجهڻ. هيءَ بالڪي پترا پاڻ پاپ ۾ ڪري ٿي، ڪيترن ٻين کي ڪيرائي ٿي. ڪيس پئسو ملي ٿو. وڏا وڏا شاهوڪار وٽس ايندا هئا، ڪيس پئسو آڇيندا هئا. شاهوڪار بيشڪ، پر پاپ جي سندس زندگي.

هڪ ڏينهن پنهنجي گهر جي بالڪنيءَ ۾ بيٺي آهي. ڏسي ٿي، هڪ سرگس پيئي لنگهي. اِها سرگس ڪيڏانهن وڃي رهي آهي. هن سرگس ۾ ياتري، ورڪاري آهن. هيٺ لهي اچي ڪانئن پڇي ٿي ته ”توهين ڪيڏانهن پيا وڃو؟“ هي چونس ٿا:- ”اسين وڃون پيا پنڍرپور، جتي ’شيام سندر‘ جو مندر آهي. اڄ پوري وقت تي پهچڻو آهي.“

”شيام سندر“ جو نالو ٻڌي ٿي، هن کي الائي ڇا ٿو اچي ٿئي. چوني ٿي:- ”مون کان ٿورائي سندر هوندو. مان سهڻي ۾ سهڻي ڇوڪري آهيان. مون وٽ ڪٿان ڪٿان جا لوڪ اچن. راجائون

ڦٽي پيئي آهي. سندس هاضمو خراب ٿي ويو آهي. ڪيس ڪجهه اُجهي ٿئو. چوي ٿو:- ”مان پترا کي ڏسان، پترا کي ملان، پترا جو سنگ ڪريان.“

هي ماڻهو ٻين سان گڏجي پترا وٽ اچي ٿو. ڪيس بادشاهه جو نياپو ڏئي ٿو. پترا چوي ٿي:- ”مان هن دشت وٽ ڪيئن ويندس؟ هن پاپيءَ، هن اپوتر انسان جا هٿ مونکي لڳندا، مان ڪيئن اُت وڃي سگهندس؟“ پر هي ماڻهو ڪيس چون ٿا:- جي تون نه وينديءَ ته بادشاهه لشڪر وٺي ايندو ۽ سڀو مندر ڊاهي ڇڏيندو.“ پترا چوي ٿي:- ”مان ڇا ڪريان؟“

دين درد دک ڀڃنا، گهٽ گهٽ ناٿ اناٿ:
سرڻ تماري آئيو، نانڪ ڪي پرڀ ساٿ!

ماڻهن کي چوي ٿي:- ”توهين ترسو. مان پنهنجي ٺاڪر کان موڪل وٺي اچي ٿي توهان کي ٻڌايان.“ اندر وڃي ٿي: وڃي ٿي پڪاري اهائي اِڪ تڪ:-

دين درد دک ڀڃنا، گهٽ گهٽ ناٿ اناٿ:
سرڻ تماري آئيو، نانڪ ڪي پرڀ ساٿ!

پترا چوي ٿي:- ”شيام! مان تنهنجي شرڻ ۾ آئي آهيان. مون کي ڪيئن هن دشت جي هٿن ۾ موڪليندين؟ منهنجي تون رکيا ڪر!“ چون ٿا، اوڏي مهل وڄ جو چمڪاٽ ٿئي ٿو. جيڪي اُت حاضر آهن، اُهي ڏسن ٿا ته وٺوبا جي پتلي مان روشني نڪري ٿي: پترا جي سريرَ ۾ گهڙي وڃي ٿي ۽ پترا اُن روشنيءَ ۾ سمائجي وڃي ٿي. پترا ڪري پوي ٿي. هينئڙو ڳائڻ بند ٿي ويو. ٻڌار جي بادشاهه جا ماڻهو اچي ڏسن ٿا ته پترا مٽي پيئي آهي. پترا جي سريرَ ۾ جان ڪين آهي. وڃي راجا کي ٻڌائين ٿا ته پترا مري ويئي. جو شرڻ ۾ اچي ٿو، تنهن جي پريو رکيا ڪري ٿو.

چيائين:- "شيام! تنهنجو ڪهڙو ڪم هن ۾ پيو؟ هتن ونڃائن سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟" تڏهن شيام ڇا چيو؟ ڪهڙو منهنجو جواب ڏنائين؟ شيام چيو:- "ڊاڪٽر ويندو بيمار وٽ. جيڪي بيمار آهن، تن وٽ اُسي ڊاڪٽر ويندو. چڱن ڀلن وٽ ڪين ويندو. چوندو:- 'توهين چڱا ڀلا آهيو: توهان سان منهنجو ڪهڙو ڪم؟ منهنجو ڪم آهي اُنهن سان، جن جا روح رڳيل آهن پاپ ۾.'" پترا کي چون ٿا:- "شيام اتيئي آهي. پنت پاون."

پترا وڃي ٿي وڏيڪ نماڻي ٿيندي. وٺوبا جي مندر تائين پهچي، اُن ڪسان اڳ هن جي جيون ۾ تبديلي اچي ويئي آهي. مندر ۾ پهچي ٿي: اچي شيام سندر جي چرنن ۾ ڪري ٿي. پيئي روئي: پيئي پڪاري:-

مون کي معاف ڪر!
مون کي معاف ڪر!
دروازو کول!

پاڙين کي جيترو وقت اُت رهڻو آهي، اوترو وقت رهي موٽن ٿا. پترا کي چون ٿا ته "هاڻي موٽ. توکي گهر ڇڏيندا وڃون." پترا چوي ٿي:- "منهنجو گهر آهي شيام جي چرنن ۾." ڪري پوي ٿي ڳائي پيئي، وڄائي پيئي، ڪيرتن ڪري پيئي. پيئي پڪاري:- "شيام! مون کي پنهنجي سيوا ۾ لڳاءِ! مون کي پنهنجي در تي هڪ نوڪرياڻي ڪري رک مون کي قبول ڪر! بيو ڪجهه مون کي کپي ڪين."

پترا جي سونهن جي هاڪ پري پري وڃي پهتي هئي. بدار جو بادشاهه، جو هڪ مسلمان هو، اُن کي خبر پئي ٿي. پنهنجي هڪ ماڻهوءَ کي چوي ٿو ته پترا کي منهنجي محلات ۾ وٺي اچ! بادشاهه جي دل اندر ڪام اُٿيو آهي. "اهڙا ڪام اڳهي، آهي نٽ ورتي، نه ٿي ڀائجي سا، سدا ٿي سڙي." بادشاهه جي نمد

تيري اِڇا پُورن هو!

دادا :- اَڄ جو ويچار :-

”تجهکو معلوم سب ڪجهه هئي، تيري اِڇا پُورن هو!“

هر حال ۾، منهنجا پريتم! تيري اِڇا پُورن هو! توکي سڀ خبر آهي. تون دانا (سياڻو) آهين، تون بينا (ڏسندڙ) آهين! تيري اِڇا پُورن هو! پرارٿنائن ۾ عمدي پرارٿنا هيءَ :- ”تيري اِڇا پُورن هو!“

اَسين پرارٿنا ڪرڻ شروع ڪريون ٿا، جڏهن اَسين اَڃا Nursery, Kinder Garten ۾ آهيون. ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه لاءِ، ڪنهن نه ڪنهن شئي لاءِ اَسين پرارٿنا ڪريون ٿا. اِها به سٺي ڳالهه آهي. پر شاهه صاحب چوي ٿو :-

”مڱ اُنهيءَ ڪان مڱڻا، جو ڏهاڙي پيو ڏئي.“

منهنجا پيارا! تون اُنهيءَ ڪان مڱ جو روز روز پيو ڏئي. ۽ ڇا نٿو ڏئي! وڏي ڳالهه ته اَسانکي سواس ڏنا اٿس. جي سواس ڪڍي وٺي ته اَسين ڍيري ٿي پئون. مڱڻ وغيره سڀ اُتيئي بند ٿي وڃي.

هڪ ٻار :- دادا! مڱڻ جو ته ضرور اُي ڪونهي.

دادا :- مڱڻ جو ضرور آهي ڇو ته اَسانکي اِڇائون آهن. جڏهن اِڇائون پوريون ٿين ٿيون، تڏهن مڱڻ ضروري ڪونهي. اَنتڪال ۾ رڳو هي سرير ڪري پوي ٿو. اِڇائون نٿيون ڪرن. اِڇائون، اُمنگ، سپنا، ويچار، اِهي سڀ اَسان سان هلن ٿا.

هڪ ٻار :- اُن جي معنيٰ ته سوکيم سرير ۾ اَسين اُهي سڀ نطي ٿا وڃون. ۽ اَسانکي وري اَچڻو پوندو.

دين درد دک ڀنجنا، گھٽ گھٽ ناٿ اُناٿ:
سرڻ تماري آئيو، نانڪ کي ڀرپ ساٿ!

گرباڻيءَ جي هنن اکرن ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهي! توهين به جڏهن تڪليف مشڪلات ۾ اچو، اِهي اکر اُچاريو. توهين ڏسندا ڪئن اُزغيبي شڪتي اچي توهان جي رکيا ڪندي. گروجن جي اکرن ۾ شڪتي آهي، شري ڪرشن جي اکرن ۾ شڪتي آهي، سنتن ستپرکن، مهاپرشن جي واڪين ۾ شڪتي آهي. اِنڪري توهان کي وري وري وينتي ڪندو آهيان ته ڪي نه ڪي سوُتر کڻي ويهي وري وري اُچاريو يا ڪو نام کڻي ويهي وري وري اُچاريو. توهين عجب ڪرامتون جيون ۾ ڏسندا.

دين درد دک ڀنجنا، گھٽ گھٽ ناٿ اُناٿ:
سرڻ تماري آئيو، نانڪ کي ڀرپ ساٿ!

*

زندگي

هيءَ زندگي پرڀوءَ جي بخشش آهي: ۽ اُسان سان اوترو وقت آهي، جيترو وقت هوُ چاهي ٿو. وقت پرجي اچي ٿو، پوءِ ڀل جنگ ميدان تي هجون يا پنهنجي بستري تي هجون يا رستي تي هجون يا ڪنهن ڪوٽ جي اَندر باند هجون، ته به ڪو بچائي نٿو سگهي. بچي اُهو ٿو، جو پرڀوءَ جا ڪمل چرن پنهنجي هردي ۾ پڪڙي ٿو! اُن لاءِ زندگي ۽ موت هڪ آهن. اِن ڪري شل هيءَ هڪ پرارٿنا وري وري اُچاريون:- "شرن تنهنجي آهيان، مونکي توهين تار!"

مان هڪ هڪ کي سگهو آهي. نه ته ورتي ورتي پيا جنم مرڻ جي چڪر ۾ ڦٽڪندا سين. اهو سبق سکون: پوءِ اسانجو چڪر پورو ٿيو. تيري اڇا پوُرن هو!

”تجھکو معلوم سب کچھ ھے، تيري اڇا پوُرن هو!“

منهنجا پريتم! توکي سڀ ڪجهه معلوم آهي. مان توکان ڇا گهران؟ پوءِ سڀ قبول ڪرين ٿو. اهڙو ماڻهو گهري ٿو: پر ڇا ٿو گهري؟ چوي ٿو:- ”پريو! مون تي آسيس ڪر ته مان وڌيڪ وڌيڪ ڪارائتو ٿيان. مون تي وڌيڪ وڌيڪ آسيس ڪر، جئن منهنجي دوارا تنهنجو پيار، تنهنجو پريم، سڄي سنسار ۾ پرڪاش ڪري. مون کي نماڻو ڪر، مون کي نهٺو ڪر، مون کي مٺو ڪر، مون کي ڪارائتو ڪر، ۽ هن دک ڀرئي سنسار ۾ مون کي پنهنجي پيار جو اِڪ واهڻ ڪر!“

پوءِ اهڙا پرارٿنا ڪريون ٿا. تنهن کان اڳ اسين گهرون ٿا، جو نه گهرون. پر سمجهون هيءَ هڪ ڳالهه ته پريو! مان ڪجهه ڦسي نٿو سگهان. تون دانا آهين، تون بينا آهين. تنهنجي اڳيان سڀ کليل آهي. ماضي مستقبل سڀ توکي خبر آهي. جيڪي اڳٽو آهي، جيڪي ٿي ويو آهي، سڀ توکي خبر آهي. اُن خبر مان توکي ڄاڻ آهي ته منهنجي لاءِ ڀلو ڇا ۾ آهي. مان جيڪي گهران ٿو، سو ٺيڪ آهي يا نه.

ٻار ڏاڍو کيٽو ڪيو. ماءُ چيو:- ”کيڏو ته کيٽو ڪندين، مان توکي نه ڏينديس.“ پڇيوسين ته ”ڇا تسان تڪرار آهي؟ ماتا چيو:- ”ٻالڪ چوي ٿو ته ماچيس ڏي. ٻن ورهين جو ٻار، اُن کي مان ماچيس ڪئن ڏيان؟ تيلي لڳائي، باھ اچي ٻري. سندس ڪهڙو حال ٿيندو؟“ ٻار چيو:- ”هيءَ ماءُ ڪهڙي ڪم جي؟“ مون کي چوي ٿي:- ”مان توکي پيار ڪريان ٿي. ماچيس ٿو گهران: ماچيس نٿي ڏئي. پاڙي واري آئي. اچي ماچيس

دادا :- بيشڪ، اهي سڀ ڪٺي ٿا وڃون. انڪري نه فقط اُچو ٿيندو، پر وري وري اُچو ٿيندو.

شاهه صاحب چوي ٿو:-

"مڱڻ اُنهيءَ کان مڱڻا، جو ڏهاڙي ٿيو ڏئي."

پر اَسين اُن کان نٿا مڱون. اَسين ٻين ڏي وڃون ٿا. جڏهن ڪٿهن مان به اُميد نٿا ڏسون، تڏهن پرڀوءَ وٽ اَچون ٿا. سمجهو ڪو بيمار ٿيو ٿو، يڪدم ڊوڙون ٿا ڊاڪٽر وٽ. ڪو اَسان تي ڪيس داخل ڪري ٿو، يڪدم ڊوڙون ٿا وڏي وڪيل، جج وٽ. ڪو اَسان کي تڪليف ٿو ڏئي، يڪدم ڊوڙون ٿا ڪنهن وڏيري وٽ. پر پرڀوءَ وٽ ڪونه ٿا وڃون.

هڪڙي ڀيڻ هئي، سندس گهوٽ کي اَچي دل جي تڪليف (heart attack) ٿي. ڊاڪٽر آيو. چيائين، يڪدم رُبي هال نرسنگ هوم ۾ کڻائي هلوس. اَئمبيولنس آئي. اَئمبيولنس ۾ هن بيمار ڀاءُ کي کڻي پئي ويا. جڏهن سادو واسواڻي مشن وٽان لنگهي ته هن ڀيڻ چيو ته "موٽر هت لاهيو. منهنجي گهوٽ کي اسپتال ۾ وٺي وڃو. مان اجهو ٿي اَچان." چيائونس:- "تون هت ڇو ٿي لهين؟" هيءَ چوي ٿي:- "منهنجو ڊاڪٽر هتي آهه." لهي ٿي. سڌو وڃي ٿي پوڙر سماڌيءَ تي. اُت وڃي پرارٿنا ڪري ٿي. چوي ٿي:- "دادا! توهين ڊاڪٽر آهيو! توهين منهنجي پتيءَ کي شفا ڏجو!" شفا تڏهن ملي ٿي جڏهن اُتان جو حڪم ٿئي ٿو. "فڪيون تڏهن فرق ڪن، جڏهن اَمر ٿئي اَلله جو!" اسپتال ۾ هن جي گهوٽ جو ڪارڊيوگرام ڪين ٿا. چون ٿا:- "ڪجهه ڪين اٿس."

"تجهڪو معلوم سب ڪجهه هئه، تيري اِڇا پوُرن هو!"

اَسين مڱي مڱي نيٺ ڏسون ٿا ته وري به ڀلو اُن ۾ آهه، جيڪي هُو ڪري ٿو. هن زندگيءَ ۾ اِهوئي هڪ سبق اَسان

تو ته ”تو ٻاٻوءَ کي ونيه پرارٿنا (Prayer of Petition) ڪئي آهي، عرض ڪيو آهي. هاڻي ڇو نه ڪيس ٻاٻوءَ جي حوالي ڪرين، سمرپڻ پرارٿنا (Prayer of Surrender) ڪرين. ٻن قسمن جون پرارٿنائون آهن. پهرين پرارٿنا آهي ونيه پرارٿنا (Prayer of Petition) ۽ ٻيون نمبر پرارٿنا آهي سمرپڻ پرارٿنا (Prayer of Surrender) راڻي ستپرک کان پڇي ٿي ته ”سمرپڻ پرارٿنا ڇا آهي؟“ ستپرک چويس ٿو ته ”سمرپڻ پرارٿنا اٿيئي هيءَ. ٻاٻوءَ کي چئه ته هيءَ راجڪماري منهنجي ٿورئي آهي. تنهنجي آهي. هن وقت ١٥ ورهين جي آهي.“ ”١٥ ورهين کان اڳ ڪٿهن وٽ هئي؟“ ستپرک چويس ٿو:- ”راجڪماري تنهنجي ئي آهي، فقط ١٥ ورهيه. ٻر هن جي عمر ته آهي اننت، endless، limitless. ايترا ورهيه ڪٿ هئي؟ تو وٽ فقط ١٥ ورهيه رهي آهي ۽ تون پيئي چوين ته منهنجي آهي، منهنجي آهي. ۽ وڌ ۾ وڌ توسان گهڻو وقت هوندي.- ٥٠ ورهيه، ٦٠ ورهيه، ٧٠ ورهيه نيٺ ته توکي ٻه هلڻو آهي. پوءِ تنهنجي ڪٿان ٿيندي؟ سڀ حوالي ڪري ڇڏ هوت جي!“ چئينس:- ”جئن تنهنجي مرضي! تنهنجي آهي: منهنجي ٿورئي آهي.“

راڻي ائين ڪري ٿي، ته ان ويچار کان ته هوءَ ٻڌندي. سڀ ٻچ حوالي ڪري ٿي. اسين ڪيترا ٻيا حوالي ڪندا آهيون، ڇو ته اسانکي چوندا آهن ته حوالي ڪريو ته ڏسو، واهگرو ڇا ٿو ڪري؟ پوءِ نتيجي لاءِ پيا نهاريندا آهيون. مون پرارٿنا ڪئي ته مونکي نوڪريءَ ۾ اضافو ملي. اڄهو ٿو اضافو ملي. وري وري ٻيو صاحب جا پنا ڄاڃيندس ته ڇا لکيو اٿس. حوالي (Surrender) ڪرڻ معنيٰ ائين ڪونهي. حوالي ڪرڻ معنيٰ اضافو ملي يا نه ملي، پرواهه ناهي. ٻاٻو! توکي خبر ته منهنجو ڀلو ڇا ۾ آهي.

ڳهرائينس. اُن کي هڪدم ڏيئي ڏنائين. مان ڳهرانس ٿو، مون کي ڏيئي ڏئي. هي پيار ڪهڙو ٿيو؟" ٻار چيو:- "اِنهيءَ ٻار جي خبر پئجي ويئي. مون کان وڌيڪ ٻارڙي واريءَ کي پيار ڪري ٿي." ماتا کي خبر هئي ته ٻار لاءِ ماڇيس نيڪ نه آهه. اِن ريتي تيري اِڇا پوُرن هو! پريو! تنهنجي اِڇا، نه منهنجي اِڇا!

اَسين جڏهن اِن ٻهرين منزل ۾ آهيون، جنهن کي چوندا آهن وني پرارٿنا (Prayer of Petition)، اَسين جڏهن گهرون ٿا، اُن مان هڪڙو نقصان هي آهي ته جيڪي اَسين گهرون ٿا، جي اَسان کي اُهو نٿو ملي ته اَسانجو وشواس ٽٽي وڃي ٿو. چئون ٿا:- "پريو آهيئي ڪونه. جي آهه ته ٻوڙو آهه." اِهو وڏو نقصان آهه: اِنڪري گهرو، پل گهرو. پر پڇاڙيءَ ۾ هميشه هيءَ ٽڪ ڏڏي چئو:- "نه منهنجي اِڇا، پر تنهنجي اِڇا! منهنجا پريتم! تيري اِڇا پوُرن هو!" ءُ گهري گهري اَسين ڏسون ٿا ته نيٺ ڀلو اُن ۾ آهه، جيڪي واهگرو ڪري ٿو. پوءِ اَسين پاڻ کي پريوءَ جي حوالي (Surrender) ڪريون ٿا.

هڪ راڻي هئي. اُن کي هڪ ننڍي راجڪماري هئي. هيءَ تواريخ جي ڳالهه آهه. راجڪماري اَچي بيمار پيئي. هيءَ راڻي ڏاڍي ڀڳتڻ هئي. پريوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿي، پڪار ڪري ٿي:- "پريو! مون کي هڪ ئي راجڪماري آهه، هڪ ئي ڌيءُ آهه. هن کي تون ڪئين به بچاءِ!" ڊاڪٽرن گهڻيئي دوائون ڏنيون پر پر ڪوبه فرق ڪين ٿيو. راڻي وڃي وڌيڪ پرارٿنا ڪندي، وڌيڪ وڌيڪ روئندي، وڌيڪ وڌيڪ ڳوڙها ڳاڙيندي. ۽ راجڪماريءَ جي حالت وڃي وڌيڪ وڌيڪ بدتر ٿيندي. راڻي وڃي وڌيڪ وڌيڪ پڪاريندي:- "پريو! مون کي هيءَ ڌيءُ ڪئين به ڪري ڪئين به مونکي اُتاري ڏي!"

هڪ سنيهه اُن وقت اُت حاضر آهه. اُهو راڻيءَ کي چوي

ٿئي ڪين. پر اَسين جڏهن اُن مان لنگهون ٿا ته اَسين پنهنجو وشواس وڃائي ڇڏيون ٿا.

هڪ ٻار:- دادا، توهان چيو ته چئن قسمن جون پرارٿنائون آهن. ٻي توهان ٻڌايون، باقي هڪ ڪهڙي؟

دادا:- پهريون نمبر پرارٿنا آهه Prayer of Petition، ٻيون نمبر پرارٿنا آهه Prayer of Surrender، چوٿون نمبر پرارٿنا آهه Prayer of Praise. ٽيو نمبر پرارٿنا آهه Prayer of Intercession. اِها آهه جڏهن اَسين ٻين لاءِ پرارٿنا ڪريون ٿا، جن کي اَسين سڃاڻون به ڪين. نڪي اَسانجو ڪو ساڻن سنبنڌ آهه. سمجهو چائنا ۾ ڏڪر پيو. لوڪ بک ۾ پاهه پئي ٿيا. اَسان اُنهن لاءِ پرارٿنا ڪئي. اَسان کي خبر به ڪونهي ته هو ڪير آهن. اِها آهي Prayer of Intercession. جنهن ۾ پنهنجي لاءِ موهه ناهي. ٻئي پرارٿنا (Prayer of Petition) ۾ موهه آهه. اِنڪري پرارٿنا ۾ چوندا آهيون:- ”منهنجي دوست لاءِ هيئن ڪج.“

مونکي پنهنجي يادگيري اَچي ٿي. مان پرائيمري اِسڪول ۾ پڙهندو هوس. مون پهرين پهرين پرارٿنا اُن وقت ڪئي. اُن کان اڳ ٻيون به ڪيم، پر پهرين پهرين جيڪا پرارٿنا ڪيم، اُها هئي ٻئي پرارٿنا (Prayer of Petition). اَسانجو ڪلاس سڀاڻ تي excursion تي ٿي ويو ۽ اَڄ منهنجي گهري دوست کي اَچي بخار ٿيو. مان سندس گهر ويس. چيومانس ته اَڄ توسون اِسڪول ۾ ڪونه آئين. سڀاڻي excursion تي ٿا وڃون. ڏٺم ته ڪيس بخار هو. سندس ماءُ مون کي چيو ته جيڪڏهن هن جو بخار نه لٿو ته مان ڪيس موڪل نه ڏينديس. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو. مون چيو ته پنهنجي گهري دوست کانسواءِ excursion تي ڪئن ويندس؟ مان رات جو ڪيترا ڪلاڪ جاڳي ويٺس. مون روئي روئي پربوءِ کي پرارٿنا ڪئي:- ”پربو! هن جو بخار تون

هن رائيءَ راجڪماريءَ کي پرڀوءَ جي حوالي ڪري ڇڏيو. هيءَ رائي چوي ٿي :- ”جڏهن وقت ڪانوڻي مون سچائيءَ سان راجڪماريءَ کي پياري پرڀوءَ جي چرنن ۾ اَرپڻ ڪيو، اُن وقت ڪانوڻي راجڪماريءَ جي حالت وڌيڪ بهتر ٿيندي.“ پر اِئين ڪين آهه نه هر حالت ۾ بهتر ٿيندي. پر پوءِ توهان کي دک نه ڪرڻو پوندو.

”تجهڪو معلوم سب ڪڇهه هئہ، تيري اِڇا پوُرن هو!“

هڪ ڀاءُ :- حوالي جڏهن ڪجي ٿو، اُن ڪانپوءِ جيڪو آنند (joy) ملي ٿو، اُهو واجب آهي يا نه؟

دادا :- آنند (joy) کان وڌيڪ پوءِ وشواس (faith) ڏاڍو پختو ٿئي ٿو. توهين ٻار کي پرڀوءَ جي ويجهو سمجهو ٿا. ڏيءَ ملي. پرڀو! ڏيءَ نه تنهنجي هئي. منهنجي ڪين هئي. تو هن کي حياتي ڏني. اُن وقت اَندر مان هيءَ پڪار اُٿي ٿي :-

تڏ آڳي اَرداس هماري، جيئہ پنڊ سب تيرا:

ڪهہ نانڪ سب تيري وڏيائي، ڪوئي نانءُ نه جاڻي ميرا!

هن منزل تي چوٿون نمبر پرارٿنا اَندر مان اُٿي ٿي:- ساراهہ (مهما) جي پرارٿنا (Prayer of Praise). پرڀوءَ جي ساراهہ جا گيت دل مان اُٿن ٿا. اَسين پرڀوءَ جي مهما ڳايون ٿا. اِنڪري توهين ڏسندا ته سنتن جي باڻي مهما سان ڀريل هوندي آهه. يا مهما سان ڀريل يا وحدت جا گيت اُن ۾ سمايل هوندا آهن.

هڪ ڀاءُ :- دادا سنت تڪارام هڪ وقت گهڻيئي ساڌنائون ڪيون، گهڻيئي پرارٿنائون ڪيون. ايتري قدر جو هڪ وقت بيحال ٿي ڪرشن کي گهٽ وڌ اکر به ڳالهايا اٿس.

دادا :- اِها منزل هڪ هڪ جي راهہ ۾ اَچي ٿي. اِن کي چوندا اَٿن Night of darkness. جن کي پرڀوءَ ۾ اَٽل صدق آهه، سي ٿي هن منزل مان لنگهي وڃن ٿا. ڪين ڪا تڪليف

ٻيا گھرون، ٻيا گھرون. ڪيترا ڀيرا پڇيو ڏئي ٿو. جڏهن ڏسي ٿو ته هي ٻالڪ ماچيس نٿو گھري ته ڏئي ٿو. پر جڏهن ڏسي ٿو ته هي ٻالڪ مون کان ماچيس گھري ٿو: چوي ٿو:- ”منهنجا ٻالڪ! ماچيس توکي ڪٿان ڏيان؟“ پر ٻالڪ سمجهي نٿو.

”تجهکو معلوم سب کچھ هئہ، تيري اِڇا پوُرن هو!“
شل اسين به هميشه پريوءَ جي اِڇا ۾ راضي رهون!

[لوناوالا: ١٨-٢-١٩٨٥]

*

جيون جي اُميد

سنتوڪن لئه پيار ۽ محبت، اِهو آهي جيون جو سچو خزانو.
شل ان خزاني ۾ وڌون، وڌندا رهون!

دنيا جو پئسو پدارٿ، ڌن دولت، سڀ فاني، پر پريوءَ لئه پيار ۽ پريوءَ جي پيارن لئه محبت اسانجي جيون کي وڌيڪ وڌيڪ نرمل ڪن ٿا ۽ اسانجي دل جي ڪمل گل کي کولين ٿا.

هن دنيا ۾ ڪيڏيون نه لالچون آهن! ٽپ ٽپ تي لالچن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. لوڀ جي لالچ، جنهنڪري ڪيترا ڀيرا ڪوڙ ڳالهايون ٿا. ڪام جي ڇڪ، جنهنڪري ورئي ورئي ڪري پئون ٿا. سڀ کان مٿي ايمان جو نشو، جنهن جي اثر هيٺ، گھٽ ۾ گھٽ ڪجھ وقت لاءِ سڌ ٻڌ ڀلجي وڃون ٿا.

پر گرديو وينو نهاري. ۽ جيتوڻيڪ اسين ورئي ورئي ڪرون ٿا ته به وينو اسانکي پنهنجو پيار پيئاري. اُن ۾ آهي اسانجي جيون جي اُميد، زندگيءَ جو آسرو.

اِنڪري شل ورئي ورئي ڏينهن جي ڪم ڪار وچ، ڌنڌي وهنوار وچ، گرديو کي پڪاريون:- ”سوگھو جهلجانءِ، سباجهل سائين! هن پڳل جيون جو آسرو اِڪ توهين آهين، اِڪ توهين آهين!“

لاهه ” صبوح جو هن جو بخار لهي ويو. اِها پرارٿنا ٻين جي ڀلي لاءِ پرارٿنا نه هئي، پر اِها پرارٿنا صرف پنهنجي لاءِ ڪئي ته منهنجي سڄي excursion چٽ ٿي ويندي، جي منهنجو دوست نه هلندو. اُن ڏينهن ڪانوٽي ڀيرين ڀيرين منهنجو پرارٿنا ۾ صدق شروع ٿيو. مون پرارٿنا ڪئي ۽ مونکي جواب مليو. مون چيو:-
” بيشڪ پرارٿنا ۾ ٻل آهه.“

” تجهڪو معلوم سب ڪجهه هئه، تيري اِڇا پوُرن هو!“

پريو! تنهنجي اِڇا پوُرن ٿئي! گهٽ ۾ گهٽ اِهو آدرش اسين پنهنجي اڳيان رکون. ڪڏهن ڏينهن ضرور پهچنداسين.

شري اِيشا، جنهنکي اوتار ڪري ٿا سڏين ۽ اوتار هو. جڏهن پڪڙيءَ جي ڏينهن ڪيس پروڙ پوي ٿي ته مون کي هي لوڪ پڪڙيندا ۽ ڪوُڙو مقدمو هلائي فتوٰي ڏيندا، مونکي سوليءَ تي چاڙهيندا، منهنجن هٿن پيرن ۾ ڪليون ٺوڪيندا، ڳچيءَ ۾ ڪليون ٺوڪيندا. هن جو سرير ڏاڍو نازڪ هو. سنتن جو سرير اسان کان وڌيڪ Sensitive ٿيندو آهه. اسانجو سرير وڌيڪ اسٿول آهه، جو ته اسين پنهنجو سرير ڀوڳ ۾ وجهي اُڇلايون ٿا. جيترو وڌيڪ سرير ڀوڳ ۾ اُڇلايون ٿا، اوترو وڌيڪ اسٿول اسانجو سرير ٿئي ٿو. سنتن جو سرير نرمل آهه، ڪومل آهه. جڏهن اِهو ويچار اِيشا کي آيو ته ڏڪي ويو. ۽ پرارٿنا ڪري ٿو:- ” پريو! هي آزمونو مونکي نه ڏي!“ پر پوءِ يڪدم پاڻ کي درست ڪري ٿو ۽ چوي ٿو:-” پريو! نه منهنجي اِڇا، پر تنهنجي اِڇا پوُرن هو!“ ” پريو! منهنجي نه ٻڌ، پر جئن تون چاهين، ائين ڪج.“ پوءِ سوليءَ تي چڙهي ٿو.

” تجهڪو معلوم سب ڪجهه هئه، تيري اِڇا پوُرن هو!“

اسين ڪيترا ڀيرا ڪجهه گهرندا آهيون. پوءِ پيا گهرون، پيا گهرون. جڏهن پريوءَ ڪجهه ٻڌوئي ڪونه. اسين ٻه چڙيونس ڪين.

"Beloved! Thou art by us!" That is enough Nothing more is needed.

هڪڙي ڳوٺ ۾ اچي ڏڪار (famine) پيو. ڪيترا سال ڪساهي ڪجهه پوک ڪونه ٿي. انڪري فصل ڪين نڪتو. ويچارا ڳوناٺا ويا هڪبئي پٺيان خلاص ٿيندا. آن انهن کي مليو ڪين. ڳوٺ جي پنچن ميٽنگ ڪري چيو ته هيئنر مصيبت جو وقت اچي ويو آهي. اسين راجا وٽ هلي انکي appeal ڪريون ته اسانجي ڪا مدد ڪري. هيءُ ئي وقت آهي، جڏهن اسين راجا کان مدد وٺي سگهون ٿا. ويچار ڪيائون ته اسين ڳوناٺا: اسانجي انگ تي نڪي پورو ڪپڙو آهه، نڪي ٻيو ڪجهه آهه. اسين جي اندر ويندا سين ته اسانکي اچڻ به ڪونه ڏيندا. راجائن وٽ وڏا وڏا چوڪيدار ٿيندا آهن، اهي ڏسندا ته اسانجي انگ تي پورو ڪپڙو ڪين آهه، نڪي اسين پڙهيل آهيون ته اسانکي اندر اچڻ ئي ڪين ڏيندا. هاڻ ڇا ڪريون؟ تڏهن هڪ وڏيري چيو ته پرسان شهر آهي، اتان ڪي ڪنهن وڪيل جي مدد وٺون، جو هلي اسانجو ڪيس راجا جي اڳيان رکي. چيائون:- "ٺيڪ آهي." وڪيل وٽ ويا ته وڪيل چيو ته "منهنجي هيڏي في آهي: سا توهين ڀريندا؟" ويچارن گهٽوئي چيس ته "اسانجي حالت سخت آهي. ڏس، اسين ڪٿان في ڀري سگهنداسين؟" وڪيلن جي ور شل ڪير نه چڙهي! وڪيل چيو:- "مونکي في ضرور کپي، نه ته مان ڪئن هيترو پري راجا جي محلات ۾ وڃي توهانجي ڪيس جي پيروائي ڪري توهانکي آن جون ڳوٺيون آڻي ڏيندس؟" هي ڳوناٺا ويچارا ويا. گهر ۾ جيڪي ٿورو گهڻو هون، ڪن کي ڪو برتن، ڪن کي ڪو لوٽو، وڪڻي هن وڪيل جي في ڀريائون. وڪيل وڃي راجا جي اڳيان پنهنجو ڪيس شروع

جي ٿين ٻيڪال، تن جو ٻر ڀوُ آهه رکپال

دادا:- اَج جو ويچار:-

هي نيڻ ور ور وهائن نير،
ٻچاءَ اَنجلي آهي وچ سير!

اَسان مان ڏاڍا ٿورا آهن، جيڪي ٻنهنجي اُدم سان، ٻنهنجي شڪتيءَ سان وڏي پار ٻهچن ٿا، جنکي ڪنهن جي به مدد جي گهرج ڪين آهه. ٻر اَسين جي آهيون پڳل اوزار، اَسانکي ته ٿپ ٿپ تي ڪو ڪپي جو اَچي جهلي؛ ڪو ڪپي، جو اَچي اَسانکي پڪڙي وٺي هلي. اَسين وري وري ويسر ۾ ڪرون ٿا.

"ٻچاءَ اَنجلي آهي وچ سير!"

پوءِ ٻرڀوُ اَچي ٿو: اَچي رکيا ڪري ٿو. اَسين ٻڪاريون ٿا: اَسانجي هڪ ٻڪار به اَجائي نٿي وڃي. ڏسڻ ۾ اِئين ٻيو اَچي ته اَسان هيڏي ٻڪار ڪئي: اَسانجي ٻڌائين ڪونه. ٻر ٻوُري وقت تي اُنجو جواب ملي ٿو. ٻرڀوُءَ جو گهڙيال نه هڪ ڪن به اڳتي هلي ٿو، نه هڪ ڪن به پوئتي پوي ٿو.

"ٻچاءَ اَنجلي آهي وچ سير!"

ٻرڀوُءَ کي وڏيون ٻرارٿنائون ڪين کپن. ڪي لوڪ لمبيون ٻرارٿنائون ڪندا آهن. هڪواري شروع ڪن ته پوري ڪن ئي ڪين. اَسين وري هيءَ ٻرارٿنا ٻيا ڪندا آهيون:- "شال هنن جي ٻرارٿنا جلد پوري ٿئي ته اَسين اُٿون." ٻرڀوُءَ کي ننڍڙيون ٻرارٿنائون قبول آهن. هڪ اکري، ٻن اکرن جي ٻرارٿنا. فقط ننڍڙا نيڻ کڻي پياري ٻرڀوُءَ ڏانهن نهاريون ۽ کيس ٻرارٿنا ڪريون:-

پيٽ اُھل پنھنجي سان لڳو پيو ھجي ۽ اُن ڏھہ خالي ڳوٺيون کڻي توھين مون سان ھلو. واھگرو سڀ ٺيڪ ڪندو."

سڀني راجا جي اڳيان اچي بيٺا. ھن سڄو ڪ ھڪ اکر بہ بہ ڪين ڳالھايو. رڳو راجا کي خالي ڳوٺيون کولي ڏيکاريائين ۽ ڏيکاريائينس تہ ڳوناٺن جي حالت ھيءَ آھي. راجا ڏٺو. عجب ۾ پئجي چيائين:- "ھھڙي حالت منھنجي راج ۾ رھندڙن جي ٿي آھي؟" چيائين:- "نہ رڳو ڏھہ ڳوٺيون جيڪي ھي کڻي آيا آھن، پر سؤ ڳوٺيون بيون بہ ھنن کي اَن جون پريٺ ڏيو." تاڙيون وڄي ويئيون. ڪن ۾ قصو فيصل ٿي ويو.

پريوءَ کي وڏيون پرارٿنائون، وڏا وڪيل ڪين کپن، پر ھڪ اکر. ۽ اُھو اکر اٿوَ جڏھن بہ توھانکي تڪليف اچي، مشڪلات اَچي يا ڪا لالچ اَچي،. ڏسو توھانجي دل تڪي ٿي، اُھو ڪم ڪريان جو توھانکي نہ ڪرڻ گھرجي. ھڪ ھڪ جي جيون ۾ ڪيترا اُھڙا موقعا اَچن ٿا، جن ۾ اَسين نٿا چاھيون تہ اَسين ھن پاپ ڪرم ۾ ڪرون. پر اَلائي ڇو، توري مڙڻي ڪاٿر اَسانکي اِھو ويچار اَچي ٿو ۽ اَسين اِھو پاپ جو ڪرم ڪريون ٿا. اَسين اَٽڪيا پيا آھيون. اُنوقت فقط ھڪ اکر توھين پنھنجي دل جي اَندران اُچاريو:- "بچاءِ! بچاءِ!" "Save me, Save me, O Lord!" اِھو ھڪ اکر ڪافي آھي.

"بچاء اُنجلي آھي وڄ سير!"

منھنجا پريتم! وڄ سير ۾ آھيان. بيو ڪو ڪين اُتم، جو منھنجي رکيا ڪري، منھنجي سنڀال ڪري. مونکي بچاءِ! مونکي بچاءِ! اِھا ھڪ اکري پرارٿنا بس آھي. لکين پرارٿنائن کان اِن ھڪ اکر ۾ ڪيڏي نہ شڪتي سمايل آھہ!

"ھي نيڻ ور ور وھائن نير،
بچاء اَنجلي آھي وڄ سير!"

ڪيائين. وڪيل ڏاڍا پڙهيل ٿيندا آهن، هوشيار. ڪي پنهنجي هوشياري ڏيکارڻ چاهيندا آهن. هن وڪيل سڄي تواريخ (history) راڄ جي شروع ڪئي ته ١٨٣٣ع ۾ پهرين ڏڪر ٿيو، ٻيو ٻئين ٿيو، ٻيو هوندي ٿيو. راجا ويچارو ٻڌي ٻڌي ڏاڍو اڪجي پيو. وڌيڪ ٻڌڻ لاءِ ڪونه ڏنائين. هي ويو ڳالهائيندو، ويو ڳالهائيندو. (اهي لمبيون پراڻائون آسانجون ٿينديون آهن) نيٺ ڳالهائي پورو ڪيائين. راجا ڪجهه ٻڌڻ لاءِ ڪونه ڏنس. هي ويچارو اٿڻ لاءِ ڪنهن به مدد ڪانسواءِ مرڻي آيو. ڳوڻاٺن کي چيائين:- "مون ته توهان لاءِ گهڻو ڪي ڪيو. ڪلاڪ مون ليڪچر ڏنو: پر راجا اهڙو ڪنور دل آهي، اُن تي ڪوبه اثر ڪين ٿيو. مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟" في ته ڪٺي پنهنجي کيسي ۾ وڌائين.

وري پنچات ڪئي ٿي. چيائون، وڪيلن مان ته ڪين ٿيو. هاڻ ڇا ڪريون؟ اڳم اٿين هوندو هو، پنچات هوندي هئي. ڪوبه سوال هوندو هو ته وٺي ڪٺي ويندو هو:- "سائين! هيءَ بي انصافي مون سان ٿي آهي. پنچات جيڪو فيصلو ڪري!" پنچات جو فيصلو تڪڙو ٿيندو آهي. ڪورٽن جي مونکي خبر ناهي. پر ڪورٽن ۾ ڏاڍا ڪوڙ ٿا ڳالهائين. توهين جي سچائيءَ سان پنچات جي اڳيان پنهنجو قصو کڻي وڃو ته جلد توهانجو فيصلو ٿي ويندي. هنن نيٺ ويچار ڪيو. چيائون:- "وڪيلن مان ته ڪجهه ڪين ٿيو. هاڻ ڪنهن ديوتا جي پوڄاري وٽ وڃون. اهو آسانجي ڪجهه نه ڪجهه مدد ضرور ڪندو." ديوتا جي پوڄارن وٽ ويهو آهي، جنهن دنيا مان سڄي اميد نڪري ويندي آهي. تنهن کان اڳ انهن ڏي ويچار به ڪونه ويندا آهن. اهي ديوتا جا پوڄارا پنهنجي ڪنڊ ۾ اڪيلا رهندا آهن. هي اهڙي هڪ ديوتا جي پوڄاري وٽ آيا. هن چيو ته "ڏاڍو سولو آهي. توهان مان ڪي ٽي چار ڄڻا، جيڪي تمام ڏاڍا هجن، جنجو

ڇڏيان. اُن سان مـان هميشه آهيان! اِهـو سندس اَنجام آهي. ٺهڪري ٽپ ٽپ ڏي اَسين پڪاريون:- ”پريو! تون مون سان آهين نه!“ ”پريو! تون مون سان آهين نـه!“ توهين ڏسندا، توهانکي جيون عجيب ٿي ويندي.

پوني جي نزديڪ ديهو روب آهـي. پوني کان ١۴ ميل پري. اِن ديهو ڳوٺ ۾ هڪ سنٽپرڪ جو جنم آستان آهه. وڏو سنت ٿي ويو آهي. مهاراشٽرا ۾ چار پنج وڏا سنت، تن مان هڪڙو هي سنت تڪارام. عجيب سنت ٿي ويو آهي. رواجي دڪاندار هو. موديءَ جو، پساريءَ جو ڪم ڪندو هو. پر مٿس ڪرپا ٿئي ٿي، سنت ٿي پوي ٿو. شواجي تن ڏينهن ۾ اِن حد جو راجا هوندو هو. شواجيءَ کي سنتن لاءِ ڏاڍو پيار هوندو هـو ۽ شواجيءَ کي ڪيرتن ڏاڍو وڻندو هو. سنت تڪارام مسنديءَ ۾ اَچي ڪيرتن ڪندو هو. پڳت اَچي نچندا هئا. تن ڏينهن ۾ پيغرون ڪيرتن تي ڪونه ويندا هيون. پائر مسنديءَ ۾ اَچي نچندا هئا. روز رات جـو ڪيرتن ٿيندو هو. اَلائي ڪيترا ڪلاڪ گذري ويندا هئا. وقت جي خبر ڪونه پوندي هئي. شواجيءَ چيو ته مان وڃي اِن سنت جي ڪيرتن ۾ شامل ٿيندس. پوءِ جاسوس ٿين ٿا، اُنهن کي خبر پئجي ويئي تـه اَڄ رات شواجي هنجي ڪيرتن تـي ويندو. اَورنگزيب کي وڃي اِها خبر ڏنائون. اَورنگزيب مغل راجـا هو. تن ڏينهن ۾ مغلن ۽ مرهٽن جـي وچـم لڙائي هئي. اَورنگزيب چيو:- ”هي ته ڏاڍو سٺو وجهه آهي ته جي شواجي اُتي هوندو ته مان پنهنجو وڏو لشڪر وٺي وڃي کين گهيرو ڪندس ۽ سيدي کي پڪڙي جيل ۾ وجهندس. پوءِ لڙائيءَ جـي ضرورت ڪين ٿيندي.“ اِن ويچار کان اَورنگزيب پنهنجو وڏو لشڪر وٺي آيو. شواجي اَچا پهتو مس ۽ ڪيرتن ۾ شامل ٿيو تـه اَورنگزيب جو لشڪر اَچي ڪنو ٿيو. ماڻهن ۾ اَچـي ٽاڪورو پيو. ماڻهو اَچي

جي نہ اسين اِها ٻڪار ٻُوڙها ڳاڙي وڃي ڪريون، تہ جيڪر يڪدم اسانجي پرارٿنا قبول پوي.

وري وري اسانجي جيون ۾ اهڙا موقعا اچن ٿا، جڏهن شيطان اسانکي سچ جي راه کان ڦري وٺي وڃڻ چاهي ٿو. جيتوڻيڪ اسين نٿا چاهيون، پر اسانکي دٻ لڳي ٿو تہ ڇا ڪريون. انوقت بيوس پاڻکي سمجهون ٿا. انوقت هيءَ پڪار ڪريون:- ”بچاءِ! بچاءِ!“ توهين ڏسندا الائي ڪٿان ڪا اهڙي ازغيبي شڪتي اچي پرگهٽ ٿيندي، جا توهانکي بچائي وٺي هلندي.

اسان مان ڪي چوندا آهن تہ اسين پرڀوءَ کي ڇو پڪاريون. پرڀوءَ کي سڀ خبر آهي بيشڪ، پرڀوءَ کي تہ سڀ خبر آهي؛ ناٽيهي ٿو اسانجي مدد ڪري. پرڀوءَ کي خبر آهي، تہ بہ پرڀو چاهي ٿو تہ منهنجي شڪتي هٿن وٽ وڃي. اها شڪتي رڳو ڪينچٽي آهي. اِنڪري اسين اُن شڪتي وٺڻ لاءِ تيار ٿيون. انلاءِ پڪار ڪرڻ ضروري آهي. هنوقت اسانجي حالت ڪهڙي آهي؟ ڏسو، مينهن پيو وسي: اسين ٻاهر وڃي ٻاٽي اُبتي ڪري رکون تہ اُن ٻاٽيءَ ۾ مينهن جو پاڻي پوندو ڪين. پاسن کان وهي ويندو. ٻاٽي جيڪڏهن سڌي ڪري رکبي، تہ اُنهي مينهن جو پاڻي پوندو. اهو پاڻي ڪٺو ٿيندو، اسين ڪٺي اچي سگهنداسين اسانجي حالت هنوقت اِها آهي. اسين اُبتيون ٻاٽيون آهيون. پرڀوءَ جي شڪتي اچي ٿي، پاسن کان وهي وڃي ٿي. شڪتي اندر ڪيني لڳي اچي ٿي. اسانکي جڳائي تہ اسين پنهنجي منهن پرڀوءَ ڏي ڪريون. ٻاٽي سنئين رکون ۽ پڪاريون:-

”بچاءِ اُنجلي آهي وڃ سير!“

پيارتي پرڀوءَ جو انجام آهي. پيارو پرڀو چوي ٿو تہ جيڪو بہ هر حال ۾، هر هنڌ، هر ڪم ۾، مونڏي نهاري ٿو، منهنجو آسرو پڪڙي ٿو، منهنجو ڀروسو وٺي ٿو، اُنکي مان ڪڏهين ڪين ٿو

"ٻچاءِ اَنجلي آهي وچ سير!"

سنت تڪارام وڏيون پرارٿنائون ڪين ڪيون. پانڊُرنگ کي چيائين:- "اُٺ، ڪرين ڇا پيو؟ اُٿي اَنجام ٻاڙ!"
"ٻچاءِ اَنجلي آهي وچ سير!"

هيءَ هڪ ننڍڙي نرمل پرارٿنا ڪافي آهي. ڪا ٻه ننڍڙي پرارٿنا وري وري ويهي ڪريون. اَسانجو اَندر ويندو صاف ٿيندو. جيئن پرڀوءَ جو وڌيڪ وڌيڪ ويچار ڪريون ٿا. وڃون ٿا وڌيڪ وڌيڪ پرڀوءَ وانگر ٿيندا. ۽ پرڀوءَ وانگر ٿيڻ آهي پوتر ٿيڻ، دياوان ٿيڻ.

اَسين ڏاڍين وڏين ڳالهين ۾ پئون ٿا. پوءِ پاڻ کي ٻه منجهايون ٿا ۽ ٻين کي ٻه منجهايون ٿا.

مؤلانا جلالدين رومي هڪ عجيب پستڪ لکيو آهي- مثنوي. هي ڪتاب پارسيءَ ۾ لکيل آهي. مؤلانا جلالدين رومي پارسيءَ ۾ هڪ وڏو وِدوان هوندو هو. مٿس ڪيئن ڪرپا ٿئي ٿي. اِها هڪ عجيب ڳالهه آهي. هنجي جيون ۾ تبديلي اَچي ٿي. هڪ درويش شمس تبريز وٽس گهر ويٺي اَچي ٿو. درويشن کي خبر آهي ته ڪنهنجو رُوح ڪهڙو آهي. اُهي پاڻ دروازو کڙڪائي اَچن ٿا. اَسين ڪونه ٿا وٽن وڃون. پوءِ هنجي جيون ۾ ڦيرو اَچي ٿو وڃي. ڪئون ٿي پوي ٿو. ۽ پوءِ شمس تبريز چويس ٿو ته "هي جيڪي پستڪ لکيا اٿيئي، جنجو توکي اَيمان آهي، اُهي سڀ نديءَ ۾ ڦٽا ڪر." گروءَ جو چوڻ مڃڻو پوي ٿو. پستڪ کڻي نديءَ ۾ ڦٽا ڪري ٿو جڏهن ڦٽا ڪري ٿو، سندس دل ٽڪرا ٽڪرا ٿئي ٿي. ڪيس ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو، ڇو ته سندس جيون، زندگيءَ جو پورهيو هو. پوءِ روئي ٿو. تڏهن شمس تبريز چويس ٿو ته "تون روئين ٿو، سو ڀلا هنن پستڪن جي ڪري. هي پستڪ ته رک وانگر هئا. اُن رک تي تون

ڏنا. يڪدم سنت تڪارام چيو:- ”پل اسانجو سرير ٽُڪِڙا ٽُڪِڙا ٿي وڃي، اسين ڪيرتن نه ڇڏينداسين. اسين پنهنجي پرڀوءَ جا ڳڻ ڳائيندا رهنداسين. پرڀو ڀڳت وتسل آهي، ڀڳتن جي رکيا ڪري ٿو. ڪڏهن به ڀڳتن کي نٿو ڇڏي“ ايڏي شڪتي سنگت کي اچي وئي، اهڙو ڪيرتن ڪرڻ لڳا، جو بس. پوءِ يڪدم سنت تڪارام جي پرڀوءَ سان گفتگو ٿئي ٿي. پرڀوءَ کي مرهٽا ڪوٺيندا آهن ”پانڊورنگا“. چوڻس ٿو:- ”پانڊورنگا! ڏسين وينو: مان ڪري وينو آهين؟ ڪهڙي ڪم جو ٿئين؟ هيڏا انجام ڏنا اٿيئي: اهي سڀ تنهنجا انجام اجايا هينئر اُٿ! اُٿ! هيءُ وقت ڪونهي ويهڻ جو: هينئر آهي وقت ڪجهه ڪم ڪرڻ جو. اٿي وڃي ڪو کيل پنهنجو تون ڪول!“ ان وقت چئون ٿا ته پانڊورنگ جي نيڻن مان هڪڙي نيلي جوت نڪتي، ۽ اوچتو هڪ ماڻهو گهوڙي تي ڏسڻ ۾ آيو رواجي سولجر پئي لڳو، جنهن کي شواجيءَ جهڙي پوشاڪ پهريل هئي ۽ شواجيءَ جهڙو ڏسڻ ۾ پئي آيو. گهوڙي تي چڙهي پئجي ٿو. مغلن هن کي ڏٺو. پنيان بلڪل شواجيءَ جهڙو پئي لڳو. هنن سمجهو ته هيءُ شواجي آهي. ڪيرتن ڇڏي، سڄو لشڪر اُنجي پنيان ڊوڙيو. هوءُ به ويو ٽڪڙو ڊوڙندو. پنهنجي گهوڙي کي هلائيندو، اڙيون هڻندو، هڪ جهنگل ۾ وڃي پهتو ۽ اُتي گم ٿي ويو. سڄو لشڪر اُنجي پنيان هليو ويو. چيائون:- ”شواجي هتي آهي. ڪيرتن تي وڃي ڇا ڪريون؟“ هي ڀڳت هت پنهنجو ڪيرتن وٺنا موج ۾ ڪن. بس ٿيو ڪلاڪن ڪانپوءِ سنت تڪارام ڏٺو ته اها روشني موٽي آئي ۽ پانڊورنگ جي نيڻن ۾ سمائجي وئي. تڏهن سنت تڪارام چيو:- ”توکي شاباس آهي. بيشڪ، تون ڀڳت وتسل آهين!“ سڀ رهجي آئي. هيءَ حقيقت هڪ مسلم تواريخ نويس لکي آهي.

دق ٿيو. چيائين:- ”هاڻ هن مصيبت کان ڪيئن ڇٽان؟“ سو
پريوءَ کي پرارٿنا ڪيائين، جنهن چيائين ته ”پريو! هي نوجوان
بدي نٿو. مان ڇا ڪريان؟“ پريوءَ چيس ته ”هن نوجوان کي
ڇڏ ته هيءُ شيطان توکي ڀنڀلائي رهيو آهي ۽ ان ڪم ۾ هٿ
نه وجهه. ان ڪم ۾ هٿ وجهندو ته سندس ئي نقصان ٿيندو.“
گهڻو ئي وري موسيٰ سمجهايس ته ”مون الله سان به ڳالهه ڪئي،
پر الله چيو ته وري به سمجهائينس.“ نيٺ چيائين:- ”سائين!
مان چوان ٿو ’ها‘، توهين چئو ٿا ’نه‘. چڱو، مونکي فقط
ڪتي جي ۽ ڪڪڙ جي ٻولي سيکاريو. ڇو ته هڪ ڪتو مونکي
آهي، جو روز مونوٽ ايندو آهي. ۽ ڪڪڙ به آٿم، جو روز
صبوح جو مونوٽ ايندو آهي. هي ٻئي پاڻ ۾ ويٺا ڳالهيون ڪندا
آهن، جي مان سمجهي ڪونه سگهندو آهيان. مونکي رڳو اهو
سيکاريو. ٻيو سڀ مون ڇڏيو.“ موسيٰ نيٺ چيس:- ”چڱو،
سڀان کان وٺي ڪڪڙ ۽ ڪتي جي ٻولي توکي ايندي.“ صبوح
جو جڏهن اٿيو، سندس عادت هوندي هئي. صبوح جو اٿي
وڃي ماڻيءَ جو ڪپڙو ڇنڊيندو هو. جڏهن ڇنڊيائين ته ان ڪپڙي
مان روٽيءَ ٽڪر ڪري پيو. يڪدم ڪڪڙ وڃي اهو ڇهنب ۾
پڪڙيو. ڪتي چيس:- ”اڙي ڪڪڙ! تون ته ڪيترائي ٻج،
ڪينئان زمين مان کڻي کائي سگهين ٿو. مان ته اهو نه ٿو
کڻي کائي سگهان. هي روٽيءَ ٽڪر جيڪو مليو آهه، اهو به
تون ٿو کڻي وڃين. اهو ته مونکي کاراءِ.“ تنهن تي ڪڪڙ
چيس:- ”نه، نه، تون خيال نه ڪر: اڄ تنهنجي لاءِ وڏي
مجلس ٿيندي. تون ٻه ڪينڊين ته پاڻ مجلس تي وڌيڪ کائي
سگهندين.“ پڇائينس:- ”مجلس ڪهڙي آهي؟“ ڪڪڙ
چيس:- ”اسانجي مالڪ جو گهوڙو اڄ مرڻو آهي. انجو ماس
توکي ملندو. اهو پيو هوندو، توکي جيڪي وڻي، وڃي ڏائج:

ويٺو روئين. چڱو، مان توکي اهي پستڪ ڏهرائي ٿو ڏيان. پستڪ توکي کپن نه!" پوءِ چون ٿا، شمس تبريز نديءَ جي پاڻيءَ کي چوي ٿو ته "اُهي پستڪ جيڪي رُوميءَ تنهنجي اَندر موڪليا آهن، سي واپس موڪل." چولون اُٿن ٿيون. اُنهن چولن سڀ اِهي پستڪ واپس اُڇن ٿا. جڏهن رُومي اِها حالت ڏسي ٿو، شمس تبريز جي چرنن ۾ ڪري پوي ٿو. چوي ٿو:- "سائين! مونکي معافي ڏيو! مونکي اِئين ڪرڻ نه کپندو هو!" شمس تبريز چويس ٿو:- "مون توکان اِهي پستڪ اِنڪري ڦٽا ڪرايا، جئن تنهنجي دوارا دنيا کي اُهو پستڪ ملي، جو دنيا وساري نه سگهي. صديون گذري وڃن، اُن پستڪ جو پيا پاٺ ڪن." تنهن کانپوءِ هيءُ پستڪ مثنوي لکيو اٿس، جو اَمر آهي. پيا پستڪ وسري ويا آهن.

اِن مثنويءَ ۾ ڪيتريون ڳالهيون لکيل آهن آکاڻين دوارا هي درويش ڪيتريون سکيائون ڏئي ٿو. هڪڙي آکاڻي هڪ نوجوان بابت آهي. اِهو نوجوان هڪ ڏينهن حضرت موسيٰ وٽ وڃي ٿو ۽ کيس چوي ٿو ته "هڪ منشا مان پنهنجي اَندر رکي توهان وٽ آيو آهيان. اُها هيءَ ته مونکي جانورن ۽ پکين جي بولي سيکاريو، جئن مونکي پرڀوءَ جي ڳجهارت جي خبر پئجي سگهي." هيءُ نوجوان چوي ٿو ته "مان پرڀوءَ جي گت مت جاڻڻ چاهيان ٿو. اِنڪري جيڪي ٻه بوليون آهن، مان سکي وٺان،- جانورن جي بولي، پکين جي بولي، جنجي ڳالهائڻ مان مونکي اڳواٽ ئي خبرون پئجي سگهن!" موسيٰ گهڻو ئي سمجهايس ته "تون پرڀوءَ جي ڳجهه (راز) ۾ هٿ نه وجهه، اِنم نقصان ئي اَئيندي. پرڀوءُ جيڪي اَسان کان لڪائي ٿو، اُنم ئي اَسانجو ڀلو آهي. نه ته پرڀوءُ پاڻ اَسانجي اَڳيان اُچي پنهنجو راز کولي رکي." هي نوجوان چوئي ٿو:- "نه." روز موسيٰ وٽ ايندو هو. نيٺ موسيٰ ڏاڍو

جيئو گهوڙو مرندو، گهوڙي جو ماس کائيندين. تو جيئو اُٺ مرندو، اُٺ جو ماس کائيندين. نه کو گهوڙي جو ماس مليو، نه کو اُٺ جو." ڪڪڙ چيس :- "اُٺ مئو ته سهي، پر مئو وڃي ٻئي هنڌ. مونکي نه رڳو خبر پيئي ته اُنجو انتڪال اَچڻو آهي. وڌيڪ نه مونکي خبر ڪونه پيئي. منهنجي مالڪ وڃي کيس وڪيو هاڻ مان توکي اَج ٻي ڳالهه ٻڌايان ٿو، جا سچي ٿيندي. اَصل ڪُوڙي ڪونه ٿيندي. اَسانجو مالڪ اَج مرڻو اٿيئي. ۽ سندس مٽ مائٽ غريبن کي کارائيندا، جانورن کي کارائيندا. اَج ته توکي وڏيون مجلسون ملڻيون اٿيئي، ڇو ته اَسانجو مالڪ شاهوڪار آهي." هن ويچاري جو اِهي اکر ٻڌا، اُٿيئي سچي جان نڪري ويس. چيائين :- "هاڻ ڇا ڪريان؟ گهوڙي کي ته وڪڻي آيس، اُٺ کي به وڪڻي آيس، پاڻکي ڪٿ وڃي وڪڻان؟ مونکي ته مرڻو آهي." تڏهن جئن توهانکي چيم ته جڏهن ٻيو ڪو حيلو نه هلندو آهي، ويچار ڪبو آهي سنتن جو، سنتپرکن جو، پرڀوءَ جي پيارن جو. هي دوڙندو آيو موسيٰ وٽ. چيائين :- "موسيٰ! موسيٰ! مون سان هيءَ حالت ٿي آهي هاڻ توهين مونکي بچايو!"

"بچاءَ اُنجلي آهي وچ سير!"

موسيٰ چيس :- "تون بچندين ڪئن؟ توکي مون جيئو ته اِنهن ڪمن ۾ تون هٿ نه وجهه. تون گهوڙي کي ته وڪڻي سگهئين، اُٺ کي ته وڪڻي سگهئين، پر اِهي ٻئي ڪرم تو جيڪي ڪيا، اُن ماڻهوءَ کي گهوڙي جا پئسا تو نگيا، ٻئي کي اُٺ جا پئسا تو نگيا. هاڻ تون پاڻکي ڪنهنکي وڃي وڪڻندين؟" پوءِ اِني اُپديش ڏنيس ٿو، جنهنڄو ويس ٿو ته "هاڻ تون اِن ڪان نه بچي ڪين سگهندين. تو پاڻيهي پنهنجو اَنت گهري ورتو آهي. پر هاڻ بچاءَ جو وقت پنهنجو سڦل ڪر. پرڀوءَ ۾ ايمان رک: پرڀوءَ کي چئه :- 'پرڀو! جيڪي تون ڪرين ٿو، اُنهن ۾

هن سڪل روٽيءَ ٽڪر مان توکي ڇا ملندو. تنهنجي لاءِ اڄ
وڏي مجلس آهي." ڪتي چيو:- "ڏاڍو سٺو." هن جو اِها
وائي سمجهي چيائين:- "منهنجو گهوڙو مرندو به اڄ." يڪدم
گهوڙي کي ڪٽي وڃي ٻزار ۾ وڪڻي آيو. چيائين:- "هاڻ
جنهن وٽ ويو، مرندو اُنجو، مونکي ته پئسا مليا" چيائين،
موسا مونکي گهٽو ئي چيو:- "نه سڪ، نه سڪ. ڏس ڀوريون
ئي فائدو منهنجو اِهو ٿيو" ٻئي ڏينهن صبوح جو وري
ساڳي حالت ٿي. مانيءَ جو ڪپڙو کٽي وڃي ڇنڊيائين. روٽيءَ
جا ٽڪر زمين تي ڪري پيا، جي ڪڪڙ کنيا. وري به ڪتي
اچي چيس:- "تو جهڙو ڪوڙو مون هيل تائين ڪونه ڏٺو. ڪلهه
تو مونکي ٺڳ ڪيائي. تو چيو گهوڙو مرندو ته تون اُنجو ماس
کائيندين. مونکي ته ذرو به ماس جو ڪونه مليو. مان ڪلهه
سڄو ڏينهن بکايل رهيو آهيان. اڄ به تون روٽيءَ جا ٽڪر کٽين
ٿو." ڪڪڙ چيس:- "هاڻ هيءَ ٻڌ. اُهو گهوڙو مئو ته سهي،
پر اسانجي مالڪ کي اَلائي ڪئن پروُن پئجي ويا، سو ٻئي
گهوڙو وڪڻي آيو. هاڻ مان توکي اڄ بيو ڳجهه ٻڌايان ٿو. تو باڻ
ڪلهه سڄو ڏينهن بک ڪئي آهي، توکي شاباس آهي. اڄ به
بک ڪر. مالڪ جو جيڪو اُٺ آهي، سو اڄ مرندو. اُن اُٺ
جو تون وڃي ماس کائج. توکي باڻ بهتر ماس ملندو. گهوڙي
جي ماس ۾ اهڙو سواد ڪونه ٿيندو آهي. اُٺ جو ماس توکي
ملندو ۽ توکي اَجوڪو، ڪلهوڪو، ٻنهي ڏينهن جو کاڌو ملندو."
هن جو ٻڌو اَڄ اُٺ مرڻو آهي، يڪدم اُٺ کي کٽي پڳو، وڃي
وڪڻي آيو. ٽيون ڏينهن ٿيو وري ساڳي حالت ٿي. روٽيءَ جا
ٽڪر ڪريا: ڪڪڙ کنيا. ڪتي چيس:- "اڙي، تو جهڙي
لاءِ مان ڇا چوان؟ وس هليم ته توکي اِتيئي ٻچيءَ کان مروائي
ٺِڪر ڪري ڇڏيان. مونکي ته ڏينهن ٻئون ڪيائون اٿئي. تو

آنڊر تون اُجار

دادا :- اَڄ جو ويچار :-

اکر پڙھ هيڪڙو، ٻيا ورق سڀ وسار :
اَندر تون اُجار، اَڃا پنا پڙهندين ڪيترا؟

منهنجا پيارا! هڪ اکر تون سک. هڪ اکر تون پڙھ. ٻيا ورق سڀ وسار! اَسانجي اَندر جڏهن توري گهڻي پياس اُٿي ٿي ته اَسين پرڀوءَ کي هلي پايون، تڏهن ستسنگ ۾ اَچون ٿا، سنتن جا وچن ٻڌون ٿا. پوءِ ڀريون اُي ڀريون قدم جو اَسين کڻون ٿا، سو هي ته اَسين ڪتابن ڏي ڇڪجي وڃون ٿا. هي پڙهون ٿا، هو پڙهون ٿا. هن سنت ڇا چيو؟ هن سنت ڇا چيو؟ پوءِ چوندا آهن :- ”گهڻو پڙهڻا، گهڻو منجهڻا.“ پوءِ منجهي پئون ٿا ته اڳتي اَسين ڪٿان وڃون. اِنڪري فقير چوي ٿو :-

”اکر پڙھ هيڪڙو، ٻيا ورق سڀ وسار!“

منهنجا پيارا! توکي مانک جنم مليو آهي، اِهو سونو وجهه تون هٿان مان نه وڃاءِ! اِهو مانک جنم مونکي مليو آهي، توهان کي مليو آهي، اَسان سڀني کي مليو آهي : ڇا واسطي؟

”اَندر تون اُجار، اَڃا پنا پڙهندين ڪيترا؟“

منهنجا پيارا! اَندر کي ويهي اُجار! ”اُجار“ معنيٰ ”چمڪاءِ“، پالش (Polish) ڪر. اَهڙي پالش ڪر. جئين چمڪو اَچي ٿئي، جنهن ۾ روشني اَچي جاڳي. اِها روشني آهي نُور. اِهو

اَسانجو ڀلو آهي. اسانکي نه ڄڃائي، جو اسين تنهنجي ٻُڌڻ ۾ هٿ وجهون، ڇو ته اِن ڪرڻ سان اَسانجو ئي نقصان ٿئي ٿو. پنهنجو نقصان اَسين پاڻ ڪريون ٿا. جيڪي پريوُ اَسان ڪان لڪل رکي ٿو، اُن ۾ ئي اَسانجو ڀلو آهي."

"ٻچاء اَنجلي آهي وچ سير!"

اَسين اَجايو پاڻکي گهڻين ڳالهين ۾ وجهون ٿا، پنهنجو نقصان پاڻ ڪريون ٿا. جيڪي اَسانکي نه ٻڌڻ کپي، اَسين وڃي ٻڌون ٿا، پاڻکي نقصان پهچايون ٿا. ڪيترين ڳالهيون جي اَسانکي نه ڏسڻ کپن، اَسين وڃي ڏسون ٿا، پاڻکي نقصان پهچايون ٿا. ڪافي آهي مونکي جيڪو وقت مليو آهي، مان ويهي پنهنجي پريتم، پنهنجي پريوءَ سان گفتگوُ ڪريان. پريوُ هر هنڌ حاضر ناظر آهي. ڪٿي به توهين آهيو. ڪيترا پائر آهن، ڪيترئون پيئر آهن، جي مونکي چونديون آهن ته "اَسين سڀان جاء ۾ وڃي پريوءَ کي پڪاريندیون آهيون ۽ پريوُ اَسانجي ٻڌندو آهي." اِئين ڪونهي ته سڀان جاء ۾ پريوُ ڪونه ٿو اَچي. جتي آهيون، اُتي پريوُ اَچي ٿو. اَسين فقط ڏانهس نهاريون ۽ نماڻا نيڻ ڪڍي کيس پڪاريون، پريوُ اَچي حاضر ٿيندو. جئن بجلي جو ٻٽڻ دٻائيندا ته بجلي ٻرندي. توريئي بجلي اِئين چوندي ته نه ٽرسو! ٽرسو! مان ٻران ٿي: هينئر مان ڪم ۾ آهيان. نه! ٻٽڻ دٻايو: بجلي ٻري. ساڳيءَ طرح رڳو توهين پڪاريو: پريوُ توهانجي اڳيان حاضر!

[منيلا: ١٩٨٣-٤-٧]

هڪ ڏينهن مون ويٺي ڪتاب پڙهيو. پڇاڙيءَ تي اچي پهتس. باقي ڪي ٻه ٽي صفحا مس هئا. پياري دادا سڏ ڪيو. مونکي ماڻهو موڪليائين. مون چيو:- "هاڻي اچي پهتو آهيان. پورو ڪري پوءِ ٿو وڃان." پياري دادا جو ڪو ضروري ڪم هو. وري ٻيو ماڻهو ڪوٺڻ آيو. مون چيو:- "باقي ڏيڍ صفحو. اڳو پوءِ پڙهي وڃان." وري ٽيون ماڻهو آيو. مون چيو:- "هاڻ باقي چار سٽون" ويس ته دادا پڇيو ته "ڇا ويٺي ڪيئه؟ تون آئين ڪين. هونئن پهرئين سڏ تي ڊوڙندو ايندو آهين. ويٺو نهاريندو آهين ته دادا ڪيڏيءَ مهل ٿو سڏ ڪري. اڄ هڪ ماڻهو، ٻيو ماڻهو، ٽيون ماڻهو موڪلڻو پيو." مون چيو:- "دادا! اڄ هڪ پستڪ ويٺي پڙهيم. ڏاڍو absorbing هو. چيم، پورو ڪري وڃان." پوءِ دادا اُهي اکر چيا، جي پوءِ هڪ گيت ۾ ٻه مونکي لکي ڏنائين:-

"آهين اَصل تون اَلڪ جو، دل جو ڪتاب ڪافي!"

"پيارا! ڪتاب تون ڇا ڪندين؟" تڏهن مونکي ڪتابن جي مستي هوندي هئي، ڪو وقت هو، جڏهن مان چوندو هوس ته هڪ ڪتاب روز ضرور پڙهان. پياري دادا چيو:- "دل جو ڪتاب پڙهه! اُن دل جي ڪتاب تي هڪ ئي حرف اُڪريل آهي،- پريم، پيار، محبت، سنيهه، سڪ، اُڪير. 'اکر پڙهه هيڪڙو': اِهو پيار جو اکر تون پڙهه. پنهنجي دل جي اَندر پريوءَ واسطي پيار اُٿار. اُهو پيار اَهڙو اُٿندو، جو پاڻيهي اُهو پيار تون وڃي سڀني کي ڏيندين. تون پيار جي مورت ٿي پوندين، پيار جي صورت ٿي پوندين."

اکر پڙهه هيڪڙو، ٻيا ورق سڀ وسار؛
اَندر تون اُجار، اَجا پنا پڙهندين ڪيترا؟

اَندر کي اُجارڻو آهه. اِهو عملي ڪم آهي. اَندر ڪئن

نُور اَسان مان هڪ هڪ جي اَندر ٻيو آهي. اِن نُور جو ذڪر پيارو دادا ٻنهي جي ٻون ٻاٽيءَ ۾ وري وري ڪري ٿو. توهان وري وري هي اکر ٻڌا آهن:- "نُوراني نُور." اِهو نُوراني نُور اَسان جي اَندر ٻيو آهي. اِن نُور کي ڏسڻ واسطي اَسان کي ٻاهر ڪٿي هردوار يا ڪيلاش پربت تي ڪونه وڃڻو آهي. اِن نُور کي ڏسڻ واسطي اَندر اُجارڻو آهي، اَندر چمڪائڻو آهي، اَندر پالش ڪرڻو آهي. ڪاٺ ۾ چمڪو ٻيو آهي. ٻاهران ڪونه ٿو اَچي. رَندو رندو ڪڍي ڪاٺ کي گسيون ٿا. اُن سان اَهڙو چمڪو نٿو اَچي. پوءِ سئنڊ پيپر (Sand Paper) ڪڍون ٿا. اُن سان به اَهڙو چمڪو نٿو نڪري. سئنڊ پيپر جا نمبر ٿيندا آهن. موٽي هيٺين پاد ڪيڻ ٿو اَچي ننڍي هوندي مان واڍڪي جو ڪم سکيو هوس. زيرو (0) نمبر جو سئنڊ پيپر، اُن سان چمڪاٽ اَچي نڪرندو آهي.

"اَندر تون اُجار": اَندر کي اُجارڻو آهي. ستسنگ ۾ آيس، ستڪ پڙهيم، اُپديش ٻڌم، تيرٿن تي ويس، ڪيترو وقت سانت ۾ گذاريم، پر جي اَندر کي نه اُجاريم ته ڪجهه چارو ئي ڪونهي. اَندر کي صاف ڪرڻو آهي.

اکر پڙهه هيڪڙو، ٻيا ورق سڀ وسار:
اَندر تون اُجار، اَجا پنا پڙهندين ڪيترا؟

"ورق" معنيٰ "پنا". "ٻيا ورق سڀ وسار": ٻيون سڀ ڳالهيون وسار. اهڙيون ڳالهيون تون پڙهندين، منجهي پوندين توکي شاباس آهي جو اهڙيون يادگيريون تون رکي ويٺو آهين. پوءِ پورڙ ٿي پوي ٿي، جڏهن تون سانت ۾ ويهين ٿو، اِهي يادگيريون اَچن ٿيون. هيءَ يادگيري اَچي ٿي. هوءَ يادگيري اَچي ٿي. هڪ ڏينهن پياري دادا اَسان کي ٻڌايو ته سانت ٽن قسمن جي آهي. ٽن مان هڪ کي ڪوٺيائين "سمرتي موڻ" (Silence of memory). اِها ڪيئن ٿيندي؟ جڏهن ورق وساريندين.

ٿئي.- اڳي حويليون هونديون هيون، جن کي هڪ وڏو شاهي دروازو هوندو هو. حويليءَ اندر ڪيترائي گهر هوندا هئا. ٻهريون ئي ٻهريون ڪم ڪندا هئا ته دروازو بند ڪري ڇڏيندا هئا. اَسين دروازو کولي بيا هلون. پرواهه ئي ڪين اٿئون. دشمن جو لشڪر سڄو وقت پيو اَسانجي چوڌاري ڦري. دروازا کليا بيا آهن. لشڪر اَندر گهسي ٿو اَچي. دروازو کليل ڏسي ٿو ۽ ڏسي ٿو ته ڪو چوڪيدار به ڪونهي، اَندر گهسي ٿو اَچي. شيطان پنهنجو لشڪر وٺي ٿو اَچي.

شري ڪرشن چوي ٿو:- ٻهرين اِهي نَوَ دروازا تون بند ڪر اِهي نَوَ دئار آهن.- ٻهرين ٻهرين هي به اکيون. اکين دوارا ڪيڏا نه پاپ ٿين ٿا. سال اڳ، پياري دادا مونکي چيو، اَڄ ته مان توکي سيکاريان ته پنڌ ڪيئن کبو آهي. مونکي چيائين ته "پنڌ اَهڙيءَ طرح ڪر، جو تنهنجون اکيون پيرن جي آڱوٺن تائين ڏسن. وڌيڪ نه ڏسن." اَسين ڏسو، ڪيڏو نه هيڏانهن هوڏانهن ڏسون ٿا. پوءِ ڪنهن نه ڪنهن روپ تي وڃي ٿا اَٽڪون. اکين کي نه ڪو روپ ڏٺو. اُن روپ اَندر ۾ وڪار اُٿاريو. اِهـا حالت رڳو اَسان معمولي ماڻهن جي ڪين آهي، پر ڪيترا جوڳي هن راهه ۾ هلن ٿا، تن جي به اِها حالت آهي. مان وري وري توهان سان ذڪر ڪندو آهيان ته هڪ گروُ ڀڳت هو. گروءَ جي باڻيءَ جو ڏاڍو اَڀياس ڪيو هئائين ۽ ڪيائين پئي. اَسي (٨٠) ورهين جو اَچي ٿيو سندس ڏاڙهي اَڇي، وار اَڇا. مون کي هڪ ڏينهن مليو. مونکي چيائين:- "مونکي جيڪر خلاصو ملين" هن ڳالهه کي ڪيترا سال ٿي ويا. مان وڃي کيس مليس. توهين ڏسو ها، هي وڏ اَوسٿا جو ٻڍو اِنسان، منهنجي گوڏن تي ڪنڌ رکي ٻوڪريءَ وانگر روئڻ لڳو. مون چيومانس:- "منهنجا پيارا! توکي ڪهڙي تڪليف آهي؟" چيائين:- "٨٠ ورهين جو ٿيو

اُجارجي؟ شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو تہ جيڪڏهن توں جيون
ٺاهڻ چاهين ٿو تہ اندر جي صفائي ڪرڻ ضروري آهي. ٻيو ڪجهہ
ضروري ڪونهي. روحاني زندگيءَ ۾ اِها ضروري ڳالهہ آهي —
Interior Purification . ٽي منزلون روحاني راهہ ۾ آهن:-

(1) The stage of Purification, (2) The stage of Illumination and (3) The stage of Unification

پهريون ۽ پهريون قدم آهي Purification. "اندر توں اُجار"
پوءِ گيتا ۾ شري ڪرشن ارجن کي ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن توں پنهنجو
اندر اُجارين. ڪيئن پنهنجي اندر کي صاف ڪرين. چوي ٿو:-
"پهريون ۽ پهريون ڪم هي آهي تہ دروازا بند ڪر. جيڪڏهن
توں اندر صاف ڪرڻ چاهين ٿو تہ دروازا بند ڪر، ڇو تہ گند اِنهن
دروازن منجهان اندر گهڙي ٿو اچي."

مان هڪ گهر ۾ ويس. مان دروازن کولڻ تي هريل آهيان،
جئين تازي هوا اندر اچي. مون اچا دروازا کوليا ٿي تہ گهر جي
ڌڻي مونکي چيو تہ "دروازا نہ کولجانءِ." مون چيو:- "ڇو؟"
چيائين:- "گند اندر گهڙي ايندو مٽي اندر هلي ايندي."
اِنکري هاڻ air-conditioners آهن. Air-conditioner ٻيو
هلي دروازن کولڻ جي ضرورت ئي ڪين. هي جيڪي دروازا
کليل آهن، تن منجهان گند گهڙي ٿو اچي. هن ڌڻي ساڳي سکيا
مونکي ڏني، جيڪا شري ڪرشن ارجن کي گيتا ۾ ڏئي ٿو
چوي ٿو:- "دروازا بند ڪر."

اُهي دروازا ڪهڙا؟ نَوَ دروازا آهن. شري ڪرشن ارجن کي
چوي ٿو تہ توں جنهن نگر ۾ رهيو پيو آهين، اُهو آهي نَوَ دري
نگر. هن سرير کي اُپنشدن ۾ رشين ۽ شريمد ڀڳوت گيتا ۾ شري
ڪرشن ڪوٺي ٿو نَوَ دري نگر. اُهو نگر، جنهن کي نَوَ دَر
آهن. پوءِ توهان کي خبر آهي نہ تہ لڙائي لڳي پئي شهر ۾ گوڙ شور

وٺين، سو ڏيندس. ڇو جو مرشد کي پاڻي ضرور گرم ڪري ڏبو آهه." مائيءَ چيو:- "منهنجو ملهه اٿيئي:- 'مون کي پنهنجون اکيون ڏي!'" فريد ٻڌي ڀڄي ويو. هيڏانهن هوڏانهن نهاريائين، پر ٻي ڪا جهوپڙي پرسان نظر ڪونه آيس. چيائين:- "ڏاڍو ملندو ته اڃان ٻي ملندو. اکيون ڏيڻيون آهن ته اکيون به ڏيندس. پر مرشد کي پاڻي ضرور ڏبو آهه." تن ڏينهن ۾ مرشد لاءِ ڏاڍي عزت ۽ شردا هوندي هئي. (هينئر جي هڪ اڌ اک ڪير وٺي ته پڄي وڃون. شهر ۾ ئي نه اچون.) فريد چيو:- "امي! ڀل اکيون ڪڍ، پر مون کي ڏاڍو ڏي، جئن مان پنهنجي مرشد کي پاڻي گرم ڪري ڏيان." پوءِ هيءَ ٻڍڙي مائي ڪيس چوي ٿي:- "مان ڪو تنهنجون اکيون ڪيان ڪونه ٿي، منهنجا بالڪ! پر اڄ کان وٺي ياد ڪجانءِ ته هي اکيون تنهنجون ڪين آهن، هي اکيون منهنجون آهن مون کي تو ڏنيئي ڇڏيون آهن. هنن اکين سان ڪڏهن به ڪنهن ڏي ناپاڪ نظر سان نه نهارج." فريد صاحب چوي ٿو:- "مون کي پورين پورين اِهو سبق ننڍي هوندي مليو. ۽ جيڪڏهن نظر ٿوري ٿرڪي ويندي هئي ته سا چوندو هوس ته هي اکيون ته منهنجون ڪونه آهن هي اکيون ٻڍڙي اميءَ جون آهن. مان ڪئن خراب ڪريان؟"

ورتمان منو وگياني اسان کي ٻڌائين ٿا ته ٨٣ سيڪڙو Impressions اسين اکين دواران پنهنجي اندر کڻون ٿا. اسين اکين سان ڇا وينا ڏسون؟ ڪا ٻالڪي سنسڪار ۾ اچي ٿي. ڪيترا ڀيرا سنسڪار ۾ نه ٿي اچي. کانئس پڇون:- "سنسڪار ۾ ڪونه آئيءَ." چوي:- "وڊيو (Video) وڃي ڏٺم." وڊيوز هينئر اهڙا نڪتا آهن، جو چون ٿا ته هڪ واريءَ شروع ڪن ته وري وچ ۾ بند ڪري ڪين سگهن. جئن منهنجي حالت هئي. ڪتاب وٺي پڙهيم: ڇڏڻ تي دل نٿي ٿئي نه. مان هنن کي ڪهڙو

وڏيون آهيان، وار اڇا ٿي ويا آهن، منهن ۾ گهنج پئجي ويا آهن،
اَندرڪل منهن ۾ ٻيو نهاري، تنهن هوندي به اَلائي ڇا آهي؟
سمجهي ٿي بند ڪريان ٿو. اکيون کولي ڏسان ٿيون، وڪار
اچي ٿا اندر اُٿي." توهين ويچار ڪريو، ٨٠ ورهين جو پوڙهو
انسان ۽ جنهن جي دل اندر پياس ته مان گروءَ جو ٿيان، پرپوءِ
جو ٿيان، وڪار اچي ستائين ٿا. شري ڪرشن چوي ٿو ته دروازو
بند ڪر. اکيون بند ڪر. جي بند ڪرين ٿو ته هيٺانهن هوڏانهن
نهار. ڪنڌ هيٺ ڪري هل. تون ڇو پيو هوندين. دشمن
جو لشڪر اندر گهڙي ڪونه ايندو.

فريد صاحب، جنهن جي باڻي گرو گرنٿ صاحب تي چڙهيل
آهي، هڪ پنهنجي آزمودي جو ذڪر ڪري ٿو. چوي ٿو، مان
ننڍو ڇوڪرو هوس. پنهنجي گروءَ (مرشد) وٽ رهندو هوس. منهنجي
مرشد مونکي چيو ته "صبوح جي وقت جيڪر ٿانڊو ڪڍي اچين.
باھ ٻاري مونکي پاڻي گرم ڪري ڏين ته مان جيڪر اِشنان
ڪريان." تن ڏينهن ۾ ماچيس وغيره ڪونه هوندا هئا. باھ ٻارڻ لاءِ
ڏاڍي تڪليف وٺڻي پوندي هئي. ڪاٺيءَ سان مهٽيندا
هئا. مهٽي مهٽي اُن مان گرماش نڪرندي هئي ۽ باھ ٻرندي
هئي. اِنڪري باھ هميشه زنده رکندا هئا. ٿانڊي مٿان رک
چڙهي ويندي هئي، ته باھ هميشه ٻيٺي ٻرندي هئي. جي باھ
وسامي ويندي هئي ته پاڙي مان وڃي ڪنهن کان ٿانڊو وٺي ايندا هئا.

فريد، ١١-١٢ ورهين جو ننڍڙو ڇوڪرو، چوي ٿو:- مان ويس.
پرسان وڃي هڪ جهوپڙيءَ جو دروازو کڙڪايم. هڪ پوڙهي مائي
اُتي رهندي هئي. اُن پوڙهي مائيءَ کي چيم:- "اَمي! مونکي
ٿانڊو ڏي، جنهن سان باھ ٻاريان، پنهنجي مرشد کي اِشنان لاءِ
پاڻي گرم ڪري ڏيان." مونکي چيائين:- "ٿانڊو ڪهڙي، پر
پوڙهي جو ملهه ڏيڻ لاءِ تيار آهين؟" فريد چيو:- "جيڪو ملهه.

ڪري ڪٽي اَچي هن فقير کي ڏٺي ٿي. فقير ڏٺي پيئي نهاري، پيئي نهاري فقير ويچارو پنهنجي ڳوڙهيءَ ۾، ڪرمنڊل ۾ ڪاٺ وجهي ٿو. مائي چويس ٿي:- "ٿورو وقت ترس. ٽڪڙو ڇو ٿو وڃين؟" فقير پيو چوي:- "هيءَ مائي مون سان اِئين ڇو ٿي ڳالهائي؟" هيءَ مائي پيئي وري ڏانهس نهاري. نيٺ فقير چيو:- "مونکي وڃڻو آهي. مان هت ويهي ڇا ڪريان؟" مائيءَ چيس:- "ڀلا سڀان ضرور اَچجانءِ. مان تنهنجي لاءِ بيٺي هونديس" پيو ڏينهن ٿيو. مائي بيٺي هئي. فقير آيو. فقير کي ته وسري ويو ته مائي ڪا هئي، جنهن ڪلهه هن کي اَچڻ لاءِ چيو هو. هي ته پنهنجي ڌن ۾ رهندو هو. هن جا دروازا سڀ بند هئا. اُسين دروازا کولي ٿا ويهون. پوءِ اِهي يادگيريون ڏاڍيون اَچن ٿيون. هي فقير اُتان لنگهيو. مائيءَ ڏٺو ته لنگهي ٿو وڃي. چيائينس:- "فقير! فقير!" فقير نهاريو. چيائينس:- "اَڙي ماتا! مونکي ته وسري ويو هو. ڪلهه ته برابر مونکي چيو هو ته سڀان ضرور اَچجانءِ. مونکي پل ڏي، جيڪا ڀکيا تون مونکي ڏيڻ چاهين ٿي." مائي اَندر ويئي. ڪلهه ڪان ٻه وڏيڪ سنا مال ڪٽي آئي. موهن ٿال، جليبيون ٿاهيون هئائين. ٻيون ڪيتريون شيون کڻي آئي. فقير پيو عجب ۾ پوي ته هيءَ مائي ايڏي پاسخاطري مون سان ڇو ٿي ڪري؟ هونئن مان ڪٿي ويندو آهيان ته ڪو مونکي ٽڪو ڏيئي ڪڍي ڇڏي. ڪٿي ڪٿ؟ ڪٿي ڪٿن؟ ڏنائين ته هيءَ مائي وري وري پيئي سندس اکين ڏي نهاري. هن فقير جون اکيون ڏاڍيون موهيندڙ هيون، جنن هرڻ جون اکيون. ڪن ڪن جون اَکيون اُهڙيون ٿينديون آهن، ڏاڍيون موهيندڙ، ڏاڍيون ڇڪيندڙ. هيءَ مائي پيئي هن جي اکين ڏي نهاري. وري جڏهن فقير موڪلايو، مائيءَ چيس:- "فقير! سڀاڻي ضرور اَچجانءِ. مان تنهنجي لاءِ

ڏوهه ڏيان؟ مان پاڻ اُن حالت ۾ هوس. ٻـر وڌيڪ شايد ڪتاب ڪان وڌيڪ ٿو ڇڪي. هاڻ اهو جيڪي اَسين ڏسون ٿا، اَندر وڃي ٿو ڪنو ٿيندو. جنن ڪاڏو اَسين ڪاڻون ٿا، اَندر وڃي ٿو، تنهن اکين دوارن ۾ اَسين ڪاڻون پيا. هت هڪ دروازو جيڪو هن سرير جو آهي، تنهن دوارن اَسين پيا اَندر ڪڍون. منهنجا پيارا! اَندر نه ڪڻ. ڦٽو ڪر، ڦٽو ڪر. دروازو بند ڪر. ڪنهن کي اَندر اَچڻ نه ڏي. ڏسو، اَسانجو گهر آهه. ڪئن نـه اَسين دروازو بند رکون ٿا. ڪنهن کي اَندر اَچڻ نٿا ڏيون. جي ڪير اَچي ٿو ته پهرين پڇون ٿا ته ” کهڙو ڪم آئيئي؟ “ ”ڇو آيو آهين؟ “ پر هي دروازا اَسين کولي ويٺا آهيون، سڀ ڪنهن کي، پيا اَندر اَچڻ ڏيون. Come one, come all، اِها آهه اَڄوڪي زماني جي ڪمال.

هڪ سنپرڪ جي پياري دادا حيدرآباد سنڌ ۾ ڳالهه ڪئي. فقير هو، جهنگ ۾، بن ۾ رهندو هو. روز ڀڪيا لاءِ نڪرندو هو. ٽن گهرن ۾ ويندو هو. اُتان جيڪي ملندو هوس، چوندو هو، پربوءَ جي اِها اِڇا آهه. موڪي جيڪي اُتان مليو، منهنجي لاءِ ڪافي آهه. ڪڏهن ڪڏهن تنهي دروازن تان ٽڪو ڳالهائي ڪيس ڪڍي ڇڏيندا هئا. چوندو هو:- ” اَڄ پياري پربوءَ جي اِڇا آهه ته مان ورت رکان.“ دکي نه ٿيندو هو، رنج نه ٿيندو هو. ڪنهن لاءِ به ڪو ويچار دل جي اَندر نه آڻيندو هو. سڀني کي آسيس ڏيندو هو. چوندو هو، اِئين پربوءَ جي اِڇا آهه. پربو چاهي ٿو ته مان ورت رکان. ء مان وِيهي هنن لاءِ چوان ته ڇو ٽڪو ڳالهايائون. هي سڀ پربوءَ جو کيل آهه.

هڪ ڏينهن هي سنپرڪ هڪ رستي تان لنگهي ٿو. هڪ مائي بالڪنيءَ ۾ بيٺي آهه. فقير کي سڏي چويس ٿي:- ” فقير! اَڄ ته مان توکي ڪاڏو ڏيان.“ اَندر وڃي ٿي. ڏاڍو سٺو اُچو ڪاڏو تيار

هلي گهٽا ميل ٿي.“ اِئين ويٺي سمجهايائين. مون چيومانس:- ”جيڪي ڪپيٽي، سو وڃ. پر اَندر ضرور اُجارجانءِ. اِئين نہ ٿئي جو اَندر اِئين ئي رهجي وڃي.“ زندگيءَ ۾ هي هڪ وڏو task اَسان اڳيان آهي، جو وسارڻ نہ گهرجي.

ٻيا دئار آهن ٻہ ڪن. ڪنن دواران اَسين ڪيڏا نہ پاپ ڪريون ٿا. ٻيا ٻہ دئار آهن ٻہ ناسڪائون. ڪيترا پاپ ٿيا آهن اِنهن سڱندين مان. هڪ ٻيو دئار آهي مک. ٻہ اکيون، ٻہ ڪن، ٻہ ناسڪائون، ۽ ستون دئار هي مک، هيءَ زبان اَسين تير چوريون ٿا، اُن ڪان ٻہ وڏيڪ تکو آهي زبان جو تير. هڪڙي پيرڻ مونکي گڏي. روئي، جو روئي، ٻيٺي روئي. چيومانس:- ”ڇا آهي؟ منهنجي پيرڻ! تون هيڏو روئين ڇو ٿي؟“ چيائين:- ”فلاڻي اَصل منهنجي دل کي ڦٽي ڇڏيو آهي. سرير جو ڦٽ ڇٽي وڃي، دل جو ڦٽ ڪين ڇٽي.“ اَهڙا اکر اِنسان جا ڦٽي ڇڏين ٿا. ۽ هن زبان جو ٻيو روپ (aspect) آهي ”سواد“. سواد جي ڪري، ڏسو، اَسين ڪيترن کي ڦٽيون ٿا. روز روز ويچارن گگدامن کي کهايون ٿا. اُهي گگدام، جن کي زنده رهڻ جو ساڳيو حق آهي، جهڙو مونکي حق آهي، توهانکي حق آهي. اَسين پنهنجا حق وٺون ٿا، ٻين کي حق ڏيون ئي نٿا تنهن ڪانسواءِ ٻہ ٻيا دئار،- The organ of generation and the organ of evacuation.

نوَ دئار هن سرير جا. اِنهن نوَن ئي دئارن دواران اَسين روز روز پاپ پيا ڪريون. اُپنشدن ۾ رشي چوي ٿو:-

The God pierced the body of man will holes and the hopes are looking outward. What the man needs to do is to turn inside.

هيءَ گڏي جيڪا ناهيائين، اُن ۾ ويهي ٿوڙنگ ڪيائين.

بيٺي ھوندس، ھن ڏٺو تہ ڪا مڙيئي حرڪت آھي. ٻئي ڏينھن ڪونہ آيو. ٽئين ڏينھن ڪونہ آيو. چوٿين ڏينھن ڪين آيو ورڻي پنجين ڏينھن اچي ٿو. ھٿ ۾ لٺ اٿس. ٺڪ ٺڪ ڪري اچي ٿو. مائي ويچاري روز اچي ان اميد ۾ ويھندي ھئي تہ فقير ايندو، اڄھو ايندو. ھينئر پريان ڏسي ٿي تہ فقير اچي پيو، پر پنڌ ڪرڻ ۾ کيس تڪليف آھي. پوريءَ طرح پنڌ نٿو ڪري سگھي. ھٿ ۾ لڪڙي اٿس، جنھن سان ٺڪ ٺڪ ڪري پيو اچي. اچي ھن مائيءَ جي گھر وٽ ويھي ٿو. سندس ھٿ ۾ ٿيلھي آھي. اھا ٿيلھي، ڳوٿري مائيءَ کي ڏئي ٿو. چويس ٿو:- ”مائي، ھي وٺ. تو دل لڳائي اکين سان: مان اھي اکيون ڪڍي ھن ٿيلھيءَ ۾ کڻي آيو آھيان.“ ھينئر ھي سورداس ٿي پيو. سورداس ٿيڻ ھن قبوليو. تہ دروازا بند ڪرڻ جي ايڏي حد ٿيندي آھي. مان نٿو چاھيان تہ توھين بہ ائين ڪريو. پر گھٽ ۾ گھٽ گھٽيون نہ کوليو: ايتري قدر بہ انسان ٿي ويا آھن. ھيءَ سچي ڳالھہ آھي.

اکر پڙھہ ھيڪڙو، ٻيا ورق سڀ وسار:
اندر تون اجار، اجا پنا پڙھندين ڪيترا؟

اسان مان ھڪ ڪي اھو سبق سکڻو آھي. اسين ھت آيا سين ڇاجي لاءِ؟ اسانکي ھي مانک جنم مليو ڇا جي لاءِ؟ اسين اچي پيا آھيون لکن ۽ ڪروڙن جي پٺيان، بنگلن ۽ ماڙين جي پٺيان، موٽرن ۽ گاڏين جي پٺيان. اڄ ھڪ ڀاءُ مون کي چيو تہ مان مارُوتي جيپ ٿو وٺان. چيائين:- ”مارُوتي جيپ وٺان يا مارُوتي ڪار وٺان؟“ مون چيومانس:- ”وٺ، جيڪي تون چاھين، پر اندر ضرور اجارج. ڪم تہ اھو ڪرڻو آھي. ڀل جيپ وٺ يا ڪار وٺ.“ چيائين:- ”مارُوتي ڪار ۾ maintenance ڏاڍي ٿوري آھي. ٻين Cars ۾ وڌيڪ آھي. پيٽرول ٿورو وجھہ،

اُجاڙو آهي. سچي اَسانجي ڪوشش اِها آهي. اَسانجي شاسترن، اَسانجي اُپنشدن، گيتا ۽ گرباڻيءَ جو زور هن ڳالهه تي آهي ته اَندر صاف ڪريو. جنهن جي تلاش ۾ اَسين آهيون، سو اَسين پاڻ سان ڪٺي پيا گهمون. اَندر صاف ڪونهي، اِنڪري اَسانکي پروڙ نٿي پوي.

هڪ ڀيڻ:- اَسين ڪيڏي نه ڪوشش ڪريون ٿا، پر وري وري ڪري ٿا پئون.

دادا:- ڪوشش اَسانجي ڪهڙي آهي؟ ٻڌو هڻوس. ڏسو، ڪيتري نه ٿوري. مان توهان کي اِهو پنهنجي آزمودي مان ٿو ٻڌايان. پيارو دادا پاڻ سان لٺ رکندو هو. پيارو دادا، ڪيڏو نه نرمل، ڪيڏو نه پوتر! تنهن هوندي به، پاڻ سان لٺ رکندو هو. ڪڏهن ڪو ڪو ڪيس وڪار ايندو هو ته دروازو بند ڪري لٺ پٺيان لٺ پاڻ کي هڻندو هو. جڏهن مَن چوندو هوس:- "مون توبهه ڪئي: مان وري اِهو ڪم نه ڪندس"، تڏهن بند ڪندو هو. اَسان ڪڏهن پاڻ کي لٺ هنئي آهي؟ ڪڏهن پاڻ کي مار ڏني آهي؟ ڪڏهن پاڻ کي چيو اَٿئون ته توکي کاڌو نه ڏينداسون. تون سمجهين ڇا ٿو؟ ڪڏهن اَسان اِئين ڪيو آهي؟ سچو ورت اِهو آهي. اَسين وسپت جو ورت، منگل جو ورت رکون، اُن ڏينهن پاڻ خوب وڪار پيا اَندر ۾ اُٿن: اُن ورت مان ڪهڙو فائدو؟

اکر پڙهه هيڪڙو، ٻيا ورق سڀ وسار:
اَندر تون اُجار، اَجا پنا پڙهندين ڪيترا؟

"ٻيا ورق سڀ وسار": ٻيا سڀ اکر وسار. هڪڙو اُهي اکر "پريم"، "پيار" ياد رک. سو پيار تون ڏي پياري پرڀوءَ کي. وڌيڪ پيار تون ڪيس ڏي. جڏهن اِهو پيار اَندر اَچي ٿو، مَن پاڻيهي وڃان ٿو پوتر ٿيندو، صاف ٿيندو.

*

اِهي ٽوڪُنگ ٻيا ٻاهر نڪرڻ ۽ ٻيا اُسانکي ٻاهر وڃڻ ڏيڻ. سڄو وقت اِنگريز اَسانجو من پيو ٻاهر وڃي. اِندرين سان من اَڄي ناڙ کي ٻڌو آهي. اِنگريز شري ڪرشن چوي ٿو:- ٻهرين دروازا بند ڪر. پوءِ من کي نهچل ڪر. هيئنئر تنهنجو من چنچل آهه. اِن من کي تون ايڪاڳر ڪر. ۽ من ايڪاڳر ٿيندءِ، جڏهن تون من کي هردي ۾ اَچي وهاريندين. پوءِ پنهنجي پراڻن کي.

هڪ پيرٽ:- دادا، سڳند دواران ڪئن ٿيون اِندريون چڪڻ؟

دادا:- ڇوڪري سڳند وجهي آئي ڇوڪرن جي حالت ڏسو ها. هڪ ڏک سان سيني کي تير لڳي ويو.

اِنگريز پنهنجو ڌيان ڪوشش ڪري اکين جي ڀرن (eye brows) جي وچ ۾ رکو. ڏسو، سنسنگ ۾ ڪيترن پيو ٿئي. پر اُن وقت به اَسانجا من چنچل. ڪٿي ڪٿي ٻيا وڃن اِنگريز من کي سيکاريو. من جو آستان آهه اکين جي ڀرن جي وچ. اُت وهاري نام ۾ سندس ڌيان وجهو. پوءِ اُتان آهستي آهستي مستڪ تي چاڙهيو. پوءِ اَندر اُجارجي وڃي ٿو.

”اَندر تون اُجار، اَچا پنا پڙهندين ڪيترا؟“

صفائي ڪرڻي آهه. مون سان هڪ ٻالڪيءَ ڳالهه ڪئي ته فلاڻي گهر مان ويس. اُت ڏٺم ته مالڪياڻيءَ پنهنجي هٿن سان وڃي ٻات روم صاف ڪئي. مون ٻار کي چيو:- ”مان ڪڏهن ٻار کي صاف ڪندس؟“ اَسان مان هڪ هڪ کي پاڻ کي صاف ڪرڻو آهه. سرجان ووڊرو هڪ عجيب پستڪ لکيو آهي، جنهن جو نالو آهي Swa، سوَ. ”سو“ معنيٰ ٻاڻ. اُن پستڪ ۾ لکي ٿو:-

To us, who are Westners, cleanliness is next to Godliness, but to the Hindus, cleanliness is Godliness

اِئين ڇو آهه؟ ڇاڪاڻ ته اُسانجو زور اَندر تي آهه. اَندر

درشن، اهو ديدار آهه سچو گيان. گيان پستڪن جي ڳالهه ڪين آهه. گيان اِن ۾ ڪين آهه ته مان اچي توهان کي Quotations ٻڌايان يا گيتا ٻاڻي يا گرٻاڻي ڪٿنٺ ڪريان ۽ پوءِ اچي توهان سان بحث ڪريان، تڪرار ڪريان. گيان آهي جوت، گيان آهي روشني، جنهن روشني، جنهن نُور جو ديدار اسان کي ملي ٿو، جڏهن اندر صاف ٿئي ٿو جڏهن پوريءَ طرح صاف ٿئي ٿو، چمڪات اندر ۾ ڏسڻ اچي ٿو.

اندر جي صفائيءَ واسطي ڪيتريون ئي ڳالهيون اسان کي مدد ڪن ٿيون، ستسنگ ۾ اچڻ، نشڪام ڀاوَ ۾ سيوا ڪرڻ، دان پنج ڪرڻ، دکين دردين جي سار سنڀال لهڻ، يوگ، ساڌنائون ڪرڻ. ڪيتريون ساڌنائون اسان کي مدد ڪن ٿيون. اڪثر ڪري اسين هن راهه ۾ پنڌ ڪريون ٿا. هفتا گذري وڃن ٿا، مهنا گذري وڃن ٿا، سال گذري وڃن ٿا، اسان کي اندر ۾ جوت جو ديدار نٿو ملي اسين دلگير، دلشڪست ٿي پئون ٿا. دلگير نه ٿيون، دلشڪست نه ٿيون. پياري پريوءَ جو انجام آهه:- توهان جو ڪوبه يتن اجايو نٿو وڃي، ناس نٿو ٿئي. هڪ هڪ ننڍي ڳالهه يا وڏي ڳالهه، جا اسين اِن پاسي ڪريون ٿا، اسانجي اندر کي پيئي صاف ڪري. هڪ ڏينهن جڏهن صفائي پوري ٿئي ٿي، پاڻيهي، اُزخود اسان کي چمڪات جو درشن ملي ٿو. اِنڪري دلگير نه ٿيون، دلشڪست نه ٿيون. پنهنجو ڪم ڪندا رهون، پنهنجو يتن ڪندا رهون. "يتن تنهنجو نٿو ناس ٿئي": اِئين شري ڪرشن چوي ٿو. توهان ڏٺو آهه نه ته ڪٿن نـل مان ڦڙو ڦڙو پاڻي پيو وهندو آهه، پر جي اُن نـل هيٺان ڏول رکبو ته ڪجهه وقت ڪانپوءِ اهو ڀرجي ويندو. هڪ ڏينهن مون اِئين ڪيو. نـل مان ڦڙو ڦڙو پاڻي پئي وهيو. رات جي وقت مون ڏول رکيو، صبوح جو اٿي ڏسان ته ڀريو پيو هو. ڦڙو ڦڙو ٿي

[اُپديش تان ورتل]

ڪنهن تماشا جو ”روح رهاڻ“ سترنگ ٿيو. اسان کي اهو ويچار مليو، جو مون ورتي پنهنجي دل جي اندر ۾ اُچاريو آهه:-

اکر پڙهه هيڪڙو، ٻيا ورق سڀ وسار:
اندر تون اُجار، اَجا پنا پڙهندين ڪيترا؟

”اندر تون اُجار!“ اَسين ڪيترو وقت پستڪن کي ڏيون ٿا. پر پستڪ اوستائين ڪتب اَچن ٿا، جيستائين اَسان کي سيکارين ٿا جنهن ڪرتويه واسطي اَسين هت آيا آهيون، جنهن ڪرتويه واسطي اَسانکي هي مانک جنم مليو آهه. اهو ڪرتويه آهي ”اندر تون اُجار“ اَندر جي صفائي ڪرڻي آهه. مان پستڪ پڙهان، پر جي اَندر جي صفائي نٿو ڪريان ته پستڪن جي وديا مون لي بوجو آهي.

اُپنشد جو رشي چوي ٿو:- ”اهو ودوان جو فقط پستڪن جي وديا وٺي رهيو آهه، پر اُن وديا جي ساکي پنهنجي جيون ۾ نٿو ڏئي، اهو آهي اُن گڏه وانگر، جو چندن جي لڪڙين جو بار پنهنجي پٺيءَ تي کڻي پيو هلي. کيس پروڙ ڪين آهه ته پاڻ سان ڪهڙو خزانو کڻي رهيو آهه.“

ڪيترا ودوان پستڪ پيا پڙهن، پيا پڙهن. جئن پيا پستڪ پڙهن، تئن وڃن اَيمان ۾ سڄندا. پستڪ سيکارين ٿا ته اَسين نماڻا ٿيون.

”اَندر تون اُجار!“ پنهنجي اَندر جي صفائي ڪرڻي آهه. جئن اَسان جو اَندر وڃي پيو صاف ٿيندو، اِڪ سچائي ڏنهڙي اَسين پنهنجي اَندر ۾ چمڪاٽ ڏسون ٿا، روشني ڏسون ٿا، نوراني نور ڏسون ٿا، جنهن پسڻ واسطي هي مانک چولو مليو آهه، پنهنجي اَندر ۾ اَسين درشن ڪريون ٿا، ديدار پايون ٿا. اهو

نوجيون جي راه - [۱]

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

بڻي بڻائي بڻ رهي، اوُر ڪڇ بڻڻي ناهه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانهه!

سنت تلسي چوي ٿو:- "اڳيئي بڻي پيئي آهي. هيئنئر ڪو نئين طرح ڪونه بڻجي، جو توهين وينا چنتائون ڪريو ته هيئن ٿئي يا هوئن ٿئي." ڏسو، توهين وڊيو ڏسندا آهيو يا سنيما وڃي ڏسندا آهيو، اڳيئي بڻيو پيو هوندو آهي. ڪي ڳالهيون توهان کي نه وڻنديون آهن، توهين ٿوريئي ڦيرائي سگهندا آهيو. وڌ ۾ وڌ توهين ٽڪيٽ ڦاڙي سنيما هائوس مان نڪري ويندا. پر ٿيندو اُهوئي، جيڪو اڳيئي بڻيو پيو آهي.

بڻي بڻائي بڻ رهي، اوُر ڪڇ بڻڻي ناهه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانهه!

هي سنت تلسيءَ جو دوهو آهي. سنت تلسي، جنهن "رام چرت منس" لکيو آهي، جنهن کي اَسين "تلسي ڪرت رامايڻ" ڪوٺيندا آهيون. سنت تلسي چوي ٿو:- "اِها پروڙ تون پائي، اِهو گيان تون پائي، اِها ڄاڻ تون پائي، پنهنجي من ۾ تون مگهن رهه." "مگن رهو من مانهه". جيڪي ٿئي ٿو، سو ٿيندو ٿيندو ضرور. چاهه ڪنديں، روئنديں، رڙنديں، واڪا ڪنديں، هٽائي ڪونه سگهنديں. هن دنيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي،

اَسانجو پَٽُ وڃي نه ڪنو ٿيندو ، هڪ سڀاڳي ڏينهڙي پريوءَ جي ڪرپا سان اَسانجو اَندر صاف ٿئي ٿو. جيسين اَندر صاف نٿو ٿئي ، اَسان کي اهو درشن نٿو ملي ، جنهن جو بيو نالو آهي گيان. پر جڏهن اَندر صاف ٿي وڃي ٿو، پاڻيهي اَسانجي اَندر روشنيءَ جو پرڪاش ٿئي ٿو.

[پونا : ٢٨-٦-٨٦]

*

ناتو شل نباهيان

پياري دادا چيو :- ”پريوءَ لاءِ پيار رکو! جنهن دل ۾ پريوءَ لاءِ پيار آهي، سا دل شاد آهي، آزاد آهي ، هميشه هميشه!

پياري دادا کان پڇيم :- ”پريوءَ لاءِ پيار وڌي ، اُن لاءِ ڇا ڪجي ؟“

پياري دادا چيو :- ”پهريون قدم آهي ويراڳ! ويراڳ جي معنيٰ اِها ڪين آهي ته سنسار ڇڏي ، گهر گهاٽ ڇڏي ، وڃي پوءِ ڪنهن جهوني جهنگل ۾ رهو يا ڪنهن پهاڙ جي چوٽيءَ تي پنهنجي ڪٽيا اَڏايو! ويراڳ آهي سنسار ۾ رهڻ، پر سنساري نه ٿيڻ! ويراڳ آهي اِها پروڙ پائڻ ته هي سڀ آهي فاني ، فاني! مٽ مائٽ، ڪٽنب قبيلا ، دنيا جو پئسو پدارٿ، مان شان سڀ فاني ، فاني!

پنهنجا فرض پالن ڪريو، پنهنجو ڪم ڪريو، ڪندا رهو! پر دل ۾ رکو پروڙ ته سچو ناتو آهي اِڪ ستگر سان: سو ناتو شل نباهيون!

ٻيو اُدم جيڪو پرمارٿي ڳالھين ۾ آھي، اُھو ڪيترو ئي ڪري سگھون ٿا. پر اَسان جي حالت اَھڙي آھي، جو سنساري ڳالھين ۾ ڏاڍو اُدم ڪنداسين، پيا پگھر ڳاڙيندا سين، پاڻ کي تڪليفون ڏيندا سين. پر جي ڪو چوندو ته پرمارٿ جو ڪجھ اُدم ڪريو، ته چونداسين :- ”اُھو ته جنم لِلاٽ ۾ لکيل ھوندو.“ اِئين ڪونھي. اُھو ڪليل آھي. جنھن کي جيترو کپي، اوترو ڪري. سنت تلسيداس ھڪ ھنڌ چوي ٿو:- ”رام نام جيترو لٽيو اُتيئي، اوترو لٽ.“ پر اَسين چونداسين:- ”جيترو لِلاٽ ۾ لکيل ھوندو.“ اِھو صحيح ڪين آھي.

” بني بنائي بن رھي، اَوُر ڪڇ بنڻي ناھ!“

اَسين ڏسو ڪيڏيون نه چنتائون ڪريون ٿا. ھڪ ھڪ کي ڪي نه ڪي چنتائون لڳيون پيئون آھن. ڪو جي ھت ھجي، جو چوي، مونکي ڪابه چنتا ڪانھي ته مان جيڪر سيني کي چوان ته پھرين مان ۽ پوءِ ٻيا سڀ، ھلي اُن کي پيري پئون. ھڪ ھڪ کي ڪي نه ڪي چنتائون آھن. خاص ڪري گرھستي اِنسان کي ٻارن جون چنتائون، گھر جون چنتائون، ڪمائيءَ جون چنتائون.

ھڪ پيرڻ پرديس ۾ رھندي ھئي. کيس ھڪ ڌيءُ ھئي، جا سالن ۾ وڌندي ويئي پوءِ ڌيءُ وڌندي آھي، توھان کي خبر آھي، مونکي خبر ڪينھي ڇو ته مونکي ڌيءُ ڪونھي، جو ڄاڻ ھوي، پر مان سمجھي سگھان ٿو، ڪيڏي چنتا ڌيءُ جي مائٽن کي ھوندي. پيءُ کي ڏاڍي چنتا. پر ماءُ ھئي سنت تلسيداس جي ششياڻي. سا ورتي ورتي پيئي چوندي ھئي :-

” بني بنائي بن رھي، اَوُر ڪڇ بنڻي ناھ!“

ماءُ چوندي ھئي ته منھنجي ڇوڪريءَ جو گھوٽ ته اڳيئي ٺھيو پيو ھوندو. ٻيو ڪو ٿورئي اُھو گھوٽ ڪڍي سگھندو پاڻيھي

اهو هڪ نئون شڪتي هلائي رهي آهي. انهن سان ٻين ٻارن جي
ڪوڙ سگهندا هن. ٻيو نئون هڪ ٻالڪ ڪري سگهي ٿو:- "سگهن
رهو من مانڻ"!

ٻن قسمن جو ادب انسان ڪري سگهي ٿو. ادب اهو، جو ادب ڪري جو ادب نه ڪري، سو ادب ڪين آهي. ادب ٻن قسمن جا آهن:- هڪڙو ادب آهي سنساري ڳالهين ۾ ۽ ٻيو ادب آهي پرمارٿي ڳالهين ۾. سنساري ڳالهين بابت سنت تلسيداس چوي ٿو:- "ادب ڪرڻ اجايو آهي. جيڪي ليکو آهي سو ضرور ٿيندو." تنهن جي معنيٰ ڪونهي ته اسين پنهنجو ادب نه ڪريون. ادب اسان کي وجهڻو آهي. ضرور وجهنداسين. اسين جيڪا پرڪرتي ٻاٻت سان کڻي آيا آهيون، اها پرڪرتي اسان کان زوريءَ اهو ڪم ڪرائيندي. مان جي چوان ته باقي جيڪي سال جا ڏينهن آهن، مان ڪوٺ ڪم ڪونه ڪندس، ڪريڪ ڪونه سگهندس. منهنجي پرڪرتي مون کي ڪم ڏي چڪي ايندي.

هڪ راجا جو ذڪر ڪندا آهن. پنهنجو محلات ڇڏي وڃي جهنگ ۾ ويٺو. چيائين:- "مان پنهنجي زندگي ڌيان ۾ خرچ ڪندس." ڌيان لاءِ نه تياري ڪيائين. جيڪڏهن تيار ٿيل ڪونه آهيون ته ڌيان ۾ نوروني وقت وهنداسين، ممڪن آهي پنڪندو. جنگل مان هيڏانهن ڇڪي ويندو، هوڏانهن ڇڪي ويندو پر هي جو ڇڏي آيو هو ته ورتي محلات ۾ ڪونه ايندس، سو ڇا ڪري؟ ڌيان ۾ سندس من نٿي لڳو. نڪي محلات ۾ وڃي ٿي سگهيو. آخر نئون محلات ٺهرائڻ شروع ڪيائين. هن جي پرڪرتيءَ هن کان اهو ڪم ڪرايو. هن جي پرڪرتي هئي محلات ٺهرائڻ جي. اسان کي اسانجي پرڪرتي ڇڪي ٿي. اها پرڪرتي ئي اصل آهي قانون موجب. "ٿي ٺهرائي پئي رهي!" اها ٿي ٿئي آهي. اسان کان ٿيئي اها ڪم ڪرائيندي.

نوڪرن کي تہ ٻُوڙو ٻنو پگهار ملندو آهہ، چوندا آهن تہ سرڪاري نوڪري اُهو ڪري، جيڪو پگهار ڪان وڌيڪ هيڏانهن هوڏانهن اکہ ڦيرائي. نہ تہ سرڪاري نوڪريءَ مان... پر هي گهوٽ ڏاڍو ايماندار هو ڪجهہ بہ رشوت وغيره ڪونہ وٺندو هو. ڏينهن گذرندا ويا. زال کي چيائين تہ "پگهار مان تہ پنهنجي پورائي مس ٿا ڪري سگهون. ٢٥ هزار رپيا ڪٿان ايندا؟" زال چيس تہ "٢٥ هزارن جي چنتا نہ ڪر. 'بني بنائي بن رهي، اور ڪڇ بنتي ناهہ!' ٢٥ هزار سي اسان کي ڏيڻا آهن تہ پريو ضرور اسانکي پاڻيهي موڪليندو. تون چنتا نہ ڪر." گهوٽ پيو چوي:- "چنتا ڪئن نہ ڪريان؟ ڏينهن اچي پريا آهن. باقي ٿورا ڏينهن." تڏهن زالس چوي ٿي:- "تون ڪجهہ خيال نہ ڪر. مون تار موڪلي آهہ." گهوٽ چويس ٿو:- "ڪنهن کي تار موڪلي اٿيئي؟" زال چوي ٿي:- "بابا کي تار موڪلي اٿم." چيائينس:- "تنهنجو بابا ڪٿان آيو؟ پنج سال اڳہ تنهنجو بابا گذاري ويو پاڻ قرض ڇڏي ويو، جيڪو مون ڪان پئسا وٺي تو لاٿو. بابا کي تار موڪلي اٿيئي: بابا ڪٿان توکي پئسا موڪليندو؟" زال چويس ٿي:- "اُهو بابا نٿي چوان. پر پرم پتا جو اسان مان هڪ جو بابا آهي، Our Heavenly Father. اُن کي تار موڪلي اٿم. پاڻيهي پوري وقت تي موڪليندو." گهوٽ ويچاري ڪجهہ ڪچيو ڪين. پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ويو. اندر ۾ چيائين:- "مون کي خبر ڪونہ هئي تہ هيڙي بيوقوف زال سان منهنجو پلئہ اٽڪيو آهہ." ٻاهر اهي اکر چوي ها تہ تڪليف ٿي پويس ها.

اوچتو گهوٽ کي آفيس ۾ تار آئي تہ "تنهنجو هڪ ڏورانهون مائٽ گذاري ويو آهہ. اُن توکي وصيعت (Will) ۾ ياد ڪيو آهہ ۽ تنهنجي لاءِ لک رپيا ڇڏي ويو آهہ." اُن ڏينهن ٽڪڙو ٽڪڙو ڊوڙندو گهر آيو. زال کي چيائين تہ "تنهنجي بابا برابر تار پڙهي آهہ." نہ تہ هن کي ڪڏهن خواب خيال ۾ بہ نہ هو تہ ڪو

پوري وقت تي اَچي منهنجي ڌيءُ کي وٺندو. پر پيءُ کي ڏاڍي چنتا. پنهنجي زال کي چوندو هو ته ”تون ڪجهه نٿي ڪرين. تون سمجهين نٿي. تون پنهنجي ’بني بنائي‘ هلائي ويٺي آهين. ’بني بنائيءَ‘ مان مليو ته ڪجهه ڪونهي. ويهن ٻاويهن ورهين جي اَچي ڇوڪري ٿي آهي، تون ٻمبئيءَ چڙهي وڃ. پنهنجي ڌيءُ کي به ساڻ وٺي وڃ. من اُتي ڪجهه ڪري سگهين.“ هوءَ پنهنجو جواب ڏيندي هئي:-

”بني بنائي بن رهي، اور ڪڇ بنتي ناه!“

نيٺ هڪ ڏينهن ڇا ٿيو؟ ڇوڪري اَچي ڇويهن ورهين جي ٿي. سندن شهر ۾ سندن هڪ سؤٽ جي شادي ٿي. اُن شاديءَ تي هيءَ ڇوڪري وئي. پوءِ رواجي طرح جئن هميشه پنهنجي مٽن مائٽن جي شادين تي ويندو آهي، تئن اُتي ڪو هڪڙو ڇوڪرو ٻمبئيءَ مان آيو هو. هن شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو يا ٻئي ڪنهن ڪم لاءِ. پر هن شاديءَ تي حاضر هو. اُن ڇوڪري هن ڇوڪريءَ کي ڏٺو. شادي پئي هلي. اِن شاديءَ هلندي، جنهن جي شادي پئي ٿئي، اُن ڇوڪريءَ جي پيءُ کي چوي ٿو:- ”هيءُ ڇوڪري ڪير آهي؟ مون کي ٻڌاءِ. مون کي وڻي ٿي. مان جيڪر هن سان شادي ڪريان.“ ڏسو، سٺو ڇوڪرو، سٺي عهدي وارو ۽ سٺي فئمليءَ وارو، پاڻ گهر ڪري ٿو تڏهن گهوٽ چيو پنهنجي زال کي:-
”بيشڪ!“

بني بنائي بن رهي، اور ڪڇ بنتي ناه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماه!

هڪ پيرو هئي، جنهن جي ڌيءُ مڱي. اُن جي شادي ٽن مهنن ۾ ٿيڻي هئي. شاديءَ لاءِ ٢٥ هزار رپيا کپندا هئا. گهوٽ ڏاڍو اِشراف ماڻهو هو. سرڪاري نوڪري هئس. سرڪاري

رکيو آهي.

هڪ هڪ مسئلو جڏهن اسين ٿا سلجهائڻ جي ڪوشش ڪريون، وڃون ٿا وڌيڪ منجهندا. مسئلا پاڻيهي حل ٿي ويندا. اسين رڳو من ۾ مگن رهون. هڪ هڪ مسئلو اچي، اسان کي اِها ڳالهه سيکاري ٿو ته توهين مگن رهو. توهين پنهنجو ڌيان اُتي رکو. پوءِ ڏسو ڪئن ٿا توهانجا مسئلا حل ٿين.

بني بنائي بن رهي، اؤر ڪڇ بنڻي ناهه؛
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماهه!

اِن جي معنيٰ اِها ڪونهي، جئن مون توهان کي چيو ته آدم اَصل ڪين ڪرڻو آهي. هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪندا آهن ته پوڄا جي ڪوٺيءَ ۾ ويٺو هو. جڳهه کي اچي باهه لڳي. گهر جا پاڙي وٽس آيا، چيائونس ته "گهر کي باهه لڳي آهي. اٿ، اسين نڪرون ٿا." هي پيو چوي:- "نه، نه. مون پرڀوءَ تي رکيو آهي. پاڻيهي اچي بچاءُ ڪندو." چيائونس:- "پرڀوءَ تي وري ڪئن؟ اسين به اهڙي آهيون. توکي آيا آهيون چتائڻ ته هل، نڪر." چيائين:- "نه." تيستري ۾ باهه ويئي وڌندي ۽ چوگرد ويڙهي ويئي. باهه وسائڻ (Fire Brigade) وارن کي ڪوٺيائون. اُهي ڏگهي ڏاکڻ رکي جنهن جي وچمان اندر آيا هن ماڻهوءَ کي چوڻ ته "هاڻ اچ. هينئر باهه ڏاڍي پکڙجي ويئي آهي. جي هينئر نه نڪرندين ته پوءِ نڪرڻ مشڪل ٿيندءِ." هي چوي:- "نه، نه. مون پرڀوءَ تي رکيو آهي." چون ٿا، جڳهه جلي ويئي ۽ هي ماڻهو به جلي ويو. جڏهن اُتي پهتو، تڏهن پرڀوءَ کي هلي ڏورابو ڏنائين ته "هي تو ڇا ڪيو؟" ڪيتري قدر هيءَ ڳالهه سچي آهي، مون کي خبر ڪانهي. پر جئن ڳالهه آهي، تئن مان توهان کي ٻڌايان ٿو. پرڀوءَ کي هلي ڏورابو ڏنائين ته "هي تو ڇا ڪيو؟ مون سڀ توتي رکيو. نه پنهنجي گهر وارن کي ٻڌم،

لکي رهيا فلاڻي وٽان ملندا. جيڪو ٻيءَ ۾ صدق رکي ٿو، اُن جو صدق پُورو ڪري ٿو.

بني بڻائي بڻ رهي، اؤر ڪڇ بڻڻي ناه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماڻه!

اَسان کي جڳائي ته اَسين مگهن رهون. اُن اِڪ جي ويچار ۾ سمورو وقت گذاريون. توهان کي ڏاڍو آنند اِيندو هيئر ڏسو اَسين ڪيڏيون نه چنتائون ڪريون ٿا. ڪيترا مسئلا اَسان کي آهن. سڄو وقت اَسانجو من مسئلن جي چوگرد ڦيو ڦيو ڦرندو رهي ٿو. سنت تلسيداس چوي ٿو:- ”پيارا! تون پنهنجي اَندر جهاتي پاءِ پنهنجي من ۾ مگهن ره. توکي ايڏو آنند ملندو، جو ٻيو سڀ ڪجهه توکي تچ نظر اِيندو.“ ٻيو مسئلو ٿاهيو، تنهن کان اڳ اُن جو حل ڏيئي ڇڏيائين توهين اِسڪول ۾ آلجبرا ۽ جاميٽري پڙهيا آهيو. ڪاليج ۾ ٽرگنا ميٽري پڙهيا آهيو. ٻيءَ اُن ڪتاب جي پڇاڙيءَ جي چئن پنجن پيجن تي سوالن جا جواب لکيا پيا هوندا آهن. هڪ هڪ مسئلي کي حل آهي. پر اَسين مسئلي کي وچون ٿا وڏيڪ وڏيڪ ڳنڍيون ڳوڙها ڪندا.

مان ننڍو ٻار هوس. اِسڪول ۾ پڙهندو هوس. مان مڙهڻ (Knitting) جو ڪم سکيس. اَڄا اِيترو ڪونه سکيو هوس. ڪڙهڻ سکيس. ٿورا ڪڙهڻ مون ڪنيا ته پشم جو وڏو ڳنڍيون ڳوڙها ٿي ويو. جئن ڳنڍيون ڇوڙڻ جي ڪوشش ڪيم، تئن ويون ڳنڍيون وڌنديون. تانجو مون ڏٺو ته هاڻي منهنجي پهچ کان ٻاهر آهه. مان ته ڳنڍيون ڇوڙي نٿو سگهان. پنهنجي پوڄنيه ماتا کي چيم:- ”بابي! مون کان هي ڳنڍيون نٿيون ڇڙن، تون لاهي ڏي.“ مان ويس هلي راند ڪرڻ. ڪلاڪ ڏيڍ کن راند ڪيم. موٽي وسري ويو ته مان ڪو بابيءَ کي اِهو وڏو ڏنوي آيو آهيان. موٽان ته ڏسان ته بابيءَ اِهو ڍڳڙو سنواري تپائيءَ تي

پڇي پيا. رُوئندو پنهنجي گروءَ وٽ آيو. چيائينس: ”گرديو!
توهان سڀيا ڏٺي ته سڀ ۾ هڪ Universal Self آهي. پوءِ
منهنجي هيءَ حالت ڇو ٿي؟“ گروءَ چيس: ”پيارا! پر توکي
پهلوان به ڇتاءُ ڏنو. اُن پهلوان ۾ ڪير هو؟ اُن ۾ ٻه ته ساڳيو
Universal Self هو. توکي چيائين ته پري ٿي وڃ. تو اُن جو
ٻڌوئي ڪونه.“

هن ٻاهه واري برابر رکيو پريوءَ تي، پر هن پروڙ ڪين پاتي ته
باڙيسريءَ ۾ به پريو آهي، گهر وارن ۾ به پريو آهي، ٻاهه وسائڻ وارن
۾ به پريو آهي. جيڪڏهن پريوءَ تي رکيائين ته پريوءَ کي توريئي
ڪيس ڇڏيو. نيٺ ته ورڻي به پريوءَ وٽ ويو. هي رڳو هن جو
هڪڙو چولو ڪري پيو پريوءَ جي ويچار کان ته رڳو هڪ چولو
ويس سا اهڙي وڏي ڳالهه ڪونه ٿي.

بني بنائي بن رهي، اَور ڪڇ بنڻي ناهه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماهه!

منهنجا پيارا! مگهن رهو. چنتائون ڇڏيو. اَسانجو مَن گهڻو
ڪري چنتائن جي ڪري چنچل رهي ٿو. ڪم جي چنتا، ڏيءَ
جي چنتا، پٽ جي چنتا، جڳهه جي چنتا هڪ پيرط ڪلهه مون
کي گڏي. چيائين: ”چا ڪريان؟ جيڪر ٻاهر وڃان ڇو ته
منهنجا ٻار پيا مونکي لڪن: پر جڳهه جي چنتا اٿم. چا ڪريان؟“
سنت تلسيداس چوي ٿو: ”چنتا ڇڏيندا ته پوءِ توهين مگهن
رهندا.“

پيارو دادا (سادو واسواڻي) ورهي ورهي چوندو هو: ”فقط
به چنتائون ڪريو هڪ چنتا هيءَ ته هڪ هڪ ڏينهن جيڪو
گذري پيو، اسانکي انتڪال جي نزديڪ پيو آڻي. ڪنهن وقت
به ڪال اچي اسانکي ڇنبو هڻي. ٻي چنتا هيءَ ته انتڪال اچي
پيو: اسان اَچا ڪا تياري ڪئي ڪانهي. تياري ڪريون! تياري

نہ ٻاهہ وسائڻ وارن کي ٻڌم. سڀ توکي رکيم. تو مونکي بچايو بہ ڪين. تو مونکي مدد بہ ڪين موڪلي.“ تڏهن ڀڳوان چيس:- ”پيارا! مون مدد تہ توکي گهڻيئي موڪلي. پهرين تہ ونڊ ٻاڙيسري موڪليم. توکي اچي چيائون تہ، تون نڪر. تون نہ نڪتين. پوءِ توکي گهر جا ڀاتي موڪليم تہ تون نڪر. تڏهن بہ تون نہ نڪتين. توکي ٻاهہ وسائڻ وارا ڏاڪڻ چاڙهي موڪليم آيا هن کان وڌيڪ توکي ڪهڙي مدد موڪليان؟“

اِن جو مطلب اِهو ڪونهي تہ اسين اُدم نہ ڪريون. بس، اِئين ٿي وينا هجون. اُدم ڪريون، پر اِها پڪ ڄاڻون تہ جيڪو نتيجو نڪرندو، اُن ۾ اسانجو ڀلو آهي.

• هڪ پريمي:- دادا، پر هن ماڻهوءَ هيترو پڪاريس پوءِ بہ پر نہ ڪجهہ تہ ٻڌيس ها.

دادا:- هڪ ڏينهن هڪ گروءَ آشرم ۾ پنهنجن جگياسن کي وڃڻ سکيا ڏني تہ سڀني ۾ اُهو هڪ پريو آهي، (The One in all, the Universal Self) سڀني ۾ هڪ آتم آهي. ڪير بہ هجي، اُن ۾ اُهو ساڳيو آتم آهي. جگياسوءَ اِها سکيا ڪٺي، اُن تي وچار ڪندو، رستي تان لنگهي ويو. پريان هڪ تمام مست هاٿي ڊڪي آيو. هاٿيءَ تي پيلوان چڙهيل هو. اُهو واڪا ڪندو ڊڪي آيو:- ”هاٿي مست آهي. پرتي ٿيو، پري ٿيو.“ هن جگياسوءَ ٻڌو تہ پيلوان چوي ٿو تہ ”هاٿي مست آهي. پري ٿيو.“ پر هي جگياسو پيو چوي:- ”هاٿي! تو ۾ بہ تہ اُهوئي آتم آهي،- The Universal Self. مان ڇو توکان پري ٿيان؟ مان ۽ تون، اسان ٻنهي ۾ تفاوت آهي ئي ڪونہ. تون بہ ساڳيو مون جهڙو.“ پري ٿي ئي نہ. هاٿيءَ جي مٿس ڪرڻا ٿي. نہ تہ جيڪر هاٿي اُهل چٽي ڇڏيس ها. پر هاٿيءَ جي رڳو ٿوري سونڊ لڳس، جنهن سونڊ سان پري ٿي وڃي رستي جي ٻئي پاسي ڪري پيو. سندس ڪي هڏا وغيره

پوءِ هڪ واريءَ جي اِنهن ١٥ منٽن مان لطف اَچي ويو، ويندا سين اِهو وقت وڌائيندا. ١٥ منٽن مان اَڌ ڪلاڪ، منو ڪلاڪ، ڪلاڪ. پر اَج کان ئي وٺي ڪريو. سڀان تي نه ڇڏيو. اَج کان وٺي چئون:- ”١٥ منٽ اَسين پڙهڻ کي ضرور ڏينداسين.“ توهان مان ڪو چوندو هوندو:- ”اَسين ڪلاڪ نه اڳيئي ڏيندا آهيون“ هاڻي سوا ڪلاڪ ڪريون. هن ۾ وقت جي پابندي ڪونه آهي پرمارٿ جي راه ۾ ڪمائيءَ جي حد ڪين آهي.

پوءِ توهان مان گهڻا ١٥ منٽ ڏيڻ لاءِ تيار آهيو؟ مونکي جيڪر ٻڌايو. رڳو ١٥ منٽ وڌيڪ نه.

[سنگت مان ڪيترن ئي هٿ مٿي ڪيا.]

هڪ پريمي:- دادا، ڪنهن ڏينهن سمجهو، اِئين اَچي ٿئي ته- سرير جي ڪري يا ٻئي ڪنهن سبب نه ويهي سگهجي: پوءِ؟

دادا:- چڱو، پوءِ ڏينهن جا ١٥ منٽ بچائجن. جي ڏينهن جو به ڪنهن ڏينهن نه بچائي سگهجن ته ٻئي ڏينهن ٣٠ منٽ ڏجن. ١٥ منٽ اَج جا، ١٥ منٽ ڪالهه جا. جي اُن ڏينهن ٣٠ منٽن مان رڳو ٢٠ منٽ ڏنا سين، ته ٽئين ڏينهن باقي ١٠ منٽ ۽ ١٥ منٽ ٻيا ڏجن. ڇڏجي اَصل نه.

هڪ پريمي:- دادا، نام جپڻ ۽ سمرن ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟

دادا:- نام جپڻ ۽ نام سمرن ۾ essentially ڪو تفاوت ڪونهي. پر ڪي گرو آهن، جيڪي سکيا ڏيندا آهن ته نام ڪنهن خاص نموني ۾ جپڻ گهرجي. جڏهن ڪي سکيا ڏيندا آهن تـه توهين ڌيان پنهنجو ڀرن جي وچ ۾ ٿورو اَندر رکي ويهي نام جپيو. اُن کي هو سمرن ڪري ڪوٺيندا آهن. جپڻ ڪري نٿا ڪوٺين. پر سمرن ۽ جپڻ ۾ essentially ڪو تفاوت ڪين آهي.

هڪ پريمي:- ۽ جپڻ ڇا آهي؟

دادا:- جپڻ به اِهائي ڳالهه آهي. جپڻ ۾ ڪي شرط ڪين آهن. دل جي پيار سان جپڻو آهي. جپڻ آهي، جڏهن مون توهان سان ڳالهه ڪئي. ڪاليج ۾ اَسان سان گڏ هڪڙو ودياٿي هو.

ڪريون! روز روز پرمارٿ جي تياري ڪريون!

شروعات ۾ توهان کي ٻڌايم ته اُدم ٻن قسمن جا آهن:- (١) سنساري ڳالهين ۾ اُدم ۽ (٢) پرمارٿي ڳالهين ۾ اُدم. سنساري ڳالهين لاءِ اُدم ڪرڻ اجايو آهي. "بني بنائي بن رهي!" باقي پرمارٿي ڳالهين لاءِ اُدم ضروري آهي. صبوح جو اسين اٿون ٿا. شايد اسان مان ڪي ٧ بجي اٿون ٿا، ڪي ٨ بجي، ڪي ٦ بجي. جيتري بجي به اٿندا هجون، چئون، اڄ کان وٺي ١٠ منٽ سويل اٿنداسين. ١٠ منٽ رڳو اڳ. وڌيڪ نه. ١٥ منٽ اڳ اٿي، چئون:- "پريو! اِهي ١٥ منٽ اسين تنهنجي چرنن ۾ وهنداسين. اڄ تنهنجي ڪرپا سان پوڻين ڇهين بجي اٿيا آهيون. اِهي ١٥ منٽ جيڪي مليا آهن، اسين پرمارٿ جي تياري ڪنداسين. پوءِ ڪجهه ڪو نام ڪٺو ورتي ويهي اچاريو. ٻيون سڀ ڳالهيون وساري، سڀ چنتائون وساري، پنهنجي من مان ڌپ ڪڍي، سانت ۾ ويهي، پنهنجي پريتم، پنهنجي محبوب جو ڌيان دل ۾ ڌري، پيار وچان، محبت وچان، سڪ اُڪير وچان، اندر جي اونهائيءَ منجهان، ويهي نام جو اڀياس ڪريون، نام جو چنتن ڪريون. چنتا ڇڏي ويهي چنتن ڪريون. جي نام ۾ دل نه لڳي ته ڪنهن نه ڪنهن سنت، ڪنهن نه ڪنهن پربوءَ جي پياري، ڪنهن نه ڪنهن گروءَ، ڪنهن نه ڪنهن اوتاري پرش جي جيون جو ڪو نه ڪو مثال کڻي، اُن جو ويهي ورتي ورتي دل جي اندر ويچار ڪريون:- "هي منهنجو پريتم، هي منهنجو پيارو، ڪيڏو نه ڪمياون، ڪيڏو نه دياون، ڪيڏو نه چت شانتيءَ سان ڀرپور! ڇا به ٿئي، هن جي چت شانتي وڃئي ڪونه! منهنجي ڪڏهن اِها حالت ٿيندي؟ ماڻ ننڍي، وڏي، ڳالهه تي منجهي ٿو پوان. ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهه تي جوش ٿو کان. ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهه تي ڪاوڙ غصي ۾ پڙجي ٿو وڃان" جئن ئي اسين ڌيان ڪنداسين، ١٥ منٽ ئي روز ڪريون، اسانجي جيون تي نئون رنگ چڙهندو ويندو. اسين نوان ٿي پونداسين.

بيماري هئس. بستري تي ليٽي پيئي هوندي هئي. چري به نه سگهي. ٻين تي محتاج. سڀ پرارٿنائون ڪيائين:- ”پريو! مونکي ڇڏاءِ. مان پنهنجي هلندي ءِ جيڪر هلان. يا ته مونکي گهرائي وٺ. يا جي زنده رکين ته مان ٻين جي محتاج نه ٿيان!“ ڪنهن به پرارٿنا جو اثر ڪين ٿيو. پوءِ هيءَ پيرڻ چوئي:- ”هڪ ڏينهن مونکي خيال ٿيو ته اٺ سال مون ويهي پڪارون ڪيون آهن. پريوءَ کي چيو اٿم:- ’هيئن ڪر! هونئن ڪر!‘ ائين آهي ڇا ته مان پنهنجي اڇا پريوءَ تي مڙهيان ٿي؟ ڇو نه مان پريوءَ جي اڇا قبول ڪريان! پنهنجو پاڻ کيس ارپڻ ڪريان ۽ جيڪي هوءَ چاهي، سو قبول ڪريان!“ چوي ٿي:- ”مان اهڙا پرارٿنا ڪريان ٿي:- ’پريو! هاڻي مان توکان ڪجهه گهرنديس ڪين. مون سڀ تنهنجي چرڻن ۾ ڇڏيو. جئن توکي وڻي، تئن تون ڪر!‘ ٻن هفتن ۾ اٺن سالن جي بيماري لهي ويئي ۽ مان پنڌ ڪرڻ لڳس.“

پرارٿنائن جا ڪيترا نمونا آهن. تن مان هڪ پرارٿنا هيءَ:- “The Prayer of Surrender” ”پاڻ کي پريوءَ جي حوالي ڪريون.“

بڻي بڻائي بڻ رهي، اور ڪڇ بڻٽي ناه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماه!

زندگيءَ ۾ ڪيترائي مسئلا اچن ٿا. خاص ڪري توهان مان ڪيترا جي ڌنڌي وارا آهيو، توهان کي خبر آهه ته ڪيترا مسئلا اچن ٿا. اُن وقت من ڪئين نه چڪر پيو کائي. پر جي اِها پڪ ٿي وڃي ته بڻي بڻائي بڻ رهي، ته چنتا ٿيندي ڪانه. جيڪي ٿيڻو آهه، اوس ٿيندو. اُن ۾ ئي منهنجو ڀلو آهه.

جان بنين، Pilgrim Progress پستڪ جو Author، کيس هروڀرو ڪٽي جيل ۾ وڌائون. سندس ڪو به ڏوهه ڪونه هو. تنهن

اِمتحان ۾ رزلٽ ڏاڍي خراب ڏيکاريندو هو. هڪ ڏينهن مان سندس پوسان وچي وينس هونئن مان اڳيان وچي ويهندو هوس. اُن ڏينهن اَچڻ ۾ دير ٿي ويئي، سو مان سانت ۾ هن جي پوسان ٻنئين ٻينچ تي وڃي وينس. ڏٺم ته هي ڪاپيءَ ۾ پيو لکي، پيو لکي. لکڻ اَصل بند ئي نه ڪري. مون چيو:- "هن لاءِ چوندا آهن ته هي ڌيان ئي نٿو ڏئي. پروفيسر ليڪچر ڏئي ٿو ۽ هي اِمتحان ۾ رزلٽ خراب ٿو ڏيکاري. ويچارو ڇڻ اکر اکر وِيٺو لکي." مان ڪڍي نهاريان: ڏسان ته هڪ ئي اکر ويٺو لکي:- "مٺا! مٺا! مٺا!" پڇومانس:- "هي ڇا آهي؛- مٺا، مٺا؟" چيائين:- "اَڙي، اِن ڇوڪريءَ سان منهنجي دل لڳي ويئي آهي." هاڻ هن کي پرن وچ يا هردي ۾ ڌيان ڪونه ويني لڳايو. هن جو اِهو نام جپڻ جو رستو هو. پر جي مان اُن پيار سان پرڀوءَ جو نام جپيان ته مان جيڪر اَلائي ڪٿي وڃي پهچان. پرن وغيره جو هن کي ويچار ئي ڪونه هو. هن جو لکڻ به مٺا، ته ويچار به مٺا، ته ڌيان به مٺا. مون چيومانس:- "اِهو سبق مونکي به سيکار؛- مٺن نا! مٺن نا! مان به ڪجهه ڪين ٿسي پوان." "منهنجا پريو! مان ڪجهه ڪين آهيان! اِڪ تونهين آهين! مٺن ناهين، اِڪ تونهين آهين!" اِهو سبق سکي وٺجي: ٻيو ڇا کپي؟

ٻني ٻنائي ٻن رهي، اوُر ڪڇ ٻنڻي ناه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانه!

اَسين ڪيترين ڳالهين کي ڇهڻي ٿا پئون. اِهو نٿا سمجهون ته اِئين ڪرڻ سان اَسين پنهنجي حياتي اَجائي ٻيا وڃايون. اُهي نعمتون (blessings) جيڪي هونئن جيڪر اَسانکي پراپت ٿين، تن ۾ اَسين رڪاوٽ (barrier) ٿا وجهون.

. هڪ پيڻ بابت ويٺي پڙهيم. اَن سال بيمار هئي. بيماري ۽

ٻوڙي. ڏسڻ ۾ اُچيتو تہ مصيبت اچي ڪڙڪي آهہ. ٻر نہ، پريو! تنهنجن هٿن مان آئي آهہ! " پريان سندي پاڙ جي، مڙيوئي مٺائي!" اُن ۾ ئي منهنجو ڀلو آهہ.

اهي ٻہ ڳالهيون جيڪر ياد ڪري ڇڏيون!

[پونا : ١٢-٧-٨٦]

*

پنهنجو پاڻ وڃڻ

هيءَ جيون ڇا آهہ؟ آهي ڪهڙو هي اِسرار؟
وڃي پڇ اُنهن کان، جي پهتا هن پار!
هيءَ سالن جي سرگس: ڪهڙو اُن جو مطلب؟
ٻڌائيندا اُهي ئي، جن جي رڳ رڳ وسي رب!
هيءَ زندگيءَ جي ٻيڙي: ڪٿي پيئي سا ڪاهي؟
هن دکياري دنيا جي، ڳجهارت ڇا آهي؟
خبر ناهي، اَنجليءَ کي آهي هڪ هيءَ جاڻ:
پاتو تن پرين کي، جن وڃيو پنهنجو پاڻ!

هوندي به کيس جيل ۾ موڪليائون. ڏکڻيءَ هٿ ٻيو هنيائين، ڏانهون ڪيائين، پر کيس ڪنهن ٻڌو ڪونه. جيل ۾ پيو هو. ڏنائين، هار ڪين ٻڌي ڪونه تو. پنهنجو ڌيان ٻڙبوءَ جي چرڻ ۾ ڪيائين. ويو وڌيڪ ڌيان ۾ وڌندو. چوڻي تو:- "اِن ڌيان منجهان مان اِهو پستڪ لکي سگهيس، جنهن جو نالو Pilgrim Progress." اِهو پستڪ جدا جدا ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويو آهه ۽ اَلائي ڪيترين ڪاپيون اِن پستڪ جون ڇپيون آهن ١٢ سالن ڪانپوءِ هن کي جيل مان ڪڍيائون هي اِهو ڪتاب ڪٺي آيو. چوڻي تو:- "اِهو ڪتاب تيار نه ٿئي ها، جيڪڏهن مون کي جيل ۾ نه موڪلين ها." هي نافاري جو ڪم ڪندو هو. هونئن ٿوريئي اِهو ڪتاب لکي سگهي ها.

جيڪي ٿئي تو، پرڀوءَ کي خبر آهه. ٻنايو ٿي اُهو اُس ۽ جنهن ۾ اَسانجو ڀلو آهه. پوءِ اَسين ڇو ويهي پنهنجي ڀلي سان وڙهون؟ پرڀو ڀلو ڏيڻ چاهي ۽ اَسين ويهي وڙهون. چئونس:- "هيئن نه ڪر. ٻيءَ طرح ڪر."

اِهي به ڳالهيون جي اَسانجي اَندر ويهي وڃن تہ اَسانجي زندگي نئين ٿي پوي. هڪڙي ڳالهه:-

"بني بنائي بن رهي، اور کڇ بنني ناهہ:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانہ!"

۽ ٻي ڳالهه:-

"جو تُد ڀاويءَ سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!"

جيڪي پرڀو! تون ڪرين تون، اُن ۾ تنهنجي منهنجو ڀلو آهه. ڪيترين اَهڙين ڳالهين تين تيون، جي سمجهہ ۾ نٿيون اَچن. پر تن ۾ ڀلو آهه. ضرور ڀلو ڏسون. اَسانجا پيارا اَسان کان اوچتو ٿي اوچتو کسجي وڃن ٿا، اوچتو ٿي اوچتو اَسانکي ڪا بيماري اَچي ٿي پڪڙي، اوچتو ٿي اوچتو اَسانکي اَچي ٿو نقصان،

آهي، اُن ڪم ڪرڻ لاءِ مون ۾ جيتري لياقت (capacity) آهي، اوتري وجهي مان ڪم ڪريان ٿو، تنهن هوندي به جي نتيجو اُهو نٿو نڪري، جو مان چاهيان ٿو، اُن وقت تلسيءَ جي هيءَ ڳالهه ياد ڪريو:-

” بني بنائي بن رهي، اَؤر ڪڇ بنٽي ناه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانهه!“

منهنجا پيارا! ڇو تو اِنڪري تون نا اُميد ٿين يا اُداس ٿين ڪيترا ڀيرا اُداسائي اَچي ٿي. مان پوڙهيو ڪريان ٿو، صبوح کان رات تائين وينو ڪم ڪريان، ته به جنهن نتيجي واسطي مون اِهو ڪم ڪيو، اُهو نتيجو نٿو ملي، اُن وقت اِها ڳالهه ياد ڪريون:-

” بني بنائي بن رهي، اَؤر ڪڇ بنٽي ناه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانهه!“

توهين سمهڻ چاهيو ٿا، پر توهين سمهي سگهندا ڪين. اَرجن شري ڪرشن کي چيو ٿو ته ” مان هن اگهور ڪرم ۾ نه گهڙندس، مان لڙائي نه ڪندس. مان تپوبن ۾ وڃي سنياسيءَ جي زندگي رهندس.“ شري ڪرشن چيس ٿو:- ”تون اِئين ڪري ڪونه سگهندين. تون ڪتري آهين. تنهنجو سڀاءُ توکي جنگ ڏي گهلي ويندو.“

هڪ هڪ پاڻ سان پرڪرتي ڪٺي آيو آهي. اِها پرڪرتي ويئي اَسان کان ڪم ڪرائي. اَسين پاڻ ڪونه ٿا ڪريون. پرڪرتي ويئي اَسان کان ڪم ڪرائي. هاڻ پرڪرتي اَسان کان ڪم ڪرائي ٿي، اُهو ڪم اَسين ڪريون ٿا. پر اَسان مان ڪيترا ڪرم يوگي ڪين ٿيا آهيون. ڪرم يوگي اُهو، جو پنهنجو ڪم ڪري ڪنهن به ڦل اِڇا ڪانسواءِ:- ” پريو! هي ڪم مان تنهنجي چرنن ۾ اَرپن ڪريان ٿو“ اَسانجي اِها ڀاونا ڪونهي. اَسين ڪو به ڪم

نوَجيون جي راھ - [٢]

دادا:- اڳيون وچار توهان کي ياد آھي؟

سنگت:-

” بني بنائي بن رهي، اؤر ڪڇ بنڻي ناھ:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماڻھ!“

هنن ٻن هفتن ۾ مون کي ڪي گڏيا آهن، جن پڇيو آهي ته جي ”بني بنائي بن رهي“ آهي ته پوءِ اسين محنت ڇو ڪريون؟ ڇونه وڃي سمهي پئون؟ مون چيومان:- ”توهين سمهي پئو، جيڪڏهن سنت تلسي چوي:-

’ بني بنائي بن رهي، اؤر ڪڇ بنڻي ناھ:
تلسي اَئسا جان ڪر، بستري پر سو جاءِ!‘

تلسي ائين ڪونه ٿو چوي ته بستري تي وڃي سمهي پئو. تلسي چوي ٿو:- ”مگن رهو من ماڻھ!“ اُن اِڪ جي وچار ۾ سڄو وقت رهو، اُن اِڪ جي ڌيان ۾ سڄو وقت گذاريو

اُن اِڪ جي ڌيان ۾ رهڻ ڪا سولي ڳالھ ڪين آھ. بستري تي سمهي رڳو توهين نام اُچارڻ جي ڪوشش ڪندا، ٻه چار منٽ جپيندا مس، توهان کي ننڊ اَچي ويندي. هونئن توهان کي ننڊ اِيندي ڪين. هونئن بستري ۾ پيا پاسا ورائيندا. توهين جي نام جپيندا، توهان کي جلدي ننڊ اَچي ويندي. سنت تلسي چوي ٿو:- ”مگن رهو من ماڻھ!“ اِن مگهن رهڻ لاءِ ڏاڍو ضروري آهي ته مون کي جيڪو فرض مليل آهي، اُهو مان پالن ڪريان. جڏهن مان پنهنجا فرض پالن ڪريان ٿو يا مون کي ڪو ڪم ڪرڻو

”ٻنئي ٻنائي ٻن رهي، اؤر ڪڇ ٻنڻي ناه؛
تلسي أئسا جان ڪر، مگن رهو من ماڻه!“

پر اِئين ٻنڃڻو هو. محنت ڪندي به هن کي ناپاس ٿيڻو هو. هارڻ هنڪي فقط اِهو قبول ڪرڻو هو. اِنڪري به ڳالهيون اسانکي ياد ڪرڻ گهرجن. هڪڙو:-

”ٻنئي ٻنائي ٻن رهي، اؤر ڪڇ ٻنڻي ناه؛
تلسي أئسا جان ڪر، مگن رهو من ماڻه!“

۽ ٻيو:-

”جو تڏ ڀاوي سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!“

اِهي ٻه ڳالهيون جي ساٿ ساٿ ۾ وڃن، اسين جيڪر ڏاڍي آنند ۾ رهون. ڪنهنڪان ڇنئي پئون. اسين ڪيتريون ڳالهيون چاهيون ٿا ته ٿين. ڪوشش به ڪريون ٿا، سچائيءَ سان ڪوشش ڪريون ٿا، پياري پربوءَ کي پرارٿنائون ڪريون ٿا، مندرن ۾ وڃون ٿا، ناريل ۽ گل چاڙهيون ٿا، سڀ ڪجهه ڪريون ٿا. اِنهن هوندي به اوُنئين نٿو ٿئي، جيئن اسين چاهيون ٿا. چئون:-

”جو تڏ ڀاويءَ سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!“

منهنجا پربوُ! توکي وڌيڪ خبر آهي ته منهنجو ڀلو ڇا ۾ آهي. ۽ جيڪڏهن تو منهنجي ڪم جو نتيجو هي ڏنو آهي، اُن ۾ ئي منهنجو ڀلو هوندو. مان قبول ڪريان ٿو. پياري دادا وري چيو:- ”قبول ڪريو! جيڪي ٿئي، چئو:- قبول! I accept! I accept!“ سڀ قبول ڪريو!

ڪي ڏينهن ٿيا، مون ٽوهان سان گرديو راناڊي جي ڳالهه ڪئي. ورتمان زماني جو مهاراشٽر جو هڪ وڏو سنپرڪ ٿي ويو آهي. ڏاڍو هوشيار ودياٿي هو. ڳوٺ جي ڪنهن اسڪوُل ۾ مئٽرڪ پڙهندو هو، پر تنهن هوندي به بمبئيءَ جي سڄي يونيورسٽيءَ جي Matriculation اِمتحان ۾ ٻيو نمبر آيو سنسڪرت

ڪريون ٿا، دڪان تي وڃي ويھون ٿا: اسانکي نفعو ڪپي. آفيس کوليون ٿا: اسين چاهيون ٿا ته اسانجو ڌنڌو هلي. ڪاليج ۾ مان وڃي پاڙهيان ٿو: چاهيان ٿو منهنجي پاڙهڻ ۾ منهنجي ساک ٿئي. هرهڪ ڪم جي پنيان دل جي اندر ڪا نه ڪا لل اِڇا پيئي آهي. سنت تلسي چوي ٿو ته اُها اِڇا تنهنجي اڙن نه ٿئي، پاڻ کي يادگيري ڏيارجانءِ:-

”بني بنائي بن رهي، اؤر ڪڇ بنڻي ناھ:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانھ!“

منهنجو ڪو پيارو بيمار پوي ٿو: مان چوان:- ”هاڻ ’بني بنائي بن رهي‘: ڇو وينو ڊاڪٽرن جي پنيان فيون خرچيان؟“ نه، مولکي جڳائي، مان چوان:- ”مان هڪ ڊاڪٽر نه، ٻه ڏهه ڪوٺيندس. جيترو مان ڪري سگهندس، اوترو مان ڪندس.“ ٻر منهنجن پوڙهين هوندي به منهنجو پيارو چاڪ نٿو ٿئي، گذاري وڃي ٿو، اُنوقت چئون:-

”بني بنائي بن رهي، اؤر ڪڇ بنڻي ناھ:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من مانھ!“

ڪاليج جي هڪ ٻالڪي هئي، ڏاڍي هوشيار ٻالڪي. اِمتحان ڏنائين. نتيجو نڪتو. اِمتحان ۾ ناپاس ٿي. روئي جو روئي، اَصل بس نه ڪري. چوي:- ”مان ڪڏهن به ناپاس نه ٿي آهيان. مان هميشه فرسٽ ڪلاس ۾ اَچان. مان ڪيئن ناپاس ٿينديس؟“ پوءِ ٻهريان ٻه ٽي ڏينهن ته اَهڙو، پرائه آيس، جو چيائين:- ”هاڻ مان وڌيڪ ڪين پڙهنديس. مان ناپاس ٿي آهيان: مان وري ويهي پڙهان، مان ورتي ويهي دور ڪريان.“ هن برابر محنت ڪئي. جيتري محنت ڪري سگهي، اوتري محنت هن ٻالڪيءَ ڪئي.

ٺوڪريءَ ۾ وڌو آهي. مان تنهنجو ڪيڏو نه شڪرگذار آهيان!““

هڪ هڪ ڳالهه ۾ پرڀوءَ کي پنهنجي Plan آهي اسان مان هڪ هڪ واسطي اِئين نه ته رڳو گرديو راناڊي لاءِ Plan هئس

ولايت ۾ هڪ سنتپرک ٿي ويو آهه. جي چوڪ نئو ڪريان، سندس نالو ڊين اِنجي (Dean Inge). مغرب پاسي جو هو. تمام شاهوڪار هو. هي سنتپرک پرڀوءَ کي چوي ٿو:- ”پرڀو! تو مونکي هيترا سال جيئرو رکيو آهي مان ڏسان ٿو ته مان تنهنجو ڪيڏو نه شڪرگذار آهيان، جو تو منهنجون ڪيتريون پرارٿنائون نه اگهايون آهن: اگهائين ها ته منهنجي اَلائي ڪهڙي حالت هجي ها.“

سقراط جو شش پليٽو، جنهن وڏا پستڪ لکيا آهن، جن مان هڪ پستڪ ’Republic‘، عجيب پستڪ آهي. پليٽو هڪ هيءَ پرارٿنا وري وري ڪندو هو. چوندو هو:- "God! grant me the good, even though I do not ask for it: and take away the evil from me, even though I ask for it." چوي ٿو:- ”جنهن ۾ منهنجو ڀلو آهي، اهو مونکي ڏي، ڀل مان توکان نه گهران: پر مان جيڪڏهن توکان ڪجهه به گهرندو هجان، جو منهنجي روح کي Spiritually هاڃي رسائي، مونکي bankrupt ڪري، ته به مونکي نه ڏجانءِ.“

هڪ پيرو:- دادا، اها اسانکي ڪٿان خبر پوي ته هي گهرون يا هو گهرون؟

دادا:- اِهائي ڳالهه اسان کي سمجهڻي آهه. اِنڪري پرڀوءَ کي چئون:- توکي ته سڀ خبر آهي، مونکي خبر ڪين اٿيئي. منهنجو سڄو بوجو توتي اٿيئي!“

پيرو:- پر اسين ته وري وري گهرون ٿا.

دادا:- ڀل گهرينس، پر چئينس ته جي منهنجي ڀلي واسطي

۾ ٻھريون نمبر آيو. "جگناٿ سنسڪرت انعام" ڪيس مليو،
جنھنجي ڪري وڏيڪ وديا وٺي سگھيو. ھنجا مائٽ شاھوڪار
ڪين ھئا. پوءِ پونا ۾ ڊيڪن ڪاليج ۾ اچي پڙھيو. بي. اي.
جي امتحان لاءِ تياري ڪيائين. ڪيس پڪ ھئي تہ ٻھريون نمبر
ايندو چيائين، مان پھريون نمبر ايندس، پوءِ مونکي سرڪار
اسڪالرشپ ڏيندي، مان I. C. S. امتحان لاءِ ويندس. اھڙا
سپنا ھنجي دل اندر ھئا تہ مان پڙھي وڏو امتحان پاس ڪندس.
تنھن وچ ۾ ھڪ سنيرڪ جي سنگ ۾ اچي ٿو. سنيرڪ چويس
ٿو:- "نام جپ." ھي چويس ٿو:- "مان نام جپيان: پوءِ مان
پھريون نمبر ايندس؟" سنيرڪ چويس ٿو:- "تون پھريون
نمبر ايندين. پھرين نام تہ وٺي جپ." "ان لالچ تي"، ھي
چوي ٿو، "مون ويھي نام جپيو. نہ تہ منھنجو نام جي پاسي
چاھہ ڪين ھو. پر جي مونکي نام پھريون نمبر آڻي تہ پوءِ نہ
جپيندس." بي اي. امتحان لاءِ ڏاڍي ڪوشش ڪيائين، ڏاڍي
تياري ڪيائين، ڏاڍي محنت ڪيائين. ۽ سيني کي پڪ ھئي
تہ پھريون نمبر ايندو. پھريون نمبر تہ ڇا، پر فرسٽ ڪلاس بہ
ڪونہ مليس. نتيجو ظاھر ٿيو، سيڪنڊ ڪلاس ۾ آيو. ڪجھہ
وقت تہ ڏاڍي ڏک ۾ ھو. اندر واري چيس:- "تون ڏک ڇاجو
ٿو ڪرين؟ تنھنجي گروءَ جي تہ اھائي سکيا آھي تہ جيڪي
ٿئي ٿو، تنھن ۾ پربوءَ جو ڪو راز آھي. پربوءَ کي توکان وڌيڪ
خبر آھي تہ تنھنجي ڀلي لاءِ ڇا آھي." وڌيڪ چوي ٿو:-
"سال گذري ويا. جڏھن مان آتمڪ راھہ ۾ وڌيڪ ٻنڌ
ڪرڻ لڳس، مون پربوءَ کي چيو:- 'پربوءُ! مان تنھنجو شڪرگذار
آھيان، تو منھنجي پرارٿنا نہ ٻڌي. جي مونکي بي. اي. امتحان
۾ پھريون نمبر آڻين ھا تہ مان I. C. S. ٿي ويو ھجان ھا،
ڪٿي ڪليڪٽر ھجان ھا. ھينئر پربوءُ! تو مونکي پنھنجي

ڪندس ضرور. پر ٻيو سوال اُلائي ڪٿي سگهندس يا نه، اُها
پڪ ڪين آهي. جڏهن ٻچاڙيءَ جو سوال ايندو، وڌيڪ ٻيو
سوال مان ڪٿي سگهندس ڪين. اِنڪري پرڀوءَ کي چئون :-
” پرڀو! توکي سڀ خبر آهي. مون کي ڏي اُهو، جنڏن ۾ منهنجي
لاءِ ڀلو آهي. “ ۽ پرڀوءَ کي اُسان مان هڪ هڪ لاءِ Plan آهي.

هڪ ٻار :- دادا، پرماتما جيڪڏهن اُسان کي دنيوي
ماتا ۽ پتا کان لکاهه ڪروڙها ڀيرا وڌيڪ پيار ڪري ٿو: پوءِ دنيا
۾ هيترو دک ڇو آهي؟

دادا :- اِها ڳالهه توهان جي بلڪل ٺيڪ آهي. اِها ڳالهه هڪ
حجام هڪ سنتپرک کان پڇي. ٻئي گڏ ٿي ويا شهر ۾. هڪ
جهوپڙپٽيءَ (Slum area) وٽان اُچي لنگهيا، جتي ڏاڍي گندگي
هئي. ماڻهو ويچارا ڪنگال. هڪ ٻئي سان پيا وڙهن. هڪ ٻئي
کي پيا گاريون ڏين هڪ ٻئي کي پيا ڌڪ هڻن. تڏهن هن حجام
سنتپرک کي چيو ته ” توهين چوندا آهيو ته پرڀو ديالو آهي، پرڀو
ڪرپالو آهي، پرڀو ٻاجهارو آهي. پوءِ توهانجو پرڀو ڪٿي آهي؟ پرڀوءَ
هوندي هنن ماڻهن جي ههڙي حالت ڇو ٿي آهي؟ “

سنتپرک جواب ڪونه ڏنو. سنتپرک ڪيترا ڀيرا اُسانکي يڪدم
جواب نه ڏيندا آهن. اُسين سمجهندا آهيون ته شايد ٻڌائون ئي
ڪونه. ٻڌندا سڀ آهن. توهين پڇڪي ۾ چوندا، اُهو ٻڌندا،
پر جواب ڏين يا نه ڏين، اُها جنهن سندن موج. توهين ساڳي
ڳالهه ڪيترا ڀيرا چوندا آهيو: هو جواب ڪين ڏيندا آهن.

هي سنتپرک سانت ۾ رهيو. ٿورو اڳتي هليا. شهر جي اُن
ٽڪري ۾ آيا، جتي کي ماڻهو وينا هئا، جن جا وار پوريءَ
طرح ڪٽيل نه هئا. ڏاڙهي هڪ پاسي لٿل هئي ته ٻئي پاسي
نه. مڇون هڪ پاسي لٿل ته ٻئي پاسي نه. تڏهن هن سنتپرک
يڪدم حجام کي چيو:-” اُڙي حجام! تون ڪيڏانهن ويو آهين؟

سمجهيس ته ڏئي، ڇو ته مونکي ته خبر ڪونهي ته منهنجو پلو ڇا ٿو آهي.

پيرٺ:- پوءِ ته گهرڻ ئي بند ڪري ڇڏجي.

دادا:- اها اوستا پوءِ اچي ٿي، جڏهن انسان گهرڻ بند ڪري ٿو ڇڏي. ڇو ته ڪيس پروڙ پوي ٿي ته پريو منهنجي گهرج اُنهن کان اڳ پوري ڪري ڇڏي ٿو.

هڪ پيرٺ:- دادا، پر اسين پرارٿنا ڪندا اچون؟

دادا:- ضرور ڪندي اچ. جي نه ڪندين ته الائي ڪهڙي حالت ٿيندءِ. جيتري اسين پرارٿنا ڪريون ٿا، اوترو اسين پريوءَ جو ويچار ڪريون ٿا. ۽ جيترو پريوءَ جو ويچار ڪريون ٿا، اوترو پريوءَ وانگر ٿيون ٿا جنهن جنهن ڳالهه جو اسين وچون ٿا وڌيڪ ويچار ڪندا، اُن وانگر اسين وڃون ٿا ٿيندا. تون پرارٿنا ڪندي اچ.

بني بنائي بن رهي، اؤر ڪڇ بنڻي ناهه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماهه!

پوءِ هيءَ appendix آهه:-

"جونئڊ ياوتيءَ سائي پلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!"

نرنڪار! توکي وڌيڪ خبر. تون هميشه سلامت آهين. مونکي ته اها به خبر ڪونهي ته منهنجو ٻيو قدم ڇا آهي؟ هڪ مائيءَ منهنجي ڳالهه کي جهڙو:- "مونکي چانڊ آڻي ڏي. مان پي پوءِ آغوس وڃان." ڳالهه ويٺي آهي رڳو چانڊ جو پيالو ناهڻ. ناهي ڪٽي اچي ته ڏسي ته بني نه آهيٺي ڪونه. هن کي اها خبر ڪين هئي ته جيستائين چانڊ جو پيالو ايندو، تيستائين مان هلندو هلندس منهنجو انتڪال اچي بيٺو آهي. اسانکي خبر ڪونهي ته ايندڙ گهڙيءَ ۾ ڇا ٿيڻو آهي. فقط هيءَ هڪ ڳالهه اسان مان هڪ هڪ کي آهي ته مان هي سواس جيڪو ڪڍان ٿو، سو ٻاهر

دل ٿي تہ اَسين وڃي رشوت ڏيون يا رشوت وٺون؟ گهڻا ڀيرا اَسان ٻئي جي ڏڻ ۾ اک وجهي؟ گهڻا ڀيرا اَسانجي اکين اَڳيان ننڍو نظر سان ڀين ڏي نهاريو؟"

هڪ پيرڻ بابت مون پڙهيو. ڪجهہ پئڪيٽ ٺاهي ويٺي ٿي پوسٽ ڪرڻ. پئڪيٽ چڱيءَ طرح ٻڌل هو. پوسٽ آفيس ۾ ويٺي تہ پوسٽ واري پڇيس تہ "Is there anything breakable in it?" پيرڻ چيو :- Only one thing,-The Ten Commandments. Ten Commandments بائيبل جو ڪتاب هو. اُن ڪتاب ۾ لکيل آهن. اُهي ڏهہ قانون اَسين روز ڀڃيون ٿا. ڀيو تہ ڪجهہ هن ۾ ڀڄڻ جو ڪونهي.

شاپنهر هڪ وڏو جرمن فلاسافر ٿي ويو آهہ. پڇاڙيءَ جي وقت ڪيس سريو جي ڏاڍي پيڙا اَچي ٿي. ڊاڪٽر سندس پرسان ويٺو هو. ڏنائين تہ سندس مک مان هي اکر نڪتا :- "پريو! مونکي بچاءِ! مونکي بچاءِ!" تڏهن ڊاڪٽر عجب ۾ پئجي پڇيو تہ "چا، توهانجي فيلسوفيءَ ۾ پريوءَ ڪي جڳهہ آهہ؟" شاپنهر ڪي ناستڪ فلاسافر ڪري ڪوٺيندا آهن. تڏهن شاپنهر جواب ڏنو:- "جڏهن دک اَچي ٿو، سريو کي ڪشٽ اَچي ٿو، اُن وقت اَزخود اَسانجا ويچار پريوءَ ڏي وڃن ٿا. ٻيو تہ ڪيڏانهن وڃن ٿي ڪولہ ٿا."

جڏهن اَنت گهڙي نزديڪ اَچي ٿي، اُن وقت اَسين مذهبي ٿيون ٿا تہ ڪنهن ڏي نهارجي. اُن وقت اَزخود اَسانجا ويچار پريوءَ ڏانهن وڃن ٿا. پوءِ اَسين ڪيس "پريو" ڪري ڪوٺيون يا ڪنهن ٻئي نالي سان سڏيون. پاڻ مرادو اَندر مان آواز نڪري ٿو:- "پريو! توکان سواءِ هينئر منهنجو ٻيو ڪو چارو ڪونهي." اهو آواز شاهدي ڏئي ٿو تہ اَسانجي اَندر پريوءَ لاءِ صدق آهي ئي آهي.

تنهنجي ڪهڙي حالت آهي؟ تون جيئرو آهين؟" حجام چيو:- "جي سائين! مان جيئرو آهيان. توهان سان گڏ ٿيو هلان." سنبرڪ چيس:- "ٻيءَ هنن ماڻهن جي هيڏي حالت ڇو ٿي آهي؟ مڇون ڏس ته هڪ پاسي لٽل، ٻئي پاسي نه. وار هڪ پاسي لٽل ته ٻئي پاسي وڏا. تو حجام هوندي به هنن ماڻهن جي هيڏي حالت؟" حجام چيو:- "سائين! مونکي ڇو ٿا چئو؟ هي ٻوريٺي کو مون وٽ آيا آهن. منهنجي Saloon ۾ اچن ۽ جي مان هيٺين ڇڏيان ته منهنجو ڏوهه ڇٽو. مون وٽ آيا ئي ڪونهن." سنبرڪ حجام کي چيو:- "تو پنهنجي سوال جو جواب پاڻ ڏنو. هو جهوپڙپٽيءَ وارا (Slum-dwellers) پرپوءَ وٽ آيا ئي ڪونهن ته پرپو ڇا ڪري؟ پرپوءَ وٽ وڃن ته پرپوءُ هنن جي ٻڌي."

اسان مان ڪيترا ناستڪ آهيون. اسين "پرپو" "پرپو" چئون ٿا، پر اسانجو پرپوءَ ۾ وشواس ڪين آهي. جي اسانجو پرپوءَ ۾ وشواس آهي ته اُن جي پرکيا هيءَ آهي ته اسين پرپوءَ جي اِڇا قبول ڪنداسين. مونکي ٻڌائي سگهندا ته توهان مان ڪيترا پرپوءَ جي اِڇا قبولڻ لاءِ تيار آهيو؟ فقط اوترائي پرپوءَ ڏي ويا آهن ۽ نه وڌيڪ. ۽ جي پرپوءَ ڏي ويا آهن، اهي پنهنجي روز بروز جي جيون ۾ عجيب ڪرامتون ڏسن ٿا.

پرپو اسان مان هڪ هڪ کي پيار ڪري ٿو ۽ پرپو اسان مان هڪ هڪ کي روز ڪيترئون سوکڙيون موڪلي ٿو ٽڪيٽ ٿيا اچن، پر اسان پنهنجي ۽ پرپوءَ جي وچ ۾ ڀت کڙي ڪري ڇڏي آهي. پارسل اسانکي پهچن ئي ڪونه ٿا. اسانکي جڳائي ته اسين پنهنجي جيون پرپوءَ جي اِڇا ۾ بتون، پرپوءَ جي قانون ۾ هلون. اسان مان گهڻا پرپوءَ جي قانون ۾ هلون ٿا؟ ٻهراڻي ته اڃا اُهڙا ئي ٿيا هلون. پاڻ کان پڇون:- "پرپوءَ جي قانون ۾ اسان جيون ٻڌي آهي؟ گهڻا ڀيرا اسان اَڄ ڪوڙ ڳالهايو؟ گهڻا ڀيرا اسانکي

اِهي ٻه ڳالهيون جيڪر اسين پنهنجي جيون ۾ پڪڙيون :-

(١) ٻني ٻنائي ٻـن رهي، اؤر ڪڇ ٻنڻي ناه:
تلسي آئسا جـان ڪر، مگن رهو من مانه!

(٢) جو تڌ ڀاويءَ سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!

يهودين جي پوتر شاستر ۾ رباءِ اڪيبا بابت هڪ ڏاڍي مٺي ڳالهه لکيل آهه. هي سنچرڪ مسافريءَ تـي نڪتو. پاڻ سان هڪ گڏهه، هڪ ڪڪڙ ۽ هڪ ٻتي ڪنيائين. هڪ ڳـوٺ مان اچي لنگهيو. رات جو وقت اچي ٿيو. چيائين:- "مون کـي جيڪر ڪو رات واسطي پناه ڏئي. صبوح جو مان وري پنهنجي مسافريءَ تي نڪرندس." اُن ڳوٺ ۾ ڪنهن بـه ڪيس دروازو ڪين کوليو. چيائونس:- "اسان وٽ ڪا جڳهه ڪين آهه، جا توکي ڏيون." چيائين:-

"جو تڌ ڀاويءَ سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!"

"پريو! اِن ۾ به ڀلو هوندو، نه ته مونکي ڪو ته اَجهو ڏئي ها. پريو! تون ڪنهن کي ته پريرڻا وجهين هـا تـه مونکي رات رهائي ها. اِن ۾ به ڪو ڀلو هوندو. تون مونکي هت نٿو رهـڻ ڏين." ٻرسان جهنگل هو: اُت وڃي رهيو. اُن وقت اچـي طوفان لڳو. هن جي ٻتي وسامي ويئي. ويچارو اونده ۾ هـو. تنهن وچ ۾ ڪو جانور ـ گدڙ ـ آيو، هن جو ڪڪڙ کائي ويـو. تنهن وچ ۾ وري ڪو وڏو جانور آيو ـ ڪو چيتو يا ڪو شينهن ـ گڏه کي به کائي ويو. صبوح جو اُٿي ته نڪو گڏهه، نڪو ڪڪڙ، نڪا ٻتي. چيائين:-

"جو تڌ ڀاويءَ سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!"

وري اُن ساڳئي ڳوٺ ۾ موٽيو. چيائين:- "جيڪي هو، سو نه ويو. هاڻ ڳوٺ ۾ ڏسان، من ڪو روٽيءَ ٽڪر ملي." ڳـوٺ

اَسين رواجي مائهو ڀرڀوءَ جو نالو ڳنهون ٿا، پر اَسين آهيون ناستڪ. ڇو ته اَسانجي جيون ڀرڀوءَ جي ساکي نٿي ڏئي. ڀرڀو چوي ٿو:- ”منهنجو نالو ڀل توهين نه ڳنهو، پر ڏسو ته توهانجي زندگي منهنجي ساکي ڏئي.“ اَسين جنهن آرٿڪ پدّتي (Economic System) ۾ رهون ٿا، اُهو ڀرڀوءَ جو اِنڪار ڪري ٿو. ڀرڀوءَ جو پهريون اُني پهريون قانون آهه:- ”ونڊ ورهاءِ، سک پاءِ!“ اَسين ڀرڀوءَ جي ڏني مان ونڊيون ورهايون نٿا، تنهن جي ڪري سچ پچ جئن گيتا چوي ٿي ته ”جو رڳو پنهنجي ۽ پنهنجن لاءِ ٿو رڌي، سو ته آهي چور.“ اِنڪري اَسين بيشڪ چپن سان ڀرڀوءَ جو نالو اُچاريون ٿا، پر جيون ۾ اُن جي ساکي نٿا ڏيون. سچ پچ اَسين ناستڪ آهيون.

هڪ ڀيڻ:- دادا، اِئين ڇو ٿو ٿئي، ٿوري خوشي اِنسان کي ملي ٿي ته سائين وسري ٿو وڃي. ۽ جي وري ٿورو غم ٿو ٿئي ته يڪدم سائينءَ جو نالو ياد ٿو پوي؟

دادا:- اِنڪري غم ڪيترن گهري ورتو آهه. شري ڪرشن جڏهن ڪنتيءَ کي چوي ٿو:- ”ڪنتي! تون ور گهر! جيڪي تون چوين، مان توکي ڏيان!“ ڪنتي چويس ٿي:- ”ڪرشن! مان رڳو هڪ ڳالهه توکان گهران ٿي ته روز مونکي ٿورو ڪي گهڻو دک ڏيندو اُچجانءِ. ڇو جو دک آهي ته مان توکي ياد ڪريان ٿي. جي دک مونکي ناهي ته مان توکي وساري ٿي ڇڏيان. بهتر آهي مونکي دک هجي ۽ يادگيري هجي، تنهن کان جو مونکي خوشي هجي ۽ منهنجو اَندر ويران هجي يعني يادگيري نه هجي.“ اِنڪري اُني دک خلقيو ويو آهه. دک اَسانکي ڇڪي هلي ٿو پياري ڀرڀوءَ جي ڪمل قدمن ۾. ۽ پوءِ اَسانجي دل منجهان اِها پڪار اُٿي ٿي:-

”جو تد ڀاويءِ سائي ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!“

هڪ پيرط :- دادا، ڪيترن موقعن تي گهڻو ڏک ملڻ ڪري انسان ناستڪ به ٿي پوي ٿو.

دادا :- بيشڪ، ٿي پوي ٿو. اُن ڪري ورڻي اُن آزمودي مان لنگهڻو آهي. اِن ۾ به ڪا معنيٰ آهي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏک ملي ٿو ۽ ڏک جي ڪري هو ناستڪ ٿئي ٿو، ته اسان کي ڪجهه ته اُتي به اسين چئون :-

”جو تنهنجو ڀاوي سائين ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!“

ٻڌيو! اُن ۾ تون اُنهيءَ ڀلو چاهين ٿو ۽ اِن ناستڪپڻي جي ڏاڪي تان لنگهائي پوءِ ڪيس پاڻ وٽ آڻين ٿو. اسين ورڻي ناستڪ ٿي پئون ٿا. جو چئون ٿا :- ”اَڙي، هي ڇا ٿيو؟ هي ڏک آيو، منهنجو پيارو ته ناستڪ ٿي پيو.“ اسانکي ڪجهه ته اُن وقت چئون :-

”جو تنهنجو ڀاوي سائين ڀلي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!“

”ٻڌيو! اِن ۾ به تنهنجو ڀلو آهي. تون منهنجي ٻالڪ کي ڪو گهٽ ٿو پيار ڪرين؟ مان ڪيڏو پيار ڪريانس ٿي، تنهن کان اَلائي ڪيترا ڀيرا وڌيڪ تون ڪيس پيار ڪرين ٿو. تنهن هوندي به تو هن جي حالت اِها ڪئي آهي. اِن ۾ به ڪو ڀلو هوندو.“ اِهو آهي صدق. مان اِئين پيو سمجهان: مان هن کي پيو چوان:- ”تون ناستڪ نه ٿيءُ. پرڀوءَ ۾ وشواس رک.“ پر مان پاڻ پرڀوءَ ۾ وشواس نٿو رکان. مان ناستڪ ٿي پوان ٿو.

هڪ پيرط :- دادا! اوڏي مهل اِها پروڙ نٿي پوي.

دادا :- اِنڪري، پرڀوءَ توکي هٿي آندو آهي ته اِها پروڙ تون پائين.

هڪ پيرط :- دادا! پوءِ اِهو راز ڪئن سمجهي سگهجي؟

دادا :- اسانجي تڪليف آهي جو اسين سمجهڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون. اسانجو سمجهڻ جو اوزار (apparatus) من يا دماغ

۾ اچي ڏسي ته سڀ خلاص. رات جي وقت ڪي ڌاڙو آيا. ڳوٺ جي سڀني ماڻهن کي ڦري ويا. سندن سامان وغيره سڀ لُٽي ويا. دل ۾ چيائين: "پرڀو! تو مونکي رات هتي رهڻ لاءِ اچڻو نه ڏنو. ان ۾ به تنهنجو شايد راز هو. نه ته مان به خلاص ٿي وڃان ها. وري تو منهنجي ٻتي به وسائي ڇڏي. جي ٻتي ٻرندي هجي ها ته ڌاڙو اُتان لنگهن ها. مونکي ڏسن ها ته مون کي ماري ڇڏين ها. وري تو گڏه کي به ڪُٽي ڇڏيو. نه ته هينگ ڏئي ها ته ڌاڙن کي شايد خبر پئجي وڃي ها. وري ڪڪڙ کي به ڪُٽي ڇڏيئه. ونئي ڏئي ها ٻانگ، ته به خبر شايد پئجي وڃن ها. چيائين: "سائين! شڪر!"

"جو تڏ پاويءَ سائي پلئي ڪار، تون سدا سلامت نرنڪار!"

اها حالت تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن اسين پرڀوءَ جون نعمتون، بخشيشون ياد ڪريون ٿا.

هيءَ ڳالهه سچي آهه، جيڪا ڏهاڙن ٿوهان سان هينئر ڪريان ٿو. ڪراچيءَ ۾ هڪاسين ١٩٤٧ جو سال هو. پاڪستان ٿيو. اسانجي ستسنگ جو هڪ ڀاءُ موٽر سائيڪل تي پئي ويو ڪنهن اچي لنيان ڪيس ڏک هنيو حادثو ٿيو. وچاري جي هڪ اک ويئي هلي. ڪيس اسپتال ۾ ڪٽائي ويا. اُت ڪيس کي ڏسڻ ويا. چيائون: "هن وچاري کي ڪيڏو نه ڏک هوندو" پر هن کي ڏک ڪين هو. ماڻهن اچي ڏٺو ته هي ونو مشڪي. چيائونس: "اڙي، تو پنهنجي اک وڃائي آهه، ته به تون وينو مشڪين؟" چيائين: "اک ته ويئي، پرابر. پر پرڀوءَ کي شايد خبر هئي ته هڪ اک وڃڻي آهه. مونکي به اکيون ڏنئي ڇڏيائين. هن ٻيءَ اک سان اونڌو ئي ڏسي سگهان ٿو، جيترو هونئن ٻنهي اکين سان ڏسي سگهندو هوس."

تہ ھڪ ڏينھن پاڳل ھرنانت جا ڪي پيارا پاڻ ۾ گڏجي ويھي ويچار ڪيائون: ھن ڳالھہ جو تہ اسانجو گرو ڪير آھہ؟ ڇا آھہ اسانجو گرو؟ ڪو چوي سنت آھي، ڪو چوي پرم ڀڳت آھي. ڪو چوي اوتاري پرش آھي. اُنھن وينئي پاڻ ۾ بحث ڪيائون تہ اُتان اچي پاڳل ھرنانت پاڻ لنگھيو. پڇيائين تہ ”ڇا وينا ڪريو؟“ ھنن پيارن چيس :- ”سائين! اسين توھان کي سمجھڻ جي وينا ڪوشش ڪريون.“ چيائين :- ”پيارا! مونکي سمجھڻ جي ڪوشش نہ ڪريو، پر مونکي پيار ڪريو. مونکي پيار ڪندا تہ توھان کي پروڙ پوندي تہ مان ڪير آھيان. سمجھڻ سان توھان کي پروڙ ڪونہ پوندي.“

اسانجي تڪليف اھا آھہ تہ اسين سمجھڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. اسين پيار ڏيون. پيار ڪرڻ واسطي بہ اسانجي دل ڏاڍي ننڍي آھہ. ھڪ ننڍڙو ٻار، ننڍڙن ٻارن جي مک مان ڪڏھن ڪڏھن ڏاڍيون عجيب اوُنھيون ڳالھيون ايندڙيون آھن.

ٻوءِ ھڪ ننڍڙو ٻار ھو. مونکي چيائين:- ”I love God.“

چيومانس :- ”In which form you love Him?“

چيائين :- ”In the form of Sri Krishna, I love Sri Krishna.“

چيومانس :- ”Do you love Him with all your heart?“

چيائين :- ”No, my heart is too tiny. I love Krishna with Krishna's heart.“

ڏسو، ننڍڙو ٻار ھو. چيائين:- ”مان ڪرشن کي پيار ڪريان ٿو، منھنجي دل تہ ننڍڙي آھہ. اُن مان ڪھڙو پيار نڪرندو؟ اُھو آھي سڪل نل وانگر، جنھن مان ڦڙو ڦڙو مس ٻاھر ٿو نڪري. وينو کول، وري بند ڪر.“ چيائين :- ”مان ڪرشن کي پيار ڪريان ٿو ڪرشن جي ھردي سان، ڪرشن جي دل

ڏاڍو ننڍڙو آهي.

هڪ وڏو فيلسوف، جنهن جي ڳالهه پياري دادا اسان سان هڪ کان وڌيڪ ڀيرا ڪئي، اُن چيو ته مان پرڀوءَ جو اَنت پائيندس. هفتو پاڻ کي گهر ۾ بند ڪيائين. مهنو گذري ويو، ٻه مهنا گذري ويا هڪ سال گذري ويو ٻه سال، ٽي سال گذري ويا. هن چيو، مان اَنت پايان. نيٺ ڏٺائين، جئن پيو مان وڌيڪ پرڀوءَ جو ويچار ڪريان، تئن پرڀو اَڃا وڌيڪ آهي، اَڃا وڌيڪ آهي. ٽن سالن ڪانپوءِ ٻاهر نڪتو. چيائين، ٿوري هوا ته کائجي اَڄ. گهر کان ٻاهر تازي هوا کائڻ لاءِ نڪتو. هيءَ ولايت جي ڳالهه آهي. سمنڊ جي ڪناري تي اَچي پنڌ ڪيائين. اُتي ڏٺائين ته هڪ ننڍڙو ٻار چانهه جو ننڍو چمچو کڻي، اُن سان سمنڊ مان پاڻي ڀري پيو ڪناري تي ليٽائي. وري وري سمنڊ مان پاڻي ڀري پيو ڪناري تي ليٽائي. تڏهن هن فيلسوف مشڪي چيس ته "ٻالڪ! تون ڇا ڪري رهيو آهين؟" ٻالڪ چيو:- "سائين! هن چمچي سان مان هن سمنڊ کي سڪائڻ ٿو چاهيان. مان سمنڊ خالي ڪندس." فيلسوف چيس:- "ٻالڪ! تون سمجهه ۾ ته آهين؟ هن ننڍڙي چمچي سان تون هيڏي سمنڊ کي ڪئن خالي ڪري سگهندين؟" ٻالڪ چيو:- "سائين! جيڪڏهن توهين هن ننڍڙي دماغ سان پرڀوءَ جو اَنت پائڻ ٿا چاهيو ته هيءَ ڪا ٺڪي ڳالهه آهي ڇا؟" تڏهن فيلسوف چوي ٿو ته "سندس اکين تان پٽيون لهي ويون. تاڪيون کلي ويون." چيائين:- "بيشڪ، مان به اهو ڪم ڪري رهيو آهيان، جو هي ٻار ويٺو ڪري." ته اسين سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪريون.

پياري دادا اسانکي هن هال ۾ هتي "بائبل هرنات" تي ٻه ٽي اُپديش ڏنا. اُنهن اُپديشن ۾ هڪ هنڌ پياري دادا ٻڌايو

هر حال ۾ شڪرانا!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

" دس بسنتولي ڀاڄيءَ ڀاويءَ،
ايڪ بسنت ڪارڻ ٻڪوٽ گواويءَ."

اَڄ جو ويچار شري سکمني صاحب جي باڻيءَ مان آهي. گروجن چون ٿا:- ڏهه وستوُ، ڏهه شيون اَچا تو وٽ ٻچيون ٻيون آهن، پر ڇو ته هڪ شئِ، هڪ چيز پربوءَ توکان کسي ورتي آهي ته تو پنهنجو اِيمان وڃائي ڇڏيو آهي. "ايڪ بسنت ڪارڻ ٻکوٽ گواويءَ": تنهنجي دل اَندر وشواس جي کوٽ اَچي پيدا ٿي آهي.

جيڪي اَسانکي آهي، سڀ پربوءَ جي بخشيش آهي. اَسين آياسين ڪٿان؟ توهان پارڪ کي ڪونه ڏٺو ته توهين ڪٿان آيا. پر بين کي ڏسي سگهون ٿا ته ڪٿان آيا آهن. هڪ ڀيرو مونکي پوني مان لکيو ته مان پٽي گهمڻ ڦريس. مونکي سڌو اِسپتال ۾ وٺي هليا. اُتي زور ڏنائون ته هڪ بار جمي پيو. وري زور ڏنائون ته ٻيو بار جمي پيو. مون ويهي اُنهن ڏي نهاريو. ويچارا پتلا ئي پتلا. نديڙا ويچارا، چرپر به نه سگهن. هلي نه سگهن اُن وقت مون پارڪ کي چيو ته مان به اِئين جائي هونديس هيئنر مان هوڙب ٿي پيئي آهيان. اِنهيءَ ۾ به ته منهنجو فائدو ئي فائدو آهي.

اَسان مان هڪ هڪ اِئين جائو. ء اَسان مان هڪ هڪ ٿي پيارو پربو ٻنهنجي پندار مان ويو آهي پريندو. هاڻي جڏهن اِن پربو ر پندار مان ڪجهه وٺي ٿو ته اَسانکي ڪهڙو حق آهي جو،

سان.“ اَسانجي تڪليف اِها آهي، اَسين پرپوءِ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. سمجهي سگهنداسين ڪونہ. سمجهي اهڙو سگهون، جهڙو ڪرسي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري اُن ڪـــي، جنهن ڪرسيءَ کي بنايو. ڪرسيءَ کي ضرور ڪنهن واڍيءَ بنايو هوندو. ڪرسي ڪئن سمجهي سگهندي تہ واڍي جي من ۾ ڇا آهہ؟ سمجهي سگهندي ڪين.

(١) بني بنائي بن رهي، اؤر ڪڇ بنڻي ناه:
تلسي اَئسا جان ڪر، مگن رهو من ماڻه!
(٢) جــو تــد پاويءَ سائي پلي ڪــار،
تون سدا سلامت نرنڪار!

اِهي بہ ڳالهيون اَج پاڻ سان کڻي وڃو: وڃي اِستعمال ڪريو. ڪوشش ڪريو. توهين بہ ڪجو ۽ مون لي بہ آسيس ڪجو تہ مان بہ ڪريان!

[پونا : ٢٦-٧-٨٦]

*

ڪجهہ ڪيــن

چــت ۾ چرنن لاءِ ڏي پيـار:
آهيان تنهنجي گوپي: لهہ سعيار!
هن ترڪڻ بازيءَ ۾ تون ئي آڌار:
پلبل کي بچائج: اچي ڏي نهار!
تنهنجو نام ڳايان، بياس ۾ پڪاريان:
لوڪن لڪائــي ڳلن ڳوڙها ڳاڙيان!
ڪريان تن جي شيوا جي دکي ۽ دين:
تنهنجن قدمن ۾ ڪنئيا! تيان ڪجهہ ڪين!

Count your blessings اُن وقت ٻنو ڪٽي ويهي اُن تي لکو ته اَچا تائين اَسانکي ڇا ڇا آهي. سرير آهي، هٿ آهن، جن سان اَسين پوڙهيو ڪري وڃي ڪمائي سگهون ٿا. اکيون آهن، جن سان اَسين ڏسي سگهون ٿا. ڪيترا سورداس ويچارا ڏسڻ لاءِ حيران. ڪي سورداس ڪين، پر ڪين اکين ۾ موتيو (cataract) آهي. هڪ ڀيرو مونکي گڏي. چيائين :-"مونکي ڏاڍي تڪليف آهي " چيومانس :-" اَمي ! توکي ڪهڙي تڪليف آهي ؟" چيائين :-" ٻنهي اکين ۾ موتيو آهي ." مان ڏسي نٿي سگهان . ۽ اَچا پڪو ڪين ٿيو آهي . اِنڪري ڊاڪٽر آپريشن نٿو ڪري اَڪثر ڪري موتيو هڪ اک ۾ ٿيندو آهي ۽ پوءِ ٻيءَ اک ۾ . هن ڀيري چيو ته منهنجي ٻنهي اکين ۾ موتيو آهي . اَسانجون اکيون سالم آهن، هٿ سالم آهن، پير سالم آهن . اَسان کي ڪيترا مِتر آهن، ڪيترا مت مائٽ، جي اَسانجي دل وٺن ٿا . اَسانکي رهڻ لاءِ گهر آهي . اَسين ستسنگ ۾ وڃي سگهون ٿا . Count your blessings. توهين هڪ هزار ڳالهيون ڳولي سگهندا، جن سان اَوهين پرڀوءَ جا شڪرانا مڃون . اِن اَوسٿا ۾ اِيندا، پوءِ توهان کي پرواه ڪين ٿيندي، جي ڪجهه به توهان کان کسجي ويو . Count your blessings. اَڪثر ڪري اَسانکي ڪا تڪليف اَچي ٿي، ڪا تنگي اَچي ٿي، ڪا مصيبت اَچي ڪڙڪي ٿي ته ٻيون ڳالهيون وسري وڃن ٿيون. ۽ سمجهون ٿا ته اَسانکي اَلائي ڇا اَچي ٿيو آهي . Count your blessings. اُن وقت پرڀوءَ جي نعمتن جو ويچار ڪريو. ٻنو ڪٽي ويهي اُن تي لکو ته اَچا توهان وٽ ڇا ڇا آهي .

توهان کي خبر آهي، هنن اَکين جو ڪيڏو ملهه آهي ؟ هڪڙو ڇوڪرو هوندو هو . وڏي ڪل جو هو . پر پئسو اَڇو وڃڻو . ڪڏهن آهي، ڪڏهن ناهي . هن وقت غريبيءَ جي حالت ۾ . هن ڇوڪري

منجهانئس وشواس وڃائي ڇڏيون. ڪيترو به آسان ڪان وٺي، ته به آسانڪي فائدو آهي. جيڪڏهن ويهي ويچار ڪريون ته اسين ڪئين آياسين ته به آسانڪي فائدو ئي فائدو آهي. ٻيو نه ته به وستر نه سوير تي آهن. آياسين ته وستر ڪين هئا. توهان ڪڏهن ڪو ڏٺو، جو وستر پائي آيو هجي. هن پيٽ لڪيو ته اڃا ٻارن جي اچڻ ۾ ڪافي دير هئي ۽ آسان وستر به نه ناهيا هئا. يڪدم منهنجي گهر وارا بزار ۾ ويا. ٽڪر ٽڪر ۾ ڪپڙو وٺي ٻارن لاءِ چولا تهرائي آيا. ٻار اچڻ تا چولي ڪانسواءِ. توهين ڏسندا ته هر حال ۾ فائدو ئي فائدو آهي.

ڪو ماڻهو چوي تو ته هن سال مونکي ڏه لک رپيا نقصان پيو. تنهنجي معنيٰ ته ڪيس ڏه لک رپيا هئا. تڏهن ته ڪيس نقصان پيو ۽ جي ڪٽي اهو نقصان پيو ته به توکي اڃا ٻيو ڪيترو ئي آهي، اهو ته توکي فائدو آهي. تون آئين: ٻارٽ سان ڪجھ ڪين ڪٽي آئين: Zero capital. هينئر توکي جڳهه آهي، زمين آهي، ٻار آهن، دوست آهن. هر حال ۾ توهين ڏسندا ته فائدو ئي فائدو آهي.

دس بستولي پاڇيءَ پاويءَ،
ايڪ بست ڪارڻ بکوت گواويءَ.

پريو جي هڪ شئه توڪان کسي تو، اها به تنهنجي ڀلائيءَ لاءِ، جا ڀلائي تون ڏسي نٿو سگهين. اُن هڪ چيز جي ڪري تون تون پنهنجو وشواس وڃائي تو ڇڏين.

ايڪ پي نه ديءَ، دس پي هرليءَ،
تئه مورڙا ڪهه، ڪها ڪريءَ.

پريو اها هڪ شئه ته نه ڏني، پر جي ٻيون ڏه به ڪسي وٺي، ته ٻوءِ اي مورک انسان! تون ڇا ڪري سگهين؟ انڪري هر حال ۾، ستو تئي جي هي سڌانت پنهنجي ڌيان رکون.

ننڍا لاءِ هن کي پنجن لکن جي offer ملي، پر موٽائي ڇڏي. معنيٰ پنجن لکن کان وڌيڪ انجو ملهه آهه. اهڙيون ٻه اٿس. ٻون پاڻ ڏنو. ”پيءُ ڏنو اِن جي معنيٰ ته ڏهه لک ته گهٽ ۾ گهٽ اٿس. چيائين:- ”ٺيڪ آهه.“

هن ڳالهه مان توهين ڏسندا ته توهان کي ڇا ڇا نه آهه! Count your blessings پرڀوءَ جي نعمتن جو ويچار ڪريو ۽ شڪرانا مڃو. هڪ ننڍڙي ڳالهه تي توهين پرڀوءَ مان وشواس وڃائي ٿا ڇڏيو ۽ چئو ٿا:- ”پرڀو آهي ڪٿي؟ اسان سان هميشه ظلم ٿو ڪري. اسانجو ويچار ڪيس ڪٿي ٿو ٿئي؟ پرڀو ٻڌي ڪٿي ٿو؟ پرڀو ته ٻوڙو آهه.

دس بستولي پاڇيءَ پاويءَ،
ايڪ بست ڪارڻ بکوت گواويءَ.

هر حال ۾ توهين فائدو ئي فائدو ڏسندا. فقط ويچار ڪريو. ڪٿان توهين آيا ۽ هينئر توهين ڪهڙيءَ حالت ۾ آهيو. فائدو ئي ڏسندا. پر اسانجو سڀاءُ اِئين آهه. شايد اِنسان ٺهيل ئي اِئين آهه. ملي پيو ته راضي رهي ٿو ۽ پرڀوءَ کي ساراهي ٿو. ٿورو ئي ڪجهه هيٺ مٿي ٿئي ٿو ته سندس وشواس نڪري وڃي ٿو.

هڪ ستسنگ ۾ ڪيترا ويندا هئا. پرڀوءَ ستسنگ ۾ اڪثر کي ڪجهه نه ڪجهه ڪٿي ايندا آهن پرسادي، جا ورهائيندا آهن. هڪ ڏينهن هڪ ڳوناٺو آيو. هن کي ونگين جي ٻڌي هوندي هئي ونگيون ٻڌي، ڳوٺ پرائي ڪٿي آيو. هڪ هڪ کي ونگي ملي. هڪ هڪ جٺو ونگي وات ۾ وجهي، باقي نڪرو وڃي ٻاهر اڇلائي آيو. هڪ جٺو ڏنائون وڌو هو، جنهن ويٺي ونگي ڪاڏي. چيائون، هن کي شايد مٺي ونگي ملي آهه، جو اُڇا وڌو ڪائي. ٻين سڀن کي نه ڪڙيون مليون آهن.

جو وڃي هڪ ڇوڪريءَ سان پيار لڳو، جا به چڱي ڪل جي هئي. ذاتي شاهوڪار هئي. اُن ڇوڪريءَ جو به هن ڇوڪري سان پيار هو. جڏهن ڇوڪريءَ جي مائٽن سان ڳالهه چوريائون ته ڇوڪريءَ جو پيءُ چوي ته ”مان تو ههڙي ڪنگال ڇوڪري کي پنهنجي ڇوڪري ڏيان. مونکي پهرين ڏيکار ته ٽون کي ڪي لک آهن. پوءِ مان پنهنجي ڇوڪري هنکي ڏيندس“ ڇوڪرو پنهنجي وڪيل وٽ ويئي. هنن وڏن گهرن کي پنهنجا وڪيل ٿيندا آهن. ڇوڪري کي پاڻ سان وٺي ويئي. وڪيل کي سموري ڳالهه سمجهايائين. چيائينس:- ”هاڻي تون ڪجهه ڪر.“ توهان کي خبر آهه ته وڪيل ڪهڙا هوشيار ٿيندا آهن. وڪيل ڇوڪري کان پڇيو:- ”توکي بئنڪ ۾ گهڻا پئسا آهن؟“ ڇوڪري چيو ته ”بئنڪ ۾ ته ڪجهه ڪين اٿم. جيڪي ڪمائيندو آهيان، سو کائيندو آهيان. بچائي نٿو سگهان. اُميد اٿم ته بئنڪ جو اڪائونٽ ناهي سگهندس.“ وڪيل چيو ته اُميدن ۾ ڇوڪريءَ جو پيءُ نه سرچندو. هن کي ڪا حقيقت کپي. ڇوڪري کيس چيائين:- ”هيءَ جيڪا هڪ اک توکي آهه، اُن لاءِ جي مان توکي هڪ لک رپيا ڏيان ته ڏيندين؟“ ڇوڪري چيو:- ”اک ڪئين ڏيندس؟ ڏهه لک ڏين، ته به نه ڏيان. پندرهان لک ڏين ته به نه ڏيان. اک ڪيئن توکي ڪيئي ڏيندس؟ پوءِ ته ڪاڻو ٿي پوندس. ۽ جنهن لاءِ تون مونکان اک وٺين ٿو، اُها به مون ڏي ڪين نهاريندي. وڪيل چيو:- ”هاڻي بس.“ مونکي رڳو توکان اهو کپندو هو.“ شام جي وقت وڪيل ڇوڪريءَ جي پيءُ کي گڏيو. ڳالهه ڇيڙيائينس. ڇوڪريءَ جي پيءُ چيو ”ته پهرين مونکي تڪ هئڙ کپي ته هن کي ڪا ملڪيت آهي.“ تنهن تي وڪيل چيس ته ”مونکي خبر ڪين آهه ته هن وٽ ملڪيت ڪيتري آهي. پر ايتري خبر اٿم ته هن کي به شيون آهن، جن مان هڪ

اَنڌڪار جي شڪتيءَ کي اَسين ڪيئنداسين ته اَسين صدق کي پڪڙينداسين.

پيرط :- اُها شڪتي صدق کي پڪڙڻ ڏئي اُي نٿي.

دادا :- اِنڪري وڌيڪ پڪڙيونس. جيڪڏهن اَسين پنهنجي ويچارن ۾ دريو آهيون ته اَسين اِن اَنڌڪار جي شڪتيءَ کي پنهنجي اَندر اَچڻ ڪين ڏينداسين: اَسان اڳيئي ڏٺو آهه ته اَنڌڪار جي شڪتي صدق کي ڪڏهن ڇڏي ٿي ته اَنڌڪار جي شڪتيءَ کي رڳو صدق اُي ڪڏهن سگهندو. اِنڪري جي اَسين صدق کي پڪڙي بيهنداسين ته اَنڌڪار جي شڪتي اَسان تي غالب ڪين پوندي. رڳو اَسين صدق کي پڪڙيون. اَسانجي تڪليف اِها آهه ته اَسين اِنهن ڳالهين جو ويچار مهني ۾ ڪريون ٿا فقط پنج ڏينهن، ڏهه ڏينهن يا پندرهان ڏينهن. سو به سڄي ڏينهن ۾ پنج منٽ، ڏهه منٽ، پندرهان منٽ يا اَڌ ڪلاڪ. پر جي يڪساهي اَسين اُن جو ويچار ڪريون ته اَسانجا هٿ وينداً مضبوط ٿيندا. اِنڪري مان وري وري چوندو آهيان ته ڪا نه ڪا تڪ سويل صبوح جو ڪڍو. ڪنهن نه ڪنهن سنت جي باڻيءَ جي تڪ يا گرباڻي يا نوري باڻيءَ جي تڪ. پوءِ ڏينهن جو وري وري اُن جو دؤر ڪريو. پنهنجا ويچار، پنهنجو ڌيان اُن پاسي رکو. توهين ڏسندا، توهان کي اُن مان شڪتي ملي ٿي.

پيرط :- دادا، ڪي چون ٿا ته ڪرم (ڪرپا) اُن تي ايندو آهه، جنهن جي پورب جنم جي ڪمائي ڪيل هوندي آهه. مون نه اُهڙا ڪرم ڪيا اُي ڪونهن.

دادا :- اِهو به چوندا آهن، مون اِئين ٻڌو آهه ته جنهن جا پورب جنم جا ڪرم سٺا هوندا آهن، اُهو ئي سَتسنگ ۾ اچي سگهندو آهه. رڳو پورب جنم جو اَسين فائدو وٺون. پورب جنم اَسان مان هڪ هڪ جو سٺو آهه، رڳو اُن جو فائدو وٺي اَسين

ساڳيو فصل (crop) ئي ڪو اُهڙو هو. تڏهن هن کان پڇائون ته ”توکي مٺي وڻگي ملي آهي جا، جو تون اُها ويٺو کائين؟“ هي چوي ٿو:- ”مونکي به توهان جهڙي وڻگي ملي، پر هن سنت جي سنگ ۾ اسانکي گهڻيئي مٺايون پرساديءَ جي روپ ۾ مليون آهن. مٺين مٺين هيءَ ڪڙي شئي ملي، سا ته کائڻ کپي.“

تئن جيون ۾، زندگيءَ ۾ اسانکي ڪي ڪڙا آزمودا ملن ٿا، مٺا آزمودا اسين خوشيءَ سان وٺون ٿا. سچو انسان سو، جو ڇوٽي ته ڪوڙا آزمودا مان ساڳيءَ خوشيءَ سان وٺندس. هيڏا فائدا مونکي مليا آهن. ويهي ويچار ڪريو. اڄ گهر وڃو: وڃي list ٺاهيو ته ڪيڏا فائدا مليا آهن. پريو! مان ڄاڻس ڪئن؟ هن سنسار ۾ آيس: منهنجي حالت ڪهڙي؟ اُتي ٻيهي ڪين سگهندو هوس. قدم کڻي ڪين سگهندو هوس. ڪجهه به کپندو هو، ڪڇي ڪين سگهندو هوس ته مونکي هي کپي سوڙ پوندو هو ته ٻڌائي ڪين سگهندو هوس ته مونکي ڪٿي سوڙ آهي. اِن حالت ۾ مان هن سنسار ۾ آيس. تو مونکي ههڙو ڪيو آهي، فائدو ئي فائدو. هڪ هڪ ڳالهه ۾ توهين فائدو ڏسندا. ءَ جي فائدو ڏسندا ته پوءِ توهانجو صدق وڌندو پڪو ٿيندو.

هڪ پيرو:- دادا، اسين هيڏو ٻڌون ٿا، پر اُن وقت اَلائي ڇا ٿو ٿئي، جو اسانجو سچو وشواس ٽٽي ٿو وڃي. سڀ ڪجهه ڄاڻندي به اسين لڙهي وڃون ٿا. اُن وقت اسين ڪهڙي شڪتيءَ کي پڪڙيون؟

دادا:- هن سوال جا ڪيترائي جواب ٿي سگهن ٿا. هڪڙو جواب آهي، جو اِن سوال ۾ پيو آهي. سوال ۾ چيو ويو ته ڪهڙي شڪتي آهي، جا اُچي اسانجي صدق کي لوڏي ٿي؟ اِن شڪتيءَ کي اسين ڪئن ڪڍي ڇڏيون؟ جواب اُن ۾ ئي پيو آهي. اُن

آهي. اِن ۾ ئي راز آهي.

جلال‌الدين رُومي، هڪ وڏو صوفي فقير ٿي ويو آهي. مان يانيان ٿو ١٣ صديءَ ۾ هنجو جنم ٿيو. ست سؤ سال ٿي ويا آهن. اَڄ ڏينهن تائين هن جو نالو شردا ۽ عزت ۾ ڳڻهندا آهن. هي هڪ پستڪ لکي ويو آهي، جنهن کي شاستر ڪري مڃيندا آهن، - مثنوي. ڪيترا روز اِن مان پاٺ ڪن. اِن پستڪ ۾ جلال‌الدين رُومي ڪيترين آکاڻين ذريعي سندر سکيائون ڏئي ٿو. هڪ ڏاڍي مٺي آکاڻي اِن ۾ ڏنل آهي. چوي ٿو، هڪ ماڻهو ڏاڍو بيمار هو. پتلو، لٺ وانگر وڃي ٿيو ٿو. سندس منهن زرد هو. حڪيم وٽ آچي ٿو. چئي پس ٿو:- "حڪيم صاحب! مونکي ڏاڍي تڪليف آهي. جيڪر ڪا دوا ڏيو." حڪيم هن جي نبض تپاسي ٿو، سندس چهري ڏي نهاري ٿو. چوي ٿو:- "هن ۾ ته ڪا اُميد ڪونهي. ڪهڙيون به دوائون هن کي ملنديون. فائدو ٿيندو ڪونه. هن کي ته موت تڪڙو تڪڙو پڪڙڻ اَچي پيو. تنهن ڪان چئو ته جيڪي ڪيس ڪپي، سو ويچارو ڪري." هن جو مطلب هو ته جنهن به شئي تي دل هجيس، سا کائي دل پوري ڪري. چيائينس:- "تنهنجي دوا اَئين اِها ته جنهن به ڳالهه تي تنهنجي دل ٿئي، اُها تون پوري ڪري ڇڏ." هن مريض چيو:- "اِها ڏاڍي سٺي دوا آهي."

حڪيم وٽان نڪري آيو نديءَ جي ڪنڌ تي، جتي هڪ صوفي فقير اِشنان ٿي ڪيو. ڪپڙا لاهي ويٺو هو. هن مريض صوفي فقير جي ڳچيءَ کي پنياڻ ڏٺو. ڪيس ڳچي ڏاڍي وڻي. چيائين، جيڪر وڃي اِن ڳچيءَ کي پڪڙيان. حڪيم چيو آهي ته جنهن به ڳالهه تي تنهنجي دل ٿئي، سا پوري ڪجانءِ. جي مان پوري نه ڪندس ته شايد مونکي نقصان پهچي. مان شايد مري وڃان. منهنجي دوا اِها آهي ته جنهن ڳالهه تي دل ٿئي،

اڳتي هلون.

دس بستولي ڀاڄيءَ پاويءَ،
ايڪ بست ڪارڻ بکوت گواويءَ.

اِنهن اَکرن ۾ گروجن اَسانجي تصوير چٽين ٿا. هر حال ۾، هر ڳالهہ ۾ فائدو ڏسون. ڪلهہ مونکي هڪ پياري چيو تہ ڪلهہ جو ويچار هو:- ”تم بن ميري ڪؤن خبر لي، گووردن گرڌاري!“ پوءِ تہ محمد صاحب جي ڳالهہ ڪئي تہ ڪئن ڪيس پياري پڀوءَ اَچي بچايو. غار ۾ هليا ويا ۽ ڪوڙيئڙي اَچي غار جي منهن وٽ جار بنائي. چيائين، محمد صاحب کي تہ بچايائين، پر حسن ۽ حسين کي ڇو نہ تہ بچايائين؟ منصور کي ڇو نہ تہ بچايائين؟ گرو اَرجن ديو، گرو تيغ بهادر کي ڇو نہ تہ بچايائين؟ ڪيترا شهيد ٿي ويا آهن نہ فقط هن ديس ۾، پر ٻين ڪيترن ئي ديسن ۾. تن کي ڇو نہ تہ بچايائين؟ اُن جو جواب ملي ٿو هن ۾. پريو اَسانکي ڪيتريون ئي ڳالهيون ڏئي ٿو، پر جيڪڏهن هڪ ڳالهہ وٺي ٿو تہ اُن ۾ بہ سندس حڪمت آهہ. اُن ۾ بہ سندس ڪو راز آهہ. جي گرو اَرجن ديو جن جي شهيدي نہ ٿئي ها تہ شايد ڀارت نہ بچي سگهي ها. ڀارت کي بچائڻ واسطي گرو اَرجن ديو جن جي شهيدي ٿي آهہ. جنهن ڪانپوءِ گرو هرگوبند آيو. هن اَهي پهلوان ڪڙا ڪيا ۽ گهوڙيسوار، جن مغلن کي منهن ڏنو. جيڪڏهن شهيدي نہ ٿئي ها تہ ڳالهيون ڦري وڃن ها. اِنڪري چئون:- ”پريو! جيڪي تون ڪرين ٿو، اُن ۾ اَسانجو ڀلو آهہ. اَسين ڏسي نٿا سگهون، پر اَسانکي پڪ آهہ تہ تون اَسانجو پتا آهين، تون اَسانجي ماتا آهين ۽ پتا ماتا ٻار سان ڪڏهن ڪانہ اَهڙي ڳالهہ ڪندا، جو ٻار کي نقصان پهچي. اِهو صدق اَچي وڃي: پوءِ جي اَهڙي اِنسان کان توهين ڏهہ شيون کسي وٺو، رڳو هڪ ڏيو تہ بہ هو اُن ۾ راضي رهندو. چوندو، اِن ۾ بہ ڀلو

هاڻي توسان ٿي آهه. هاڻ ڏسان، تون ڇا ٿو ڪرين؟ قاضي صبر وارو اِنسان هو. چيائين:- ”اِن ۾ به منهنجو ڀلو هوندو، نه ته الله توکان هي ڪم نه ڪرائي ها“ قاضيءَ جو هڪ ڪن ٻوڙو هو. اِن ٻوڙي وقت ۾، جڏهن ڳچي پڪڙي ٻڌو هو، قاضيءَ جو اُهو ڪن کليل ٻيو فقير کي چيائين:- ”ڏٺءِ. اِن ۾ منهنجو ڀلو هو نه؟ مون توکي چيو ته تنهنجو به ڀلو هوندو. پر تون اِهو قبول نٿو ڪرين. واڪا ڪري پنهنجو ڀلو وڃائي ٿو ڇڏين“ هڪ هڪ ڳالهه جا ٽي ٽي، اِن ۾ فائدو ڏسو ن. Count your blessings.

[سينگاپور : ٦-٥-٨٣]

سچي سونهن

چمن ۾ ويس: پشپن ڏي نهاريم. ڪسانئن پڇيم:- ”ايڏي سونهن اوهان ۾ ڪٿان آئي؟“

پشپن چيو:- ”اَسين سڄ ڏي نهاريون، سڄ جا ڪرڻا جهٻيون، پيا سونهن ۾ ڪلون!“

سڄڻ جو سڄ آهي پريو! روز روز پريوءَ ڏي نهار! پنهنجي سانت ۾، ڪم ڪار جي وچ ۾ ڪٿي نيڻ نماڻا پريوءَ ڏي نهار، پريوءَ جون لهرون جهپ، ته تون به سچي سونهن ۾ ڪلين!

سا مان ٻُڌي ڪريان. سو ويو: وڃي ڀنيان اوچتو هن جي ٻڪيءَ کي ڀڪڙيائين. فقير سمجهيو، اَلائي ڪال آيو آهي ڇا؟ ڏٺائين ته مريض اُچي موڪي ڳچيءَ کان ڀڪڙيو آهي. ڪيس اهڙي ڪاوڙ لڳي، جو چيائين هن کي ٻه ٿڦڙون جيڪر هڻي سڌو ڪريان. پر ٿڦڙن هڻڻ سان مَتان اِئين ڪري پوي ۽ مري وڃي ته هي پاپ منهنجي سر تي پوندو. هن کي قاضيءَ وٽ وٺي آيو. تن ڏينهن ۾ قاضي ٿيندا هئا، جئن هينئر ڪورٽ ۾ جج ٿيندا آهن. قاضيءَ وٽ وٺي اَچيس ٿو. قاضيءَ کي چوي ٿو ته "هن ماڻهوءَ مون سان هيءَ هلت ڪئي آهي. هن کي گڏهه تي چاڙهي سڄي شهر ۾ گهمايو يا ڪنهن ماڻهوءَ کي چئو ته ڏنڊي سان هن ماڻهوءَ کي ڪُٽي خلاص ڪري ڇڏي. هن کي جيئڻ جو حق ڪين آهي." قاضيءَ چيس ته "اِهي ڳالهيون ته پوءِ ٿينديون. پهرين هن جو ڏوهه ثابت ڪري ڏيکار ته برابر هن توسان اِها هلت ڪئي. پر تون ڪو ويچار ڪرين ٿو ته ههڙي ماڻهوءَ کي گڏه تي چاڙهي شهر مان گهمائجي، اِهو ٿيو گڏه کي سزا ڏيڻ. هن جي شڪل ته ڏس، ڪنڊا اُچي ٿيو آهي. هن کي ڏنڊو ڏيکاريو ته اِئين ڪري پوندو." اَڇا اِها گفتگو هلي پئي ۽ قاضيءَ هن کي سمجهايو وٺي ته ههڙي ماڻهوءَ کي ڇڏي ڏي. اِن ۾ به تنهنجي لاءِ ڪو ڀلو هوندو. هتن اَڇا اِئين وٺي ڳالهايو ته هن ماڻهوءَ جي نظر وڃي قاضيءَ جي ڳچيءَ تي پيئي. ڊڪي ۽ لسي، فقير کان بهتر. چيائين، جي نتو ڀڪڙيان ته موڪي ٿي نقصان ٿيندو. حڪيم چيو ته جنهن به ڳالهه تي دل ٿئي ٿي، سا پوري ڪجاءِ. وڃي قاضيءَ جي ڳچيءَ کي ڀڪڙيائين. قاضي الله لوڪ هو. چيائين، اِن ۾ به ڪو ڀلو هوندو، راز هوندو. هن فقير وٽي ڏاڍا واڪا ڪيا. چيائينس:- "تو ٻاڙ جيڪا ٻنهنجي لاءِ ڪڏ ڪوڙي آهه، اُن ۾ تو ڪرين. مون سان جا حالت ٿي، سا

تا. بس، پوءِ تہ رام کيس وسري ويٺو. رڳو رتناولي رتناولي. ڪم تي وڃڻ لاءِ بہ دل نہ ٿيندي هيس. رتناوليءَ کي چوندو هو تہ تون مونسان گڏ جي ڪم تي هل هوءَ چوندي هيس :- "اِئين ڪيئن ٿيندو؟ مان ڪيئن ڪم تي هلنديس؟ توکي لڄ نٿي اَچي؟" زوريءَ جڻ ڪم تي ويندو هو. ڪم تان موٽندو هو تہ رستي تي سڄو وقت، قدم قدم تي، رتناولي رتناولي! گهر ايندو هو تہ بہ رتناولي رتناولي! هڪ ڪن بہ هنکي پاڻکان پري ڪرڻ نہ چاهيندو هو. رام کيس وسري ويو.

هڪ ڏينهن ڪم تي ويو آهي. رتناوليءَ کي سندس پيڪي گهران نياپو آيو تہ اَج تنهنجي پتا جو شراڌ آهي، تون ضرور اَچ. کيس خوشي ٿي. دل ۾ چوي ٿي:- "هاڻي ڪجهہ وقت مان هن کان پري ٿينديس." جيڪو نہ گهڻو پنيان پوندو آهي، اُنکان ڪجهہ وقت آزادي بہ کپندي آهي. هيءَ چٺي لکي رکي وئي تہ "تہ اوچتو مونکي نياپو آهي تہ اَج پتا جو شراڌ آهي، مان اُت وڃان ٿي. سڀاڻ موٽي اينديس." تلسيداس اُن ڏينهن ٿورو دير سان گهر ۾ موٽيو. پڪاري ٿو:- "رتناولي! رتناولي!" ڏسي ٿو گهر ۾ تہ اونداهہ لڳي پيئي آهي. هت هت پيو پڪاري:- "رتناولي! رتناولي!" پر رتناولي تہ نہ هئي ڪانہ. ڏسي ٿو تہ اِڪ چٺي رکي آهي. چٺي پڙهي ٿو. سندس مغز چڪر کائي ويٺو. اُن ڏينهن طوفان پيو لڳي. مينهن پيو وسي. رتناوليءَ جي پيڪن جو گهر نديءَ جي هن پار هو. هڪ پاسي تلسيداس جو گهر، نديءَ جي ٻئي پاسي رتناوليءَ جي پيڪن جو گهر. چوي ٿو:- "رتناوليءَ کانسواءِ مان ڪيئن رهي سگهندس؟ هيءَ رات مان ڪيئن گهاريان؟" سڄو وقت اِنتظاري. مان ڪٿي وڃي رتناوليءَ کي ملان؟ نديءَ جي ڪنڌ تي اَچي بيهي ٿو. من ڪا ٻيڙي يا ٻيو ڪجهہ ملي، جنهن مان هيءَ ندي لنگهي پار

جيون ۾ ٻه ڪم ضروري

دادا :- اَڄ جو ويچار :-

” تلسي اِس سنسار ۾، ڪر ليجي ٻه ڪام :
ديئي ڪو ٽڪرا پلا، ليئي ڪو هري نام ! “

سنت تلسي چوي ٿو :- ” هن سنسار ۾ ٻه ڪم ڪرڻا آهن ، هڪڙو ڏيڻ جو ڪم ۽ ٻيو وٺڻ جو ڪم. ڏيو ته ٽڪرو ڏيندا رهو ۽ وٺو هجيوَ ته هري نام وٺو. “

سنت تلسيداس هڪ وڏو سنت ٿي ويو آهي. سندس جيون بابت اَسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته جڏهن ڄائو ته ٿئين ڏينهن سندس ماتا گذاري ويئي. ٻنا کي اَچي سنسو پو ٿيو ته هي ڇوڪر پاڻ سان سٺا ڏره نه کڻي آيو آهي. اِن ڏينهن جي ٻار کي ڦٽو ڪري ڇڏي ٿو. پوءِ ڪڏهن ڪير پاليندو هوس ته ڪڏهن ڪير. شايد جنهن گهر ۾ ويندو هو، اُت ڪانه ڪا بدقسمتي ٿيندي هئي ۽ اُنهن کي اَچي سنسو پوندو هو. اُهي به ڦٽو ڪري ڇڏيندا هئس.

ستن ورهين جو ٿئي ٿو، کيس اِڪ سنهڙو ملي ٿو- گرو نرهريداس، جنهن جو ذڪر رامايڻ ۾ ڪري ٿو گرو نرهريداس کيس رام بابت ڳالهيون ٻڌائي ٿو، ست سال ۽ ورتيڪ. اِهي ڳالهيون ايترو ته هن جي هردي اَندر گهڙي وڃن ٿيون، جو اُٿندي به ” رام “، وهندي به پيو ” رام “ اُچاري.

• چوڏهن ورهين جو ٿئي ٿو ته کيس رتناوليءَ سان شادي ڪرائين

توهانجي اَندران ڪڏهن اُهڙي پڪار آئي آهي ؟ پريو! مان توکي ڪٿي پايان ؟ ڪٿي وڃي توکي ڳوليان؟ اِن پڪار سان گڏ توهانجي اکين ڪڏهن ڳوڙها ڳاڙيا آهن؟ جي هـا تـه توهين سڀاڳيون آهيو، توهين سڀاڳا آهيو. جي نه ته پريوءَ کان اِها پياس، اِها اُڪير، اِهو عشق، اِها اَندر جي سڪ گهري وڃي. اِن پياس کان سواءِ اِنسان حيوان آهي.

اَسانجي جيون به حيواني جيون آهي. اَسين کائون پيئون ٿا. جانور به کائين پيئن ٿا. اَسين ڪم ڪار ڪريون ٿا، جانور به ڪم ڪار ڪن ٿا. ڏسو، ڍڳو ڪيڏو نه تو ڪم ڪري. وهـي وهـي رات جو ويچارو ڪجهه آرام ڪري ٿـو. ننڊ ڪيس اَچي ڪونـه. اَسين ٻار ڄڻيون ٿا، جانور به ٻار ڄڻين ٿـا. هڪ ڏينهن گذاري وڃون ٿا، جانور به هڪ ڏينهن گذاري وڃن ٿا. اَسانجي زنـدگـي جانوري زندگي. جيستائين اَسانجي اَندر پياس نه آئي آهي، تيستائين اَسين سچا اِنسان ڪين ٿيا آهيون

فرانس ۾ هڪ پارٽي ٿي. اُن پارٽيءَ تي هڪڙو ناستڪ آيو. ٻيا سڀ وشواسي اِنسان هئا. پوءِ سڀني پٺي پريوءَ بابت ڳالهايو. هن ناستڪ وٺي واڪو ڪيو. چيائين :- ”’پريو‘ ’پريو‘ ڇا جو لڳايو اٿوَ؟“ سڀيئي شوڪارا ڀـرڻ لڳا. تڏهن جنهن پيرڻ هن کي پارٽيءَ تي گهرايو هو، تنهنکي چويٿو ته ”هت ڪو به ڪونهي، جو منهنجو پاسو کڻي؟ مان اَڪيلو ئي اَچي ڦاٿو آهيان ڇا؟“ تڏهن هن پيرڻ چيس ته ”نه، توسان گڏ به آهن، جنکي پريوءَ بابت خبر ڪونهي.“ هن ويچاري جي دل ڏاڍي خوش ٿي. چيائين ته گهٽ ۾ گهٽ به ته آهن. پڇيائين ته ”اُهي ٻـه ڪير آهن؟“ هن پيرڻ چيو ته ”هڪڙو منهنجو ڪتو ۽ ٻـي منهنجي ٻلي. اِهي به توسان آهن. اُنهنکي پريوءَ جي خبر ڪونهي ڇـو ته حيوان آهن، اِنڪري ڪين پروڙ ڪونهي.“ جيتوڻيڪ مـاڻ

وڄان. طوفان پيو لڳي. ٻيڙيءَ وارو ڪيس ڪونه ٿو ملي. اوندهه ۾ ڏسي ٿو ته ڪجهه پاڻيءَ تي پيو ترَي. سمجهي ٿو ته ڪو ڪاٺ جو ٽڪڙو آهه. سچ پچ هو مردو. تن ڏينهن ۾ اِئين هوندو هو. مان سمجهان ٿو ته هاڻي به ڪاشيءَ ۾ ڪو گذاري وڃي ته اُن جو مڙهه سرير گنگا نديءَ ۾ وڃي وجهي اَچن. هي هڪ مردو پئي تريو. هن سمجهيو ته ڪو ڪاٺ جو ٽڪرو آهه. سندس اکين تي اَنڌ جو پردو چڙهيل هو- وڃي رتناوليءَ کي ملان. اِن مردي تي چڙهي ندي پار ڪري زال وٽ اَچيتو رتناولي واٽڙي تي ويٺي. ڪيس ڀوريون ٿي پيرو سويل سمهڻ جو وجهه مليو هو. هونئن ته هي سمهڻ نه ڏيندو هوس. رتناولي چويس ٿي :- " پوڄيه پتي! توکي جيڪو پيار هن سرير سان آهه- هي سرير هڏن، رت ۽ ماس جو پڃرو- اُنجو هڪ حصو جيڪڏهن تون رام کي ڏين ته جيڪر هي ڀوَ ساگر تري پار پوين " اِهي اکر رتناوليءَ جي مک مان نڪرن ٿا. تير وانگر هن جي دل ۾ چڀي وڃن ٿا. سندس اکين تان پردا لهي وڃن ٿا. تلسيداس نئون ٿي پوي ٿو. ورِي رتناوليءَ ڏي نه ٿو نهاري

يڪدم تلاش ۾ نڪري ٿو. سندس هردي اَندر جا نندي هوندي وارِي ڀڳتي شري رام لاءِ سمايل هئي، سا موٽي اَچي ٿي. جدا جدا هنڌن تي وڃي ٿو. چترڪوٽ ۾ وڃي ٿو. بين آستانن تي وڃي ٿو. سندس دل اَندر هڪ ئي پڪار، هڪ ئي آواز:- "ڪٿ مان توکي ملان؟ ڪٿ مان تنهنجو درشن پايان؟ " اَندر ۾ ڪيس پيار ته هو اِهو پيار هينئر هڪ شري رام لاءِ ڪيس ٿيو آهه :- "منهنجا رام! منهنجا محبوب! مان توکي ڪٿي پايان؟ ڪٿي وڃي توکي ڳوليان؟ " ڳالهه وڏي آهه. اِن تلاش ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ، ٻئي هنڌان ٽئين هنڌ وڃي ٿو. سندس اُتڪنٺا وڃي پئي وڌندي.

چوي ٿي، ڪم ڪار پل ڪر. پر سڄو وقت تار لڳي پيئي هجي ۽ اِڪ يار سان جڏهن اُهڙي پياس اُڀري ٿي، تڏهن اُسين پهچونٿا اُن منزل تي، جتي پريو اُچي اُسان کي درشن ڏئي ٿو.

سنت رامڪرشن پرمهنس، دکشنيشور مندر ۾ ڪالي ماتا جو پوڄاري ٿي نوڪري ڪري ٿو. روز پوڄا ڪري ٿو. پوءِ ڪيس ويچار ٿئي ٿو ته هيءَ ڪالي ماتا فقط پتلو آهي ڇا؟ چوي ٿو، هن پتلي جي اَندر ڪجهه ته هوندو، جو هيترن کي ڇڪي ٿو. سوين ۽ هزارن جي تعداد ۾ تيرٿواسي، ياتري اَچن ٿا درشن ڪرڻ واسطي. هي پٿر نه ڪونه هوندو؟ هـــي ڪـو metal ته ڪين. هوندو؟ ڪجهه ته هن ۾ هوندو. چوي ٿو، اُهو مان ڏسڻ چاهيان ٿو. هن جي اَندر اِها پياس، اِها لوچ اُٿي ٿي جنهن نه شمند جي لهرن ۾ توهين لوچ ڏسندا آهيو بدن ٿئي اُئي ڪانه. پيپون لڳن، پيپون لڳن. مون کي وٺي هليا گولڊن بيچ تي. مون ڏٺو، ڪيڏي نه لوچ لهرن ۾ هئي. اِها لوچ اَندر ۾ اُٿي ٿي. پوءِ نڪو ڪاڏو وڻي، نڪو ڳالهائڻ وڻــي، نڪو ملڻ وڻي. ڪجهه ڪين وڻي. ماٺو چوي، مان وڃو هجان پنهنجي محبوب جي چرڻن ۾. وڃو ڪيس پڪاريان، وڃو سدس ڪمل مکڙي ڏي نهاريان.

سنت رامڪرشن جي اَندر ايڏي اُتڪنٺا وڌي ٿي، جو هڪ ڏينهن چوي ٿو:- "مان وڌيڪ سهي نٿو سگهان. اِها اُلجهن، اِها اگني، اِها آگ عشق جـــي جا منهنجي اَندر آهي، مان اُنجي تابش سهي نٿو سگهان." سامهون ڏسي ٿو، تلوار ٽنگي پيئي آهه. ڪالي مندر ۾ هميشه تلوار رکندا آهـــن. اِها تلوار ڪڍي ڪاليءَ کي چوي ٿو:- "ماتا! هاڻ جي مون کي درشن نٿي ڏين، منهنجي پياس پوري نٿي ڪرين ته مان پاڻ کي خلاص ٿو ڪريان. مان وڌيڪ جيئڻ نٿو چاهيان." تلوار پاڻ کي هڻڻ تي آهه ته چمڪاٽ ٿئي ٿو. اُن جو ذڪر سنت پاڻ ڪيو آهه.

سمجهندو آهيان ته ڪن حيوانن کي به پروڙ آهي. ڪي ڪي حيوان اڳئين، انهن جي اکين ۾ الائي ڇا پيو چمڪي.

اها پياس شل اسان جي اندر اُٿي! ان پياس جو خزانو سنت ستپرڪ کڻي پيا ڦرن: پيا پڪارين:- "آهي ڪو، جو وٺي؟" هڪ ستپرڪ هو. ٨٠ ورهين جو ٿيو آهي. هڪ ڏينهن پنهنجن پيارن کي ڪوٺي چيائون ته "هاڻ سڌ ٿئي پيو. پيڙي اچي پيئي. مان اُن ۾ چڙهي ويندس." پر ٻن ڏينهن ڪانپوءِ چيائون ته "اڄ توهان ڪان موڪلايان ٿو." ليٽي پوي ٿو. اُن وقت سندس اکين ۾ ڳوڙها اچن ٿا. روئي ٿو. تڏهن جيڪي سندس چوڌاري آهن، چونس ٿا ته "سائين! توهان لاءِ ته موت آهي ڪين. 'سنت مؤئي ڪيا روئيئيءَ، جو اپني گرهه جاءِ!' توهين ته پنهنجي گهر وڃو ٿا. پوءِ توهين روئو ڇو ٿا؟" هي ستپرڪ چوي ٿو:- "پيارا! منهنجي روئڻ جو ڪارڻ هي آهي ته مان هٿ هڻ پرٿويءَ تي آيس. پرڀوءَ مون کي خزانو ڏنو. چيائين، وڃي ورهاءِ. مان هٿ ويس، هٿ ويس. ڪو ڪين مليو، جو مون ڪان اهو خزانو وٺي. اهو سڄو خزانو وري واپس کڻي وڃان ٿو. پرڀوءَ ڪي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس؟" سنت ستپرڪ، پرڀوءَ جا پيارا اچن ٿا، ڦرن ٿا، هيڏانهن هوڏانهن وڃن ٿا، من ڪو ملي. پر اسين پنهنجن ڪمن، پنهنجن ڌندن، پنهنجي ڪٽنب قبيلي ۾ غلطان. هو روئندا پنهنجو خزانو وري واپس کڻي وڃن ٿا.

اها پياس، اها اُتڪنٺا، اها اُڪير، اهو عشق، شل اسان جي اندر ۾ جاڳي! جڏهن اها پياس اچي ٿي، تڏهن اسان جي دل زنده ٿئي ٿي. جنهن دل ۾ يادگيري ڪانهي، سا دل مرده سمان آهي. جنهن دل جي اندر اها پياس، اها اُتڪنٺا اُٿي ٿي، اها سڪ اسان کي سمهڻ نٿي ڏئي. رات جو چوي ٿي:- اُٿي پڪار. رات ملي آئيءَ پڪارڻ واسطي. ڏينهن جو

تلسي اِس سنسار ۾، ڪر ليجي ٻه ڪام:
ديني ڪو ٽڪرا ڀلا، ليني ڪو هري نام!

صبوح جو اُٿـون، چئون :- "پريو! مونکي آسيس ڪجانءِ. اَڄ مونکي تو نئون ڏينهن ڏنو آهه. پـر وجهه ڏجانءِ،- ڪنهن نہ ڪنهن کي ٽڪرو ڏيان ۽ وجهه ڏجانءِ تہ توکان هري نام جي ڀيک پني وٺان." رات جـو سمهون، ٻـالڪ کان پڇون:- "اَڄ ڪنهنکي ٽڪر ڏنوسين؟ اَڄ نام اُچاريوسين؟"

هڪ ڀاءُ:- دادا، ساڌو واسواڻي چئي ويو آهه تہ جيڪي ڏنو، سو بچايو. جيڪي رکيو، سو رک تـي ويندو. جيڪر اِن تـي ڪجهه روشني وجهو. اُسانجون دليون ڪنجوس آهن.

دادا:- سين سنتن جي سکيا اِها آهه. مان بمبئيءَ ۾ هوس تہ مون سنگت جـي ڀائرن ۽ ڀينرن کي Boxes of Blessings ڏنيون. چيومـان، هنن پيٽين ۾ آسيس اُٿـو. چيائون، اُسين هي پيٽيون ڇا ڪريون؟ چيو مان، نيم ڪريو، منجهند جو کاڌو کائو، رات جو کا ڌو کائو، کائڻ کان اڳ پريوءَ جا شڪرانا ظاهر ڪرڻ جو هڪ روپ هي آهه تہ هـن پيٽيءَ ۾ ڪجهه نہ ڪجهه وجهو، جو غريبن جي سيوا ۾ خرچ ٿئي. هڪ هڪ ويلي وقت اُسان کي پريوءَ جـا شڪرانا مڃڻ گهرجن. اُسين سمجهون ٿا تہ بس، روٽيءَ تي اُسان جو حق آهه. اُسان کي ملي ٿي. ڪيترا اُٿو هـن وقت توهانجي نگر ۾، جنکي کائڻ واسطي روٽي نٿي ملي ڪالهه مونسان هڪ اُسانجي ڀيڻ ڳالهه ڪئي. ڪلهه مائونٽ روڊ تي وئي هئي. اُت هڪڙو ننڍڙو ٻار ٦-٧ ورهين جو ڏٺائين. سندس ڪيسا ڀريل هئا، جن مان ڪجهه ڪڍي ويني کاڌائين. ڏسڻ ۾ آيو پئي تہ چوري ويني کاڌائين. هيءَ ڀيڻ سندس اڳيان وڃي ڪائنس پڇي ٿي تہ "تون ڇا وينو کائين؟" ٻالڪ چيئو:- "بک لڳي اٿم. ٻيو ڪجهه ملندو ڪين اٿم. هيءَ سمنڊ جي

ڇيائين، چمڪات ٿئي ٿو. اِن چمڪات ۾ منهنجي سڌ بڌ وڃي هلي ماءُ اَلائي ڪيترو وقت پنهنجي هوش کان ٻاهر هوس اِن کي اَنگريزيءَ ۾ چوندا آهن Unconsciousness. اُن منزل تي وڃي پهتو، جت وڃي پنهنجي ماتا کي مليو ٿو. سائنس ڳَنڍ ڪري ٿو، آسيس وٺي ٿو.

هن تلسيءَ جي ته وڃي پيئي اُتڪنٺا وڌندي. نيٺ ڪيئن شري رام جو درشن مليو ٿو. شري رام ته زنده شڪتي آهه. شيام ته زنده شڪتي آهه. گرو بابا ته زنده شڪتي آهه. اَڄ به اَسين ڪين ملي سگهون ٿا. ساڻن ڳالهائي سگهون ٿا، ساڻن گڏ ٻنڌ ڪري سگهون ٿا.

هڪ ڀاءُ:- سادو واسواڻي به حاضران حضور آهي؟

دادا:- حاضران حضور آهي. سڀ ستپرک حاضران حضور آهن. رڳو اَسانکي اُها پياس کپي، اُهو صدق کپي.

تلسيءَ کي درشن مليئو. پوءِ لکڻ شروع ڪريئو اُهو پستڪ، اُهو پرم شاستر، جنهنکي چون ”رام چرت منس.“ منس معنيٰ ڍنڍ. مانسرور جنهن کي توهين ڪوٺيندا آهيو. رام جي چرتر (جيون) جي ڍنڍ. The lake of the deeds of Sri Rama اِن شاستر لاءِ مهاتما گانڌي چوندو هو:- This is the greatest book in the devotional literature of the world مهاتما گانڌيءَ جي دل اَندر ڪوبه ٻيو ڀاو ڪونه هو. هن لاءِ سڀ ڌرم هڪ هئا. مهاتما گانڌيءَ چيو ته ”مون ڪيترن ڌرمن جا شاستر ڏٺا آهن، پر ڀڳتي شاسترن ۾ وڏي ۾ وڏو شاستر هي آهي ’رام چرت منس‘. اِن لاءِ چوندا آهن ته جيستائين آسمان ۾ سُورج هوندو، رات جو تارا هوندا، نديون، پهاڙ هوندا، تيستائين هي پستڪ ڪيترن پياسي دلين کي پيو پنهنجو پيغام پهچائيندو.

هڪ سياري جي رات جو هڪ گهر ۾ ويس. توهان وٽ هتي سيارو ڪونه ٿئي. اُت اسان وٽ سيارو چڱو تکو ٿئي. اُن گهر ۾ هڪ ننڍڙو ٻار ڄائو هو. ٻن ڏينهن جو ٻار. Blanket ڪين هو، جنهن ۾ ٻار کي ويڙهين، هڪ ٽوال ۾ ڪيس ويڙهي رکيو هئائون. سڄي گهر جي ڀاتين کي Blanket ڪين هو. اِهي سفيد پوش ٻائر ۽ پينر پنندا ڪين آهن. اُهي چون، پل اسين بک ڪيون. جڏهن سڌامو پنهنجي زال کي چوي ٿو:- "مان ڪرشن وٽ ويندس، پر گهرندس ڪجهه ڪين." زال چويس ٿي:- "تون وڃ ته سهين. ڪرشن کي پاڻيهي خبر پوندي ته توکي گهرج آهه."

مان جيڪر چاهيان ته توهين به اِهي پيتيون پاڻ وٽ رکو. ٽيون ڪائو، منجهند جو ڪائو، رات جو ڪائو: ڪائڻ کان اڳ ڪجهه اِن پيتيءَ ۾ وجهو. بمبئيءَ ۾ ته رپيو گهٽ ۾ گهٽ وجهندا آهن. مهني سر مهني جيڪي ڪنو ٿيندو آهي، سو ساڌو واسوانيءَ مشن جو ماڻهو ڪائڻ وٺي ايندو آهه. اُهي پئسا غريبن دکين جي شيوا ۾ خرچ ڪيا ويندا آهن. توهان جي گهرن تي برڪت ايندي. جيڪو ڏئي ٿو، اُن کي اَلائي ڪئين اَزغيبي نموني آسيس ملي ٿي.

هڪ ڀاءُ:- ڏيڻ مهل ٿوري ۾ ٿورو ٿا ڏيون. اِها ڪنجوسائي اسانجي لاهيو.

دادا:- ڪنجوسائي لهي ٿي ڏيڻ سان. جڏهن ويندا سين ڏيندا، ڪنجوسائي ويندي لهندي. ڪو نه ڪو قانون پاڻ تي رکون. پرڀوءَ جي پيارن جدا جدا جدولون ڏنيون آهن. ڪن چيو آهه ته جيڪا ڪمائي ٿئي، اُن جو ڏهون حصو ڏيو. جن اِهو ڪري ڏٺو آهه، تن کي آزمودو آهه ته جي هڪ سؤ مان ڏهه رپيا ڏين ٿا ته باقي ٩٠ تي رپين تي ايڏي برڪت ٿئي ٿي، جو هڪ سؤ رپين تي اُها ڪين آهه. اِئين ڪرڻ سان اسين پرڀوءَ کي

ڪماري جي ريتي ويو ڪان." هن پيءُ پڇيس:- "تنهنجو پتا ڇا ڪري؟" بالڪ چوي ٿو:- "مهاڻو آهي. مڇيون ڦاسائيندو آهي. ٽي چار رپيا روز ڪمائي، پر پيءُ جي عادت ڪيس آهي. گهر ۾ ڏئي ڪجهه ڪين." ڪپڙا قاتل هن بالڪ جا ۽ ريتي ويئو ڪائي. توهان کي اعتبار ايندو ڪين. پوءِ ته هن بالڪ کي وٺي ويا. ڪيس ڪپڙا وٺي ڏنائون، کاڌو ڏنائون پر اهو ٿيو هڪ ڏينهن واسطي. اهڙا ٻيا ڪيترا اِنسان هوندا. خاص ڪري ننڍڙا ٻار، تن جو قصور ڪهڙو، جو ويهي ريتي ڪائين؟

مان ڪيترا دفعا رات جو نڪرندو آهيان ڏسڻ ته حالت ڪئن آهي. هڪ رات جو هڪ سنهڙي گهٽيءَ مان لنگهيان ٿو آواز ڪن تي پوي ٿو:- "اَمي! بک لڳي آهي. اَجا ڪچڙي ڪڏهن تيار ٿيندي؟" مان اُن گهر جي اَندر ويس. گهر ڪين هو، پر هڪ ٻچڪڙي ننڍڙي کوٺي هئي، جنهن ۾ هڪ ماتا ۽ پنج ٻار رهيا ٿي. رڌڻ ڪرڻ، سمهڻ وغيره سڀ اُن کوٺيءَ ۾. ڪنڊ ۾ هڪ سگڙيءَ تي ديگڙو رکيو آهي. ٻار پيا پڇن:- "اَمي! اَجا ڪچڙي ڪڏهن تيار ٿيندي؟" ماتا ڪين چيو:- "ڏسو، ديگڙو سگڙيءَ تي رکيو آهي. تيار ٿئي ته توهان کي کارايان." مون وڃي اُن ديگڙي جو ڍڪڻ مٿي ڪنيو. اَندر فقط پاڻي پيو هو، ٻيو ڪجهه هو ڪين. ماتا کان پڇيم. چيائين:- "اَڄ سڄو ڏينهن گهر ۾ هڪ ٽڪو ڪين آيو آهي، جو رڌي ٻارن کي کارايان. رات تائين پڪاريو آٽن. پڪاري پڪاري ننڊ ۾ هليا ويندا. سڀان جو سائين ڪجهه نه ڪجهه موڪليندو، جو رڌي مان هنن کي کارائيندس." اَهڙي حالت اَسانجي سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن جي آهي! پوءِ رات جي وقت وڃي سيٺي واري جو دڪان کولرائي ماتا کي چيم:- "توکي جيڪي گهرجيون اُن جون ڪين، سڀ وٺي وڃ."

غرور.

تلسي اِس سنسار ۾، ڪر ليجي ٻه ڪام:
ديني ڪو ٽڪرا ڀلا، ليني ڪو هري نام!

پوءِ اوستائين اڇي ٿي، جڏهن اِنسان هن راهه ۾ پهڻ ڪري، ڀڄاڙيءَ ۾ اُهو ٽڪرو ڏيئي وڃي پرم پد کي پراپت ڪري ٿو. اُهو ٽڪرو ڪهڙو آهي؟ اُهو آهي اسانجو اَيمان، مان مان. جنهن اِهو ٽڪرو ڏنو، وڃي پار پيتو. اِهو ٽڪرو اسان کي ڏيڻو آهي. جو "مان مان" ڇڏي ٿو، جو نماڻو، ڪجهه ڪين ٿئي ٿو، اُن کي نام ملي ٿو.

هڪ ڀاءُ:- اسان کي خبر آهي ته سچ ۾ وڏي طاقت آهي. پوءِ به اسين پاڻ خود سچ کي supercede ڪري ڪُوڙ جي راهه تا وٺون. ائين ڇو ٿو ٿئي؟ اِن کي ڪيئن avoid ڪجي؟

دادا:- اِها آهي مايا. خبر هوندي به اسين بي خبردار ٿي ٿا پئون. اِن جي دوا آهي سنگ ۽ سنتن سٿپرڪن، پريوءَ جي پيارن جو سنگ. جيئن وڌيڪ سنگ ڪنداسين، تيئن اسان جو اَنتهڪرڻ ويندو صاف ٿيندو. هن وقت اسانجي اَنتهڪرڻ تي مئل چڙهيو پيو آهي. ۽ اُن مئل جي اَثر هيٺ اچي اسين ڪُوڙ ۾ ڪرُون ٿا، نڳيون ڪريون ٿا، لوڀ جي پنيان ڊوڙون پايون ٿا، ڪام جي وس ۾ اچون ٿا. اُن وقت اسين اصل اَنڌا ٿي پئون ٿا. ڪيترا پيرا جي ٿوري سجاڳي اچي ٿي ته ڇئون ٿا ته ڀڄاڙيءَ جو پيرو هي ڪم ڪريون ٿا. وري نه ڪنداسين. پر ڀڄاڙيءَ جو پيرو اَچيئي نٿو. اِن جي دوا آهي سنگ ۽ آتم ويچار.

هڪ ڀاءُ:- دادا! اسان معمولي ماڻهن لاءِ سچ کي پروڙڻ سچ لي هلڻ ڏاڍو ڪٺن آهي.

دادا:- برابر. جيڪو لباسي ساڌو آهي، اُن ۾ اُميد گهٽ

ڇڪي ٻنهنجي جيون ۾ آڻيون ٿا. اِن ڪــي ڪوٺيندا آهن :- ”پرڀو! هـــي حصو تنهنجو آهه. جڏهن “The Lord's share” تون پرڀرتا وجهندين، تـڏهـن اَسين خـــرچ ڪنداسين.“ عجيب ڪرامتون توهين جيون ۾ ڏسندا.

هڪڙي نوجوان ڳالهه ڪئي ته مان جيڪر ڏهون حصو ڀڳوان کي ڏيان. پر منهنجو پگهار ڏاڍو ٿورو هو. ٽي سؤ رپيا. ڇيم ڪئن هلي سگهندس؟ پگهار پورو ڪين پوندو هو. ٻچاڙيءَ جي ڏاڍيڻن ۾ قرض تي وٺي وٺندو هوس. اِئين قرض، وڌو پئي چڙهندو. ويچار ڪيم ته جي ٽي سؤ رپين مان ٽيهه رپيا پرڀوءَ کي ڏيان ته باقي ٢٧٠ رپين مان گهر جو گاڏو ڪئن هلندو؟ پر ڇيائين تـــ پهرئين ئي مهني ۾ مون ڪرامت ڏٺي. مون ٽيهه رپيا وڃي پيتيءَ ۾ وڌا ۽ چيم :- ”پرڀو! هي تنهنجا آهن. جڏهن تون پرڀرتا وجهندين، تڏهن خرچ ڪندس. منهنجا فقط ٢٧٠ رپيا آهن.“ ڇيائين، مان chain smoker هوس. هڪ بيڙي ڇڪي اُٿندو هوس ته ٻـــي ڪڍندو هوس. ٻي پوُري ٿيندي هئي ته ٽين ڪڍندو هوس. اِئين يڪساهي ٻيو ٻيڙيون ڇڪيندو هوس. هينئر اَلائي ڪئن اِهـــا منهنجي عادت هلي ويئي آهه. منهنجا ڪيترا پئسا بچي پيا آهن. ايڏي برڪت مون تي آئي آهه. اَلائي ڪئن پرڀو اَچي ٿوسنڀال ڪري. پرڀوءَ جو اِهو اَنجام آهه. پرڀو چوي ٿو :- ”توهين رڳو مون وٽ اَچو. سنڀال ڪرڻ منهنجو ڪم آهي.“ منهنجا پيارا! جيڪو حصو توهين چاهيو. ڏهون حصو چاليهون حصو يا جيڪو به ڏئي سگهو، حصو ضرور ڪڍيو. توهان تي برڪت ايندي.

هڪ ڀاءُ :- اَسين ڏاڏي وارا ڪيترا ڏاڏي جي اِلهج ڪـــان ڏيندا آهيون. ڇو ته هي حصو داتار جو آهه، پـــر expectation ڪريون ٿا.

دادا :- ڀل expectation ڪريو، پـــر پيارڻ پرڀوءَ کي ڏيو

اُن جي حڪم ڪانسواءِ هڪ پنو بہ نٿو هلي. پوءِ ماڻهو سمجهندي بہ سچ کي يڪي ٿو ڇڏي. ڪُوڙ کي پيار ٿو ڪري. اِنلاءِ ڏوهي پرماتما آهي؟

دادا:- ڏوهي پرماتما آهي جيڪڏهن مان سمجهان تہ پرماتما سڀ ڪجهہ ڪري ٿو. مان اِڪ اوزار آهيان. پر ڏسو، جيڪڏهن مان شڀ ڪم ڪريان ٿو تہ مونکي ڪيڏي نہ خوشي ٿئي ٿي. ماڻهو منهنجي ساراہ ڪن ٿا. فلاڻا! تو ڪهڙو نہ سٺو ڪم ڪيو آهہ. هاڻي سٺو ڪم مون ڪيو ۽ برو ڪم ڪيو پرماتما. اُتي پرماتما بدل ڪانهي پر جي مان پاڻ کي پريوءَ جي چرنن ۾ اَرپن ڪريان ٿو تہ پريو! مان ڪجهہ ڪين آهيان، مان اِڪ تنهنجو اوزار آهيان، تون وينو ڪم ڪرين. اَهڙي اِنسان کي ساڄي پاسي ڪيس ڪو ٿڦڙ هڻندو تہ ڏائو پاسو ڪيس ڪيڙي ڏيندو. پر ٻئي قسم جو اِنسان، ڪيس ڪو ٿڦڙ هڻندو تہ ٻہ ٿڦڙون وهائي ڪيندو. اُن ۾ پريوءَ جو ڏوہ ناهي. اهو اَسان جو "اَيمان"، "مان مان"، ego آهي، نفس آهي. جيستائين نفس مئو ناهي، تيستائين ڪرڻ ڪراوڻ وارو اَسين پريو ڇٿي نٿا سگهون!

[مدراس : ١٩-١٢-٨٢]

آهي. اسان معمولي انسانن ۾ وڏيڪ اميد آهي. جيڪو لباس ساڌو آهي، اهو پاڪيزگي آهي. اسان معمولي انسانن کي لنگهائي هلندا. چوندا، توهين هليا هلو. اسان لاءِ ٻار وڏيڪ اميد آهي. رڳو هڪ قدم اسين کڻون ته ڏهه قدم ٻيو ٻار کڻي اسان وٽ ايندو. پر اهو قدم سچائيءَ سان کڻون. انڪري ٻهرين ڏوري سچائي ضرور کپي. اها سچائي اچي ٿي پرارٿنا دوارا، سنتن ستپرکن جي سنگ دوارا، آتم ويچار دوارا. سانت ۾ ويهي ٻار کان پڇون :- ”مان ڪير آهيان؟ واستو ۾ مان نيٺ ڪير آهيان؟“ هي جو ڪُوڙ جي اَثر هيٺ اچي مان ٻار کي وڏيڪ وڏيڪ پيو ٻڌان، پنهنجي پيرن تي ٻار وينو ڪهاڙو هڻان. ٻيو ڪير ڪونه ٿو هڻي. ان سوچ دوارا منهنجي اندر جاڳرتا اچي ٿي. روز روز ٻار کي اها يادگيري ڏياريون. پنج منٽ ٿي، ڏهه منٽ ئي. ڪلهه اهو سوال اٿيو ته جيون جي نقشي ۾ چار ڳالهيون آهن. تن مان ٽين ڳالهه اها هئي ته روز سانت ۾ ڪجهه وقت ضرور گذاريون. سانت ۾ ويهي ٻار کان پڇون :-”مان ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟ ڇا واسطي هت آيو آهيان؟ ڪيڏي مونکي وڃڻو آهي؟“ ۽ چوٿين ڳالهه جا هن ۾ مدد ڪري ٿي، سا آهي نشڪام شيوا. ڪنهن نه ڪنهن دکي دردر دين جي روز شيوا ڪريون ۽ موٽ ۾ ڪجهه نه گهرون. پريو! تنهنجي چرنن ۾ هي پشپ مان رکان ٿو. ڪرپا ڪري تون قبول ڪج اسان جي اندر جو مئل پيو آهي، سو ويندو آهستي آهستي صاف ٿيندو. پر اسين ٿورو اڪثر صاف ڪريون ٿا، پر گهڻو روز چاڙهيون ٿا. جيڪو مئل اسين ٻار سان کڻي آيا سين، تنهن کان وڌيڪ مئل هيئنر اسان تي چڙهيل آهي. اهو مايا جي سنگ مان وڌيو آهي. انڪري ستسنگ جي ضرورت آهي.

هڪ ڀاءُ :- چوندا آهن ته ڪرڻ ڪرائڻ وارو پريو ٻار آهي.

ٻڪار ٻڌندو؟ ڪين اسان کان اسانجي ڪرمن جو حساب
وٺندو؟

دادا:- هڪ سنيرڪ هو. جيڪي وٽس ايندا هئا، تن کي
موج ۾ اچي چوندو هو:- ”جي آيا، سي اگهيا!“ پنهنجن پيارن
کان پريکشائون ڪونه وٺندو هو، چوندو هو:- ”مان ڪير، جو پريکشا
وٺان، جڏهن مون کان پريکشا ڪين ورتائون.“

هڪ ٻار:- دادا! ”اگهيا“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

دادا:- ”اگهيا“ معنيٰ ”قبول پيا. لنگهي ويا پار پهتا.

اسين کڙا ٻه سنا ٿيون، ڪيڏيءَ ٻه منزل تي وڃي پهچون:
پر اسانجو اهو قدم ڪٿليءَ وانگر آهي. ڪٿلي پنڌ ڪري ڪري
رنڊ ٽي يا اسٽيشن تائين پهچندي. اسانجي چڱائي اسانکي لائق
نٿي بڻائي. جي آيا، سي اگهيا: رڳو اچن! اچڻ جي نشاني:-
”شڪر! شڪر!“ ”اءِ دل! نه ڪر فڪر، ڪر شڪر! ڪر
شڪر!“ اهي اکر باهر چوڪ ۾ پياري دادا جي پتلي هيٺان
لکيل آهن. جيڪي اچن ٿا، تن کي اها پروڙ پوي ٿي ته
جيڪي ٿئي ٿو، اُن ۾ اسانجو ڀلو آهي.

”شڪر“ اکر جي معنيٰ هڪ ڏينهن پياري دادا اسانکي
سمجهائي. چيائين:- ”شڪر“ اکر ٺهيل آهي ٽن اکرن مان:-
ش + ڪ + ر. ”ش“ آهي شاه. ”ڪ“ آهي ڪري، ”ر“
آهي راضي. جيڪي شاه ڪري، اُن تي راضي رهجي.

هڪ ٻار:- دادا! هي جيڪي توهان اسان کي چڪيو آهي،
اُنجو اڳئين جنم سان واسطو آهي؟

دادا:- پيارا! مون ڪونه چڪيو آهي. چڪيندڙ وينو توهان
کي چڪي. مان ڪجهه ڪين آهيان. خبر اٿو چقمق (Magnets)
ٻن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪ کي ڪوٺيندا آهن Permanent
Magnet، ٻئي کي ڪوٺيندا آهن Permanent. Induced Magnet

جي آيا، سي آگهيا

دادا :- اَڄ جو ويچار :-

” مونکي معاف ڪر، مونکي صاف ڪر، مونکي نئون بڻاءِ، مونکي نرمل بڻاءِ، مونکي پاڪ بڻاءِ، پنهنجي چرنن جي خاڪ بڻاءِ، مونکي دين بڻاءِ، مسڪين بڻاءِ، ڪجهه ڪين بڻاءِ، ڪجهه ڪين بڻاءِ!“

مان اَلائجي ڪيترا دفعا اِها پرارٿنا ڪندو آهيان :- ” پريو! مونکي ڪڏهن نئون بڻائيندين؟“ پر اَفسوس، مان اَڃا ساڳيو ئي ساڳيو- ساڳيون عادتون، ساڳيو سوارٿيٽو، ساڳي خود مطلبي. پريو! ڪڏهن مونکي نئون بڻائيندين؟ نئون مان پاڻهي ٿي ڪين سگهان. پريو! جڏهن تنهنجي ڪرپا ٿئي، تڏهن مان نئون ٿيان!

هڪ ماڻهوءَ چيو ته مان وٽي تو ٻنا صاف ڪريان. ٻاڻيءَ جا لوٽا پري هڪ ٻتو ويو صاف ڪندو. اَڃا هڪ ٻاسو صاف ڪري ته ٻيو ٻون پاسو گندو ٿي پوي. ماڻهن چيس :- ” توکي ڇا ٿيو آهي؟ ڇا ويٺو ڪرين؟“ چيائين :- ” وٽ تو صاف ڪريان “ جواب ڏنائونس :- ” تون ڪٿان وٽ صاف ڪري سگهندين؟“ اِتي اَچي ويٺو هيو. جنهن لوٽا سان نه فقط هڪ وٽ، پر سڀ وٽ ڌوپجي ويا. جڏهن مٽي جو ميٺهن پوي، ته نه رڳو هي بندو ٿيندو، پر توهان مان ڪيترا هڪ ڏڪ سان صاف ٿي ويندا.

هڪ ڀيڻ :- دادا! اسين گناهن ۾ گرفتار: پريو اسان جي

دادا :- هن کي عجيب ٻريوءَ ۾ صدق آهي. هڪ ڀيرو جو گهوٽ گذاري ويو. هوءَ وڌوا ٿي پيئي. کيس جيڪي پئسا هئا، سمورا ٻچاڙيءَ جي ڪريا ڪرم تي خرچ ڪري ڇڏيائين. کيس باقي ٻچيل ڪجهه ڪين هو. هڪ ڪمپنيءَ کيس وڏي رقم جو بل موڪليو. هن وڌوا کي يادگيري هئي ته سندس گهوٽ اهو بل ڀريو هو. ڪمپنيءَ وارن چيس ته اسان جا رڪارڊ ڏيکارين ٿا ته بل جا پئسا ڪين مليا آهن. چيائونس ته توکي ٽي مهنا ڏيون ٿا. جي ٽن مهنن اندر پئسا نه ڀريندينءَ ته توکي پوليس ۾ ڏينداسين. ٽن مهنن ڪانپوءِ ڪمپنيءَ جو ماڻهو هن وٽ اچي ٿو. هيءَ ڀيرو صدقياڻي هئي. چيائين :- ”ٻريو! توکي خبر آهه ته پئسا ڏنا اٿون. پر رسيد ليکي نٿي. (سڄو گهر ڳوليو هئائين، پر رسيد ڪانه لڌي هئس) هاڻي تون سڀ پوري وقت تي ڪندين. يا پئسا موڪليندين يا رسيد موڪليندين.“ ڪمپنيءَ جو ماڻهو اچي بيٺو. چيائين :- ”جي توهين پئسا هاڻي نٿا ڏيو ته مان توهان کي پوليس جي حوالي ٿو ڪريان.“

اُن وقت، جڏهن وقت هيءَ مائي ويٺي دل جي اندر پرارٿنا ڪري ته ”ٻريو! تون پنهنجن پيارن جي اچي پئج رکندو آهين، مون کي ڪين ڇڏيندين، ڪين ڇڏيندين!“ ۽ هي ماڻهو ويٺو دڙڪا ڏئي، تنهن وچ ۾ هڪ پوپٽ (Butterfly) آيو. مائيءَ جو ٻت نديڙو، تنهن چيو ته مان هن پوپٽ کي پڪڙيان. اُت هڪ سوفا (Sofa) پيو هو، اُن جي پنيان وڃي پوپٽ ويٺو. ڇوڪر چوي ته مان پوپٽ کي ضرور پڪڙيان. هڪ ماڻهوءَ کي چيائين ته مون کي مدد ڪر ته مان هي Sofa ريڙهيان ۽ هن پوپٽ کي پڪڙيان. ماڻهوءَ چيس ته مان تيار آهيان. ٻنهي وٺي Sofa کي ريڙهيو ته هڪ ڪاغذ ڪري پيو ڪاغذ کڻي ڏسن ته اها رسيد هئي، جا هن کي کپندي هئي.

Magnet هڪ واريءَ Magnet ٿيو تہ هميشہ واسطي Magnet ٿيو. ٻيا ٿيندا آهن Induced Magnets، جئن Electric Bell ٿيندو آهي. ٻيڙي (Button) کي توهين دٻائيندا تہ بجليءَ جي زور تي گهنٽي وڄي وري current موٽي ايندي. جيترو وقت اُن تي اثر آهي، اوترو وقت Magnet آهي. اثر لهي ويو تہ ڪنهن نہ ڪم جو. ڇڪيندڙ وينو توهان کي ڇڪي.

هڪ ٻيڙا:- دادا! مَن مان سوڪيم اهنڪار ڪئن وڃي؟

دادا:- "شرڻ تنهنجي آهيان، مون کي تون ئي تار!" اِهو سوڪيم اهنڪار منجهائيندو آهي. سڀنيءَ ڪان بہ سوڪيم آهي. اَچي تو منجهائي. اَلائي ڪٿان گهسي تو اَچي.

مان ننڍو هوس. ڪچ بہ ٿيندو هو.- ڪوڪيل يا ڪو مداري ايندو هو تہ ماڻهن جي ٽُڪُن مان لنگهي ويندو هوس. ڪنهن کي خبر ڪونہ پوندي هئي. سوڪيم اهنڪار بہ اِئين آهي. اَلائجي ڪئن هليو تو اَچي.

مان پياري دادا سان جيل ۾ اِئين ويس. منهنجي عمر ايڏي هئي، جو پوليس مون کي پڪڙڻ لاءِ تيار ڪونہ هئي. ٻينو هوس. پوليس چيو تہ هن ڇوڪرات ويچاري کي نہ پڪڙيو. ستياگره جو ٿيو هو. چوڏهان ڄڻا هئا. پهرين پياري دادا (سادو واسواڻيءَ) کي پڪڙيائون. پوءِ ٻين کي پڪڙيائون. مون چيو:- "دادا جيل ۾ ويندو. مان ڪئن ٻاهر رهندس؟" پوليس بيٺي هئي. اُنهن جي ٽنگُن مان لنگهي ويس. پوءِ تالا لڳي ويا.

هڪ ٻيڙا:- پيارو دادا جيل ۾ ڇو ويو؟

دادا:- ڪراچيءَ ۾ ڪجهہ ٿيو هو. تنهن تي پياري دادا ستياگره ڪيو. ۽ اُن ستياگره جا جيڪي بانيڪار هئا، تن کي سرڪار جيل ۾ وڌو.

هڪ ٻيڙا:- "شڪر" واري اِنسان جي ٻي ڪهڙي نشاني آهي؟

راجا ڏي نهاريون ته اسان وٽ سڀ ڪجھ آهي. راجا جا ڏيڍوڻ ۽ ٻٽ آهيون: پوءِ اسان کي ڪھڙي پرواھ؟

هڪ راجا جو پٽ هو. تنهن کي خبر ئي ڪانه هئي ته مان راجا جو پٽ آهيان. ننڍڙو ٻالڪ هو، جڏهن راجا هن ٻار جي ٻانهن پنهنجي پاءُ کي سونپي ٿو ۽ چويس ٿو:- "هاڻ مان وڃان ٿو. جيستائين ٻار وڏو ٿئي، تيستائين راڄ تون هلائج. وڏو ٿئي، پوءِ تون هن کي تخت تي وهارج." راجا ڏذاري ويو. هن پاءُ کي اندر ۾ اچي دغا پيئي سو ڇا ڪيائين؟ راجا جا جيڪي اڳيان ماڻهو هئا، تن مان ڪنهن کي ڪٿي، ڪنهن کي ڪٿي موڪلي ڇڏيائين. اُنهن جي جڳھ تي ٻيا ماڻهو رکيائين جن کي خبر ئي ڪونه هئي ته اڳ ڇا هو. هن ڇوڪر کي رنڌڻي ۾ نوڪر ڪري رکيائين. ڇوڪري ويچاري کي ڪجھ خبر ڪونه هئي. ٻين نوڪرن سان پيو پلبو هو. کاڌو پيتو پيو ملندو هوس. ڏاڍو خوش ٿيندو هو ته مان راجا جي ٻورچيخاني (رنڌڻي) ۾ وڏو ڪم ڪريان. چوندو هو، اِها ڪا گھٽ ڳالھ آهي ڇا؟ اَلائجي ڪهڙي منهنجي قسمت کلي آھ، جو مونکي هي ڪم مليو آھ. کيس خبر ڪانه هئي ته هوُ پاڻ راجا آهي. پهرين ننڍڙو ڇوڪر هو. هاڻ وڏو ٿيو هو.

ڪيترن سالن کانپوءِ هي جيڪو اڳيون راجا هو، تنهن جو هڪ دوست جو پهرين نگر جو راجا هو، هڪ ڏينهن اُن جي دل ٿي ته مان هلي پنهنجي دوست جو راڄ ڏسان ته ڪئن پيو هلي. سندس پٽ هينئر وڏو ٿيو هوندو. ڏسان ته اُهو تخت تي ويٺو آهي ۽ راڄ جو ڪم ڪار ڪئن پيو ڪري. کيس ڪا مدد کپي ته وڃي ڪريانس. اِن ويچار سان هي اچي ٿو ڏسي ٿو ته هڪ ٻيو ماڻهو تخت تي ويٺو آهي. پڇيس ٿو ته "تون ڪير آهين؟" هي چويس ٿو ته "مان راجا جو پاءُ آهيان." هن چيس ته "هي تخت ته راجا جي پٽ جو آھ." هي پاءُ اچي ڏڪيو. چيائين:- "سو ته مري ويو."

ٻرپو ٻنهندا رنگ ڀاڳيهي ٿو ڪري. ڇو اسين اُن ۾ وشواس رکون ۽ چيڪي ٿئي، چئون :- ”شڪر! شڪر!“ جيڪو ”شڪر“ ڪري ٿو، اهو ٻرپوءَ کي ڏاڍو پيارو آهي.

هڪ پيرڻ :- سمجهون ٿا ته هي سڀ ڪجهه فاني آهي، ته به موهه نٿو وڃي. اهو موهه ڪيئن وڃي؟

دادا :- اِنڪري هن ڳالهه جي ورڇ ورڇ ٻارڻ کي يادگيري ڏياريون. اسين هڪ دفعو ڪريون ٿا، ورڇ ڳالهه چڱي ڏيون ٿا. جيئن اڄ ورڇ ورڇ مون و يهي ٻارڻ کي چيو آهه :- ”مونکي معاف ڪر، مونکي صاف ڪر، مونکي نئون بناءِ، مونکي نرمل بناءِ، مونکي پاڪ بناءِ، پنهنجي چرڻن جي خاڪ بناءِ، مونکي دينُ بناءِ، مسڪين بناءِ، ڪجھ ڪين بناءِ، ڪجھ ڪين بناءِ!“ ورڇ ورڇ چوڻ سان اندر ٿوري سجاڳي اچي ٿي.

هڪ ڳالهه ڪٿون ٻ- هي سڀ فاني آهه. اِن کي چوندا آهن ويراڳيه. شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو ته ٻه ڳالهيون توهين هٿ ڪريو :- ١ ويراڳيه ۽ (٢) اڀياس. اِهي آهن ٻــه ٽنگون، جن تي ماڻهو ڊوڙي وڃي ٻار پهچي. ويراڳيه آهه هن ۾ ته ٽپ ٽپ تي ٻارڻ کي چوندا اچون ته ”سڀ فاني آئيئي. مٿان ڪٿي قاسمِن!“

هڪ پيرڻ :- جيستائين اِنسان ٻارڻ پنهنجي ٻيون لي ڪونه بيٺو آهه، تيستائين من منجهي ٿو. ڪنهن جو آڌار اٿس. جيئن راجا آهه ته اهو تربت آهه ته مان راجا آهيان. مونکي ڪمائڻو ڪجھ ڪونهي. سندس دل اندران ٻنهه ڪنڪي ڌڪار اٿي ٿي :- ”ٻرپو! مان تنهنجي شرن ۾ آيو آهيان!“ تئين اسان کي ٻارڻ ۾ وشواس (Confidence) ڪيئن اچي؟

دادا :- ٻارڻ ۾ وشواس (Confidence) اچي ته اسين راجا نه، پر راجا جا سنتان ته آهيون، راجا جا پٽ ڌيئرون ته آهيون. اُن

هن چيس ته ”جي تون هن کي تخت تي نٿو وهارين ته مان پنهنجو سڄو لشڪر ڪٺي ٿو اچان ۽ تنهنجن سڀني ماڻهن کي ٻڌائيندس ته تون ننگو آهين.“ پوءِ هن ڇوڪر کي ڳولين ٿا. ڇوڪر ته بورچي ٿي ويٺي ڪم ڪيو. هن بورچيءَ کي چون ٿا ته ”هل، هلي تخت تي ويهه“ هي وائڙو ٿي وڃي ٿو. چوي ٿو:- ”ڪهڙي ڳالهه ٿا ڪريو؟ مون کي راجا ماري نه ڇڏي.“ چونس ٿا:- ”راجا تون آهين.“ ڇوڪر چوي ٿو:- مان ته بورچي آهيان. مان راجا ڪٿان آهيان؟“ نيٺ کيس سمجهائي تخت تي وهارين ٿا.

اسان جي حالت به اهڙي آهه. اسين آهيون مالڪ تخت جا، پر اسان کي خبر ڪانهي. مايا اسان کي اهڙو دٻي ويٺي آهي، جو اسين پيا سمجهون ته اسين بيمار آهيون. اسان کي جيڪي ٽڪرا ملن ٿا، انهن ۾ ئي شڪر ڪري ويٺا آهيون. اڄ سمجهو، ڪا دل پسند شئه ملي: اسين پيا خوش ٿيون. پر اها ڪهڙي وڏي ڳالهه آهه. منهنجا پيارا! تون ته راجا جو پٽ آهين! هن خسيس شئه تي پنهنجي دل هاري ٿو ڇڏين؟ اسان جي حالت اها آهه. اسان جو lower self تخت تي چڙهيو ويٺو آهه. اهو پيو اسان کي هلائي:- هيئن ڪر، هوئن ڪر. اسان جون واسنائون، اسان جا سنسڪار اسان کان اهي ڪوڙا ڪم ڪرائين ٿا. جي اسين سمجهه ۾ هجون ته جيڪر اصل ائين نه ڪريون. پر اسان کان اهي ڪوڙا ڪم ڪرائين پيا، ڇو جو اسين پيا سمجهون ته اسان جو راجا آهي اهو ego اُن کي وڏو ڪري پيا سمجهون. جڏهن اسان جو سچو پڇو Self ڪلي ٿو، اهو ٻڌائي ٿو ته ”تون راجا آهين. هي ڪوڙ آتيئي.“ هي چوي ٿو:- ”منهنجي سسي نه ڪپجي وڃي.“ چونس ٿا:- ”هي تخت تنهنجو آتيئي. هن جو ڪونهي.“ پوءِ جڏهن ڏسن ٿا ته هي تيار ٿي ويو آهه، پوءِ پاڻيهي گم ٿي ٿو وڃي. جڳن چاچو گم ٿي ويو ۽ پاڻتيو تخت تي ويٺو.

[پونا: ١٩٨٤-٨-٢]



نامياري سنت ۽ روحاني رهبر پوڄيه دادا ڄشن. پي. واسواڻيءَ جو جنم ٢ آگسٽ ١٩١٨ تي حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو. هيءُ ڄمندي ئي ڄام هو، تيز فهم ۽ روشن دماغ هو M.S.c. پاس ڪري ته ٻه دنيا کي ڇڏي، هن جو روح ڇڪجي ويو ته گرديو دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ ڏي ۽ سندس پريم شش ٿي پيو ته! روحاني منزلن جو مالڪ دادا ساڌو واسواڻي پنهنجي روحاني وارث کي وٺي ويو ته آتمڪ اوچاين تي ۽ ڪيس رڱي ڇڏي ته پريوءَ جي رنگ ۾!

جيئن دنيا جو ساگر ۽ شانتي سروپ دادا ڄشن پيو پيار ۾ سار سنڀال لهي هر هڪ انسان، پکي پسون، گل ڦل ۽ ڪک پن جي. سندس جيون آتمڪ گيان ۽ ابياس جي ساکي آهي. هن جي منن اپديشن ۽ روح رهاڻين هزارين دلين کي آنند ٻڌي ڏنو آهي ۽ روحاني راهه ۾ ڇڪيو آهي. ”پيار ۽ ديا“ هن جي جيون جا مول آدرش ٿي رهيا آهن.